اکر اکر آرسي

(استاد بخاري جي شاعريءَ جي لغت)

عزيز ڪنگراڻي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

اَکراَکرآرسي

(استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي لغت)

عزيز ڪنگراڻي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2009ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد جو ڪتاب نمبر (126)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

اکر اکر آرسي (لغت)

ليکڪ: عزيز ڪنگراڻي
ڇاپو: پهريون
سال: جون 2009ع
تعداد: 1000
قيمت: 100/= روپيا

Catalogue Reference
Ustad Bukhari
Aziz Kingrani
Dictionary of ustad Bukhari's Poetry
Sindhi Language
Sindhi Language Authority,
Hyderabad Sindh.
ISBN: 978-969-8194-94-9

Akhar-u- Akhar-u- Aarsi

By:	Aziz Kingrani
Edition:	June, 2009
Quantity:	1000
Price:	Rs. 100 /=
Composed by:	Sakhawat Ali Jatoi
Title:	Muhammad Ramzan Turk
Printed by:	Sindhica Academy, Karachi
Published by:	Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh, Pakistan 71000
Tel:	022-9240050-53
Fax:	022-9240051
E-mail:	sindhila@yahoo.com
Website:	www.sindhila.org

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپنا

سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب، تاريخدان ۽ محقق
پروفيسر عبدالله مگسي جي نالي
جنهن مون کي تاريخ ۽ تحقيق جي ميدان ۾ ڪم
ڪرڻ لاءِ همٿايو.

عزيزڪنگراڻي

ناشر پاران

”اکر اکر آرسي“ جيئن نالي مان ظاهر آهي، سنڌ جي ناميا ري شاعر استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو اهڙو آئينو آهي، جنهن جي مدد سان اسين سندس شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل اکر اکر (لفظ لفظ) کي ڏسي سگهون ٿا، بلڪ ان جي ذريعي سندس شاعريءَ کي سمجهي بہ سگهون ٿا.

سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ پاران فيصلو ڪيو ويو آهي تہ سنڌ جي قديم ڪلاسيڪي شاعرن وانگر سنڌ جي جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغت بہ ضرور هئڻ گهرجي، جن ۾ شيخ اياز کان اياز گل تائين هڪ وڏي فهرست شامل آهي.

قديم شاعرن جي لغت جي ضرورت ان ڪري پوندي آهي، جو وقت گذرڻ سان ڪي لفظ ۽ اصطلاح متروڪ يا گهٽ استعمال هيٺ، تہ ڪي پاڻ تبديل ٿي ويندا آهن يا انهن جو معنائون بدلجي ويندیون آهن؛ ان ڪري پوءِ جي زمانن ۾ انهن کي سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي. جديد شاعرن جي لغت ڇپرائڻ جو جواز هيءُ آهي تہ سنڌ ايتري وسيع آهي ۽ ان جي مختلف خطن جي لهجن ۾ ايترا تہ مختلف لفظ ۽ اصطلاح موجود آهن، جو هڪ خطي يا لهجي وارو ماڻهو ٻئي لهجي جي ڪن لفظن کي سمجهڻ ۾ دقت محسوس ڪندو آهي يا ڪٿي ڪٿي ڪا ابتڙ معنيٰ بہ سمجهي ويهندو آهي. انهن لفظن مان ڪي تہ هو ٻين عام لغتن ۾ ڳولي وٺندو آهي، پر ڪي وري انهن ۾ موجود ڪونہ هوندا آهن. ان ڪري ڪنهن شاعر جي شاعريءَ جي لغت جي ذريعي نہ صرف انهن لفظن يا اصطلاحن جون معنائون ڄاڻي سگهبيون بلڪ ان ريت سنڌ جي مختلف خطن ۾ مروج لفظن جو ذخيرو (Vocabulary) بہ هڪ هنڌ گڏ ٿي سگهندو.

استاد بخاريءَ جو پنهنجو نرالو ڊڪشن آهي، سندس شاعريءَ ۾ پنهنجي تر يعني ڪاڇي ۽ ڪڇي جي ٻوليءَ جا ڪيترائي خوبصورت لفظ استعمال ٿيل آهن، جن کي هن لغت ۾ آندو ويو آهي. اسان کي اميد آهي ته هن لغت مان پڙهندڙ نه لاڀ پرائيندا، پر ان ۾ آيل لفظ ۽ اصطلاح هڪ هنڌ رڪارڊ ٿيڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ شاهوڪاريءَ ۾ پڻ واڌارو ڪندا ۽ اسان جي لغت ۾ به واڌاري طور شامل ڪري سگهبا.

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن

10 جون، 2009ع
حيدرآباد_سنڌ

پنهنجي پاران

سنڌي ٻوليءَ کي جن شاعرن ۽ تخليقڪارن تي ناز رهندو، انهن ۾ سيد احمد شاهه استاد بخاري سر فهرست آهي. سنڌي شاعري ۾ روايتي فارسي اثر جي پُڄاڻي کان پوءِ سنڌي شاعري کي جيڪي اعليٰ ۽ روشن خيال ذات ڏٺي نصيب ٿيا ۽ جن پنهنجي بي پناهه تخليقي صلاحيت، ذات، ڏانءُ ۽ تخيل کي سنڌي ٻوليءَ جي جهولي پرڻ لاءِ نهايت خوبصورتي،حُسناڪي ۽ ڪماليت سان ڪم آندو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي زرخيزي ۾ اضافو ڪيو، انهن ۾ استاد بخاري مٿانهون مقام رکي ٿو.

ورهاڱي کان پوءِ جيڪي شاعر سنڌيءَ ۾ پنهنجي پوري تخليقي سگهه سان سامهون آيا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ صحيح معنيٰ ۾ جديد ڪلاسڪ جو درجو رکندڙ، شعري رستا جوڙيا، تن ۾ شيخ اياز، امداد حُسيني، تنوير عباسي، شمشيرالحيدري سان گڏ استاد بخاري به اهم حيثيت جو حامل شاعر آهي،جنهن پنهنجي شعر ذريعي سنڌي شاعري ۽ سنڌي ٻولي کي زرخيزي عطا ڪئي. استاد بخاري پنهنجي هم عصر شاعرن ۾ اڪيلواهم ۽ منفرد شاعر آهي، جنهن پنهنجي شعر جو رشتو هڪ طرف ڪلاسيڪل شاعري سان ڳنڍيو ته ٻئي پاسي هم عصر دور جي مسئلن، حالتن، ماحول، جذبات ۽ موضوعن کي اهڙي رنگ ڍنگ ۽ انداز ۾ بيان ڪيو جو سنڌي شاعري پنهنجي تخليقي، تعميري، فني، ۽ فڪري معيار کي قائم رکندي، ڊرائنگ رومن، مشاعرن ۽ خاص طبقي جي محفلن مان ٻاهر نڪري، عوام، ان ۾ به عام ماڻهن ۽ انهن جي ٻولي، جذبن ۽ احساسن جي ترجماني جو اعليٰ مظهر بڻجي پئي. اهو ئي بنيادي ڪارڻ آهي جو استاد بخاري منفرد ۽ مقبول شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. استاد بخاري سنڌي ٻولي جو اهڙو شاعر آهي جنهن جي شاعري ۾ سادگي، نرالپ، منفرد انداز بيان ۽ اسلوب، فڪري گهرائين، اعليٰ

فني پهلوئن، اڇوتن موضوعن، ڪردارن ۽ تخليقي سچائين جي خوشبوءِ شامل آهي. سندس شاعري جي گهڻ رخي خاصيتن جي ڇنڊڇاڻ ۽ تفصيلي اڀياس سان جديد سنڌي شاعري کي سمجهڻ ۽ ان جي ڪٿ ڪرڻ ۾ اَوس مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي پر سندس عوامي ٻولي جيڪا خوبين جي هڪ خزاني کان گهٽ ناهي سا وڏي وٿ بہ آهي تہ سنڌ، سنڌي ٻولي، تاريخ، سنڌي سماج ۽ سنڌي عوام جي تشخيص بہ آهي.

شاهہ لطيف، مرزا غالب ۽ ٻين اهم شاعرن جي شاعريءَ جون لغتون ترتيب ڏنل آهن. انهيءَ اهميت کي ذهن ۾ رکندي مون استاد بخاري جي شاعريءَ جي لغت تي پئي ويچاريو آهي. سندس شاعري جي شايع ٿيل اٽڪل 22 ڪتابن مان لفظ ميڙڻ، چونڊڻ ۽ ترتيب ڏيڻ شروع ڪيا. استاد بخاري جي شاعريءَ جي لغت ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڄاڻايل لغتون منهنجي مطالعي ۾ رهيون.

1، لغات سنڌي، عبدالڪريم سنديلو.
2، سنڌي- انگريزي لغت، پرمانند ميوارام.
3، نئين جامع سنڌي لغات، ٽہ جُلدي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.
4، هندي اردو لغت، راجا راجيسور راءُ اصغر.
5، فرهنگ فارسي، ڊاڪٽر محمد عبداللطيف.
6، فيروزاللغات اردو، مولوي فيروزالدين.

شاهہ لطيف جو لاڳاپو لاڙ واري علائقي سان هو، جنهن ڪري سندس شاعري ۾ لاڙ جي لب لهجي ۽ ٻوليءَ جو اثر نمايان آهي. سچل سرمست جو واسطو سنڌ جي سري يا اتر واري ڀاڱي سان هئو، ان ڪري سندس شاعريءَ ۾ اترادي لهجي ۽ ٻوليءَ جو رس جهلڪندي نظر اچي ٿو. وچولي ۾ جلال ڪٽي پڻ ذڪر لائق شاعر آهي پر استاد بخاري سنڌي ٻوليءَ جو واحد اهم ۽ وڏو شاعر آهي جنهن جو، سنڌ جي وچولي واري حصي سان تعلق آهي. استاد بخاري ٻين وڏن شاعرن وانگر لاڙ توڙي اترادي لب لهجو بہ ڪم آندو آهي پر استاد جي شاعري تي وچولي جو اثر واضح نظر اچي

تو. اُنهيءَ جي ڪري اسين استاد بخاري جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل ٻولي ۽ لب لهجي وسيلي جهڙوڪر ٻهريون پيرو وچولي واري ٻولي ۽ لب لهجي کان روشناس ٿيون پيا.

استاد بخاريءَ، سنڌي ٻوليءَ جا مروج لفظ ۽ اصطلاح بہ ڪم آندا آهن، پر هن اڪثر مروج لفظن کي نيون معنائون ڏئي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم بہ آندو آهي تہ نوان لفظ ۽ اصطلاح بہ تخليق ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ضخيم بڻايو آهي. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل ٻولي جي وڏي خوبي ۽ خوبصورتي اها آهي، جو هن گهڻو ٺيٺ عوامي ٻوليءَ کي اظهار جو وسيلو بڻايو آهي. استاد بخاري، تخليقي سطح تي بہ ٻوليءَ جو گهڻو استعمال ڪيو آهي. ٻين وڏن شاعرن جيان استاد بخاري بہ شاعريءَ ۾ ٻن لغتن کي ڪتب ۾ آندو آهي. هڪ اصل يا درست ۽ ٻي غلط العام واري، جنهن کي اسين ٻوليءَ جو سماجي ۽ تهذيبي استعمال بہ چئي سگهون ٿا. مثال طور استاد بخاري لفظ ”يا حُسين“ کي اصلي صورت بجاءِ غلط العام يا عوامي لب لهجي ۾ ”يانحسي“ طور ڪم آندو آهي.

استاد بخاري جي شاعريءَ جي ترتيب ڏنل هن لُغت ۾ اصطلاحن، فقرن يا لفظن جون جيڪي معنائون درج ڪيون ويون آهن، انهن سان اختلاف ٿيڻ، ٿي سگهن ٿا. هيءُ ڪم حتمي نہ پر شروعاتي سمجهڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ استاد بخاريءَ جهڙن وڏن شاعرن جي شاعريءَ ۽ ٻوليءَ تي هن سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ جي گنجائش سدائين رهندي. مون کي اميد آهي تہ منهنجو هي پورهيو رائگان نہ ويندو.

عزيز ڪنگراڻي

15 اپريل 2009ع
گورنمينٽ ڪاليج جوهي

الف

آبيسي ج آبيسي: ذ (آويشي) دل وارو جُنون يا عشق وارو محبتي، هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪندڙ خوش اخلاق.

آهيان آبيسي، آديسي اوچي نہ چٺوا

آيار ج آيارُون: ث. آٿت، هُشي ٽيڪ، ساراهہ.

"سعيا، سانگا، ڪانگ ڪيم،

آيارون ڏئي روز اُڏاريان."

آياس ج آياسُون: ث. روشني، چمڪ، تجلو، صورت، عڪس.

"اونداهي آڪاس ۾، سوياري آياس"

آترويلا ج آترويلائون: ثذ آنڌ مانڌ، اُڻ ٿُڻ، لُچ پُچ، هُرڪُر.

"اِيءَ آترويلا، ايئن ڪيئن سلي سگهان"

آتِش ڦينڪ ج آتِش ڦينڪ: ذ. آتش فشان، آگ اوڳاڇيندڙ.

"آتش ڦينڪ پهاڙ جي، پر ۾ جھومي جمنگ"

آٿ ج آٿُون: ث. انگل، آٿو آرو تاڏر سيٺ، ڏنگائي، ضد، آڪڙ، هوڏ

ٽيڙن ۾ ٽڙڪات،

ڏاڍن زورن سان پڳي،

اونداهيءَ جي آٿ.

آئِي ج آئِيُون: ث. ويڙهي (شئَ جي) ڊيري، سوچ، سُجاڳي، تحرڪ جو سامان، تبديلي جون انڪلون.

"ڇُريو چرخو پيو ٻِلي ڪتيون ڪي آئيون"

آپٽو ج آپٽا (سرائڪي): ذ. پنهنجو منفرد، نرالو الڳ.

"تنهن هوندي پڻ تو جوڙيو جيون آپٽو"

آجڪو ج آجڪا: ذ. خوشحال، آسودو آباد، توشو، ملڪيت، آڌار.

"ويندا ويرانا، آجا ٿيندا آجڪا"

آجائِي: آزادي

هر ذات سچيءَ کي ڏنيپ ڏيو۔

هُو پنهنجا پر ڦهلائي چو؟

آجائِي جاڳائي چو؟

آج ج آجُون: ث. اُدم، سعيو ڪوشش، جاکوڙ.

"آج بہ آجي آوج بہ آجا، سپنو ساپيا جهڙو سوچيم"

آجو ج آجا: ذ. ڪاهو (ڪنارو)، آولو آوڪو، ڏُکيو.

"اوسيڙو ۽ آئون، آجو بيڙو پار ۾"

آجهار ج آجهار: ذ. لاهو گهرائِي (سمنڊ يا درياهہ جي) اندران، لِڪ، اندر ۾، دل ۾.

"آجهاران انڪار بخاري، اوران اقرار"

آچارو ج آچارا: ذ. وهڪرا، گهيرا، بارش جا اوهيرا، لهرن جي لس ليٽ جو وهڪرو تڪليف ڏيندڙ.

"بيچيني بيمار چولي چاچر ٿي لچيا،

هُوڪ ٻنهيءَ ۾ هيڪڙي، آچارا آزار

آچار ۽ ويچار سُرِپُر سيم سچيءَ ۾"

آديسي ج آديسي: ذ. مڃيندڙ فرمانبردار

پنڪندڙ جوڳي. بي وطن. رولاڪ.

"آهيان آبيسي، آديسي اوچي نہ چئو"

آڙ. ج آڙ: ذ. وهڪرو تيز وهڪري جي چڪ. لهر جي اُٿل پٿل جوش. جذبو تيزي، زور.

"ويروتار وَهان، اهڙو آر اچي ڪو"

آڙ. ج آڙ : ذ.هن پار هِن پاسي،اورينءَ پرِ يا ڪناري.

"آءُ ۽ آهُون آر لڇون پيا،پريتم تڙپيا پار"

آڙ. ج آڙ : ذ. پيار. هيج. تانگهہ. چاڳ. لاڙو آئو.

"دل خزان،چوٽي بهارن تي مرين؟

ويءَ تي ويران آر ايڏو نہ ڪر"

آرزُو: اُميد. تمنا

"آڏو رهبر آرزو، پويان رهزن پٽ"

آرنڀُ ج آرنڀ: ذ. مُنڍ. شروعات. مُهاڳ. اول.

"آرنڀ رب الک. جنهن جي لک نہ ليک"

آرو. ج آرا: ذ. ڪرت.وڍيندڙ.

"الا! عشق آرو ڪپي پوءِ بہ پيارو"

آروهہ: چاڙهہ. چوٽ. بلند. موسيقيءَ جو چاڙهہ واروسُر. پيار پريءِ لوڏ. جوش.[1]

"اُپرن تہ آروهہ اُلهن تان امروهہ"

آرهڙُ ج آرهڙ: ذ. اونهارو گرمي. توانائي.

"اجهل اعتماد. آرهڙ جو اوتر ٿئي"

"آرهڙ جهڙي آهہ سرديءَ کي ساڙي رکي"

آريچو. ج آريچا: ذ.درياهہ جي هِن پر

[1]. **آروهي:** مٿيان سر. **امروهي:** هيٺيان سر

وارا. درياهہ جي اورئين پاسي وارا.

آريچو پاريچو. ج آريچا پاريچا: ذ. سنڌو درياهہ جي اورئين پاسي ۽ پرئين پاسي رهندڙ(سمورا سنڌ واسي).

"آريچا پاريچا پرچي ڌرتيءَ جا پرپُور سهارا،

ڏوڏارا ڏونڌارڙي وجهندا"

آڙنگ ج آڙنگ: ذ. اُپ. گرمي. گهُٽ پُوسٽ. رُڳهہ.

"اُهميءَ ۾ اوتر، آڙنگ ۾ آگم جٿين"

آسارو ج آسارا: ذ. آسوند. اُجارا

"آساري اڏرات، اوسر جا احساس"

آسارو: ذ. پسارڪو وکر. دوا. علاج. خوش ڪندڙ.

"آسارواڪسير،هڪ ٽِڪ هيڄُ حبيب جو"[2]

آسانگو. ج آسانگا: ذ. آسرو تعلق. ڳانڍاپو سهارو

"آهن آسانگا يا. سارا سانگ رُسي چُڪا؟"

آس : اُميد. تمنا

"آس اُجي استاد جي،رُج اجا رمندي"

آس اُٽڻ: اصطلاح. اُميد جوڙڻ. پروسو ڪرڻ. اتساهہ جاڳائڻ.

"آس اُٽڻ جو هينئڙو اهڙو ماهر آ،

ويئي ويئي بيئي بيئو اُٽندو هان"

آس وڍائڻ: اصطلاح. اُميد يا پروسو ختم ڪرائڻ. تمنا ٽوڙائڻ.

"اميد آس وڍائي ڇڏيو اگر وڃي"

[2]. **آسارا:** آسارا. اُجارا.

اسارا اسارا. ڪينجهر جا ڪنارا (اياز)

آفتاب آٿائڻ: اصطلاح. روشني ڦهلائڻ، سجاڳي پيدا ڪرائڻ، شعور جاڳائڻ، انقلاب برپا ڪرائڻ.
"سنڌ ڇا، پنهنجو نئون سنسار چمڪائي ڇڏيان
ڏيئي ڏيئي جي جڳهه تي آفتاب آٿائي ڇڏيان"
آڪارُ، ج آڪارُون: شڪل، صورت.
"ڪڻ ڪڻ جي آڪار مان اوريڪون آيون"
آڪيرا اَکڻ: اصطلاح. آڪيرا تڪڻ، گهر اک ۾ ڪرڻ.
" نيري ڪاري رنگ، اَکيا آڪيرا گهڻا"
آڪيڙو، ج آڪيڙا: ذ. ڪش، ڇڪ، وٺ، وڳڙ هٿ سان هلائڻ واري جنڊ جي مٿئين پُڙ ۾ قائل مڪڙي ۽ جنڊ جي ڪِير ڪي مٿان ايندڙ مڪڙيءَ کي ملائيندڙ اڳڙيءَ ڪشڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاٺي.
"اکين اکين کي ڏنا استاد آڪيڙا"
آڪاڻي، ج آڪاڻيون: ث. ٻُڌل ڳالهه، فرضي قصو ڪهاڻي.
"دنيا هيڏي پياري سهڻي،
عُقبا ڪيڏي نالي واري،
"هيءَ هِڪ ناٽڪ، هُوَ آڪاڻي"
آگاهِي، ج آگاهِيون: ث. ڄاڻ، معلومات، واقفيت.
"آگاهيون 'استاد' ڇٽي،ساگر کان ساحل"
آگو ج آگا: ذ. مالڪ، خالق، وس وارو، مرضي وارو، آغا، آقا.
"امن توڙي جنگ جو آگو آ انسان"
آڳ: ج ذ. باهه، ڳاڙهاڻ، سُرخي، لالاڻ.

زنگي جو وڏو گُل آ،
لالي جو ننڍو گل آ،
..... پر آڳ گهٽي ڪنهن ۾.
آڳانجهو، ج آڳانجها: ذ آڳاٽو اوائلي، اڳي، تمام گهٽو.
"آڳانجها آگاهه سورج تنهنجي سڄَ کان"
"آچينديون استاد ڪي، آڳانجها آلاپ"
آڳ اُڇلڻ: اصطلاح. باهه ڏيڻ، جلائڻ، تباهي مچائڻ، بم بارود اڇلڻ.
"جتي جو بہ چاهي، اتي آڳ اڇلي،
هي پرمار مارا نڌڻڪا نہ آهن"
آڳ ڏکڻ: اصطلاح. باهه ٻرڻ، اندر ۾ غمن جا مچ مچڻ.
"باغ بن بن تي ڪِري وڃ لڪائي نہ سگهي،
آڳِ رڳ رڳ ۾ ڏڳي ڍڪي بينو هان"
آڳ سوگهي رکڻ: اصطلاح. درد دٻائڻ، ڏک لڪائڻ، تڪليف بيان نہ ڪرڻ.
ڇا لکان ڍڍ تان ڍڪڻ لاهي ڇڏيان؟
آڳ سوگهي ٿو رکان، دونهون ڪيان"
آڳ لڳڻ: اصطلاح. باهه لڳڻ، مچ مچڻ.
"ڪنهن ريت ڪنن ۾ جاڳ جلي،
شل آڳ لڳي ڪا غزلن کي"
آڳ ۾ ڪُمڻ: اصطلاح. باهه مان گذري وڃڻ، سڙڻ ۾ سُرور ملڻ، تڪليف عبور ڪرڻ.
"محبت جو معجزو يا ڪرامت شباب جي
استاد عشق۔آڳ ۾ گهمندو ڏٺو اٿم"
آلاڻي ج آلاڻيون: ث. ڇُوڇڙيءَ

چٺانتي، چاتڙي، درد/ ڏک جي باهہ.

"آلانيون آڙاهہ، پسين پوءِ پتو پوي"

آمِي ڦاپِي ج **آمِيُون ڦاپِيُون**: ٿ.(عورتن جا نالا، آمنہ ۽ فاطمہ) ٺٽي جي ٻن مظلوم عورتن جا ڪردار جيڪي عربن جي هَوَس جو شڪار بڻيون، عام ڳوناٽيون، بيوس ڳوناٽيون، سِنڌ جون عام نياٽيون.

"شڪاري ٿا تاڙين آميون ۽ ڦاپيون،
هي ڪينجهر ڪنارا نڏٽڪا نہ آهن"

آنڊا وٽجڻ: اصطلاح. سخت بک لڳڻ، بک جا چڪ لڳڻ.

"شاعر تنهنجون سڀ تشريحون ٽانڊا، وٽجن آنڊا، داد ڏيان، ڪهڙا؟"

آنڊو ج **آنڊا**: ذ. عضوو رت جو رشتو عزيز مٽ مائٽ.

"نڪي هُو تنهنجو هڏ ها، نڪي ها آنڊا"

آنهَرِي ج. **آنهَرِيُون**: ٿ. آرسي، آئينو، مستقبل جي چاڻ ڏيندڙ اهڃاڻ، سڌ ڏيندڙ روشنيون.

"آهي ڪو آٽي، اڳي پوءِ جون آنهَرِيُون"
"اندر ۾ آهِينءَ عجب جهڙيون آنهَرِيون"

آئِيـ: اڄ نا (اُتر سنڌ، شڪارپور وغيره علائقي ۾ ڪم ايندڙ "اچڻ" جو امري صيغو.

"عشق عقل آ! ني، سِرسلو سلجهاءِ هي"!
"چوڦير بهارون آيون، هاڻ تہ هليو آ ني"

آوازُ جاڳائڻ: اصطلاح. ماڻهن ۾ حق گهرڻ جو حوصلو پيدا ڪرڻ، حق گهرڻ جي همت پيدا ڪرڻ، آواز پيدا ڪرڻ.

"ڪيئن بہ ڪري ۾ آوازن کي جاڳايو
ماڻهن سان نہ تہ ڳلين سان ڳالهايو"

آواندو (آوانڊو) ج **آواندا**: ذ.ڳنڍيو بند، (اَڏ ٻنڌيو). آڏ جو آوانڊو لوڙهڻ، آڏ جو پاٽي چورائڻ.

" جو تنهنجو آواندو ٿو لوڙهي سو رهزن،
جو مهراڻ جو منهن ٿي موڙي اهو چاڻ؟

آهہ اُڏارڻ اصطلاح. دانهن، ڪُوڪَ، فرياد ڪرڻ.

"پهتي نہ توڙ تائين، جا آهہ مون اڏاري"

آهُن جو آڙاهہ ٿيڻ: اصطلاح. سراپا احتجاج ٿيڻ، دانهن جو مچُ.

"پوءِ بخاري ٿي وئي آهُن جو آڙاهہ"

آهوڙو ج **آهوڙا**: ذ. جنڊ آهوڙيندڙ پٿر ٽُڪيندڙ محنتڪش، انسان، ويڙهاڪ، انقلابي.

"متر ڪا چيٽيون ڪٽي اُٿيا آهوڙا"

آهيرو ج **آهيرا**: ذ. واهيرو آڪيرو بسيرو ٺاڪ.

"ائين آهيرو اُن جو منهنجي آس ۾"

آيتن جي ڇانءَ ۾: اصطلاح. مذهبي آڙ وٺڻ، ڌرمي سهارو وٺڻ

"هر زماني آيتن جي ڇانءَ ۾،
جو بہ ظالم سو ظلِ سبحاني ٿيو"

اُبتو سُبتو: ذ. اڳتي پٺتي [دودو نالي جا پد اڳتي پٺتي يا ڪاٻي ساڄي ڪري پڙهڻ سان بہ ساڳيو دودو ئي رهندو- پڙهبو].

"توڙي اُبتو توڙي سُبتو دودو آ دودو"
اُبتي. ج اُبتيون: ث. اُلٽي، اونڌي، بيڪار، نقصانڪار.
"پوکي ٿي سُبتيون صديون اُبتيون ڇڏ پيهين"
ابوالهول: مصر جو قديم دور وارو پٿرائون بت، سڪٽي ڏيک وارو ظاهر ۾ مضبوط
"ڏاين جو ڏهڪاءُ، آهي ابوالهول جان"
اُباڻ: صفت. اُباڻڪو، اُداس، مايوس، غمگين.
"جهڙو سانجهي ڏاري صحرا،اهڙو آءُ اُباڻ"
"چوڏهينءَ جو چنڊ آهه اُباڻ"
اُپ. ج اُپون: ث. گرمي، سوڙهه.
"پُڄ زار ڪان مون آڳ جو ساگر اُڪريو
هي اُپ ته برسات جو اوبر آهي"
اُپون ڪيڻ: اصطلاح. ٻاڦ ڪيڻ، گرمي ڪيڻ، ٺوڪارا پرڻ.
"اندر ٻري آڳ، ٻاهر ٻاڦ اُپون ڪيدان"
اُپامڻ: اصطلاح. اُٿلڻ، هارجڻ، نه ماپڻ.
"خوشيءَ ۾ اُپامي، غميءَ ۾ اُجهامي"
اُپ ٽپڻ: ڏکيو ڪم سرانجام ڏيڻ، ناممڪن کي ممڪن بنائڻ.
"ڇا جا جهنگ جبل آءُ تان اُپ ٽپي وڃان"
اُپوو. ج اُپوا: ذ. بي ڊپو بي خوف، بهادر.
"اپوا انبوهه، سوين سان ڪنيو وتوا"
اُپو. ج اُپا: ذ. اونچو مٿانهون، نه جهُڪڻ وارو سرڪش.
"جو اُپو ڳاٽو اهو ناهي جهُڪيو"
اُپو: مٿيون، اتر، سرو اتر سنڌ وارو علائقو.
"ڪچي پڪي تائين، اُپي کان لمي تائين"
اُپو ڳاٽو. ج اُپا ڳاٽا: ذ. اوچو ڳاٽ، مهايون، سر_ اوچو بهادر.
"جو اُپو ڳاٽو اُهو ناهي جهُڪيو"
اُتاڙ. ج اُتاڙ. اُتارڻ (مصدر) وهه پريو مخموري جامُ.
"وقت ڏئي واها، اوتيو ڏات اُتار ٿئي"
"ڪلئين رِهه جي ڪاٽ،اوتيون ٻات اُتار جي"
"اوتج ڪو اوتان پيتي پيڙ مري نه ٿي"
اِتحاد: ٻڌي
"مون ناد ٿي اتحادُ وَڄايو
هِن ديس جو هر فرد جاڳايو"
آتوتي. ج اُتوتي: ذ. ساڙ سڙيو آڪرو عداوتي، هوڏي، حاسد، رقيب، هڪ ٻئي مٿان، هڪ ٻئي پويان چاول (ٻار).
"استاد سان آتوتي، ايڏو نه ٿي زمانا!"
"پاپي پراوا، اتوتي پنهنجا به ها"
آتور: جنهن جا ڳڻ نه توري سگهجن، ترڻ کان مٿي، بي مثال، وڏين وصفن وارو (آري/ پنهون)
"ڀهڳڻ ڀيا به گهٽا، پر آرِي آهه اتور"
"ڪِن ٿي ڪور، ڪسور، ڪن ٿي تور اتور ڇو؟"
اتيتو. اتيت (ذ) جوڳي، رمتو فقير، سچو مهمان.
"اتيتن جي آهه توکي تڙپايو رکي"
اٿو. مٿو. ج. بلو پيٽي، ٽاڪ، دنگ
"نڪي عشق تنهنجا اٿا ۽ مٿا"
اُٽ. ج اُٽون: ث. اُڏام، پرواز، طاقت، سگهه.

"وينوڪانگ تڪي،تڪي اُتُ عُقاب جي"

أناٽڻ: اصطلاح. دل ڪٽي ڇڏڻ، ڪتو ٿيڻ، مزو نه اچڻ، چاهه نه ڪري وڃڻ.

"اجل ڪيئن آجهل جيڪو ڪنهن ڪر روڪيو؟
آيو أناٽيو وڃي، آوس آهه اٽل"

آنـڙ. نه ٽرندڙ اٽموت. پڪو پختو.

"آٽون عزم اٽر صاف ڪنداسين سيم کي"

آنسلو، ج **آنسلا**: ذ. اٽڪل. نڙڪ نڳي. ٽل.

"انقلاب انسلو متان سمجهين.
انقلاب انتظام سان ايندو آ"

أٽي أٽيون: ث. ڏاڇي، اَبوجهه نارِيءَ ڏانهن اشارو بي شعور عورت.

"سوچو ڪُونهان ڏنلبرون،اٽون پٽ اُٽيون"

اُٽيون أٽ: ڏاڇيون اٽ. بي سمجهه عوام مرد عورتون.

"هي فيصلو هرڻ گڏ، ڦاڙها، سها ڪندا. ٻڪريون رڍون اُٽيون اُٽ، ڳايون ڏيگا ڪند"

آپچڙ. ج. **آپچڙ**: ذ. سهڻي يا سهڻو. خوبصورت، سباجهڙو.

"متارا مزدور اپچر تو در آئيا"

اُپڙڻ: اصطلاح. وڙڻ ويجهڻ،اُسرڻ،ايرڻ.

"اُڪڙيو اُڪڙيو اُپڙيو اُپڙيو ٽيڪ ڏني آ
ڪنهن کي تاٽي؟"

آجيتُ ج **آجيتُ** ذ. جنهن کي فتح ڪري نه سگهجي. نا قابل فتح يا شڪست.

"اوت استاد تنهنجي امرت ڇو
جوت تر جي اجيت جهڙي آ"

آجيتو (آجيت). ج **آجيتا**: ذ.ناقابل فتح يا شڪست، جنهن کي کٽي يا هارائي نه سگهجي،آڻ نه مجيندڙ

"دودي دريا خان جو آجيتو اولاد"

اُجامر: آبحيات، امرت،لازوال.

"اوتج اُجامر، اِتان ئي ٿي اورتي"

آجَ ۾ ٽڙڳڻ: اصطلاح: حال ۾ جاڪوڙڻ. وقت تي تدبير ڪرڻ.

"اج ۾ ٽڙڳون آنه سنسا لاهه سَپاڻ جا"

آجَ وَجائڻ: حال ملهائڻ، هلندڙ وقت ۾ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جاڪوڙڻ.

"ڪَلهي لاٿم ڪالهه کي،اُٿيو اج وَجايان"

اُجهڻ:نبرڻ، اُڪلجڻ، گذرڻ، ساپيان ٿيڻ.

"جيڪي اُجهي اج، اوجيلا!
سپان ساپيان ٿئي نه ٿئي"

اُجهندو، ج **اُجهندا**: ذ. اوندهه ظلم ڏاڍ جو اُهڃاڻ، سُجهندي جو ضد.

"اُجهندو ڪيڏو اِنڌ ڪري ته به.
سُجهندو استاد آهي سُجاڻ"

اُچاٽ ج **اُچاٽون**: ث. اُداس، نِراس، مايوس، بيقرار.

"جيڏا تاهه جهان ۾ ايڏا چاهه اُچاٽ"

آچال. ج **آچالون**: ذ. اڏنگي روش، خراب هلت، غلط رسم.

"اها چال آچال،آهي آدجُڳاد جي"

اِڇڙي پِڇڙي ج **اِڇڙيون پِڇڙيون**: ث. ذري پُرزي، ننڍي کان ننڍي شيءِ

"اِڇڙي پِڇڙي ڇٽين ته سٽايان،
ٽوري ۾ نه ته کوڙ ڪتايان"

اِڇا. ج اِڇائون: ث. تمنا، خواهش.
"اِڇاعرشان فرشان اِڳتي ووجومنهنجووَسُ"
آڇُ. ج آڇُون: ث. پاڻيءَ جي اڇاڻ، چمڪ.
"اوتر اُڻي اڇ، متيون ڇتيون ڇوليون"
"اُيريا متان آڇ، هي چو ڳاڙها بلبلا"
اِحساس اوپارڻ: اصطلاح. احساسن/ جذبن جو جلائڻ، اذيت سهڻ، عشق جا تاوَ سهڻ، ڪاڙهڻ.
"اوپاري اِحساس کي، رڳون روح رڏي"
اُدم= عزم، پڪو ارادو. پڪو پهه، اڻٿڪ ڪوشش.
اِدارو، ج اِدارا: ذ. مڪمل ڪاتو انسٽيٽيوٽ.
"شوق شعبو گهُريو تو اِدارو ڏنو"
آڏائڻ: اڏو اڏ ڪرائڻ، ٻہ اڏ ڪرائڻ.
"سرتيون مان هي سينڌ ڏيان تي، دهشتڪارَ آڏايان. سڀئي پوءِ سڏايان"
آڏجڻ: وڍجڻ، اڏواڏ ٿيڻ، ڳيا ڳيا ٿيڻ.
"اجل جيڻن آڏيو اُمنگ انگ عُشاق جا"
"رُڳو سورهيہ هاڻ، عقل ريءَ اڏجيو پوي"
اڏرات. ث. رات جو اڌ/آڌي رات، اونداهيءَ جي علامت، غُلامي جو دور.
"آءُ وڍيون اڏ رات کي، آيو جاڻ آشور"
اُڏمڻ: اُڏما پيدا ٿيڻ، جنبش جاڳڻ.
"سيني اُڏميو مِڪ، اڪين مان اٿليو پوي"
اُڏو. ذ. وڏيو مٿي چڙهيو جاڳيو.
"دار تي رهندو اُڏو جهُڪيو ناهي"
"روز ارادو عزم اُڏو تي، شاعر تو چو ڪجهہ نہ ڪُڇيو تي"
اُڏارڻ: اُڏائڻ، پکيڙڻ، وکيرڻ.
"انڌارن ۾ شعلا اُڏاري چڏيئہ"
اُڏڻ: اصطلاح. (امر: اُڏو). اڏامڻ، پچي وڃڻ.
"اُڏر اورا تا ڀِهتا آٿت اوچتو"
اُڏ ٻڏ ج اُڏبُڏون : ذ. اُڻ تُڻ. پريشاني، هورا ڪورا.
"تو ٻنڌاڻ سيسم جي اُڏ ٻڏ ٻڏي"
اُڊڪو. ج اُڊڪا: ذ. اُلڪو هُرکُر. اٽڻ، کُٽڪو.
"چهري تي چهہ ٻهہ مچي، اندر ۾ اُڊڪو"
اُرَ. ج اُرَ: ذ. روح، من. هِردو سينو شوق، چاهہ.
"مشڪل ۾ مون اُرَ هرڪايو ٽانبن تي ٽهڪايو"
اُرَ ج اُرَ: ذ. تانگهہ، اُلر، چِڪ، موهہ.
"هٿ ۾ سوگهو هٿ، اِڇا اِڳتي اُرُ"
اِرَ. ج اِرَ. ذ. لِڪ، آڙ، راز، ڳُجهہ.
"اکين اکين کان رکيو ناهہ بخاريءِ اِرُ"
آرتو روئڻ: رت روئڻ، ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙڻ.
"ارتو روئن اوندهون، شُعاع ٿين شل"!
ارٿاڪ. ج ارٿاڪون: ث. شاهدي، نشاني، علامت، اهڃاڻ، اُمارو.
"عرشان فرشان ڪَششان اچي ڪا ارٿاڪ"
ارٿُ. ج ارٿَ. ذ. مطلب، معنيٰ، مفهوم، ڳجهہ راز.
"لکين رکيل ڪَکہ انهيءَ اونهي ارٿ تي"
"اندر ارٿ علاج ۾ اندر درد اڏا"
آرداس. ج ارداسون: ث. گذارش، عرض،

پڪار صدا، منٿ.

"يا خُدا اُستاد جي آرداس ٻڌ"

آرڳ. ج ارڳ: ذ. عرق، ڳَرُ، رَس.

"اُن جي ارڳ اُمنگ سان ڌرتي رنگ رتي"

اُرڙي ج اُرڙيون. ٿ. بيماري، اهنج، آزار. (بار کي منهن ۽ جسم تي داڻ داڻ ٿيڻ).

"ڳُهمنديون گهٽين ۾ وتن اڻ روڪيون اُرڙيون"

آرو. ج آرا. ذ. نارَ جي چڪر جو ڏندو، وارو لپيٽ، وڪڙ آڪيڙو.

"بار آيئہ چڪر جي آري روبرو"

اڙد. ج اُڙدَ: ذ. هشام، گهٽا، لشڪر، (ترڪي لفظ اڙد: لشڪر)

"ڪهي اڙد تي اڙد ڪڪرن جا آيا"

آسِنڌي ج آسِنڌي: ذ. غير سِنڌي، ڏاريو، ٻيءَ ٻوليءَ وارو.

"آسِنڌي عورت سان نيٺ سدورو ٻاهر نِڪتو"

آسوچ. ج آسوچون. ٿ. نہ سوچ، بي سمجهي، ناسمجهي، بي ڏياني.

"وينا سوچ آسوچ ۾ تاڪ ڪري تاڻا"

آشور: آسُر، باک، پرهہ ڦُٽي، روشني (انقلاب جي).

"آءُ وڏيون اڏرات کي، آيو جاڻ آشور"

آشونهون. ج آشونهان. ذ. اڻ واقف، بي خبر.

"اونداهي اونداهہ ٻاڻ آشونهان اڻ ڀُوان"

آڪارٿ: بيڪار، فضول، بي مقصد، اجايو.

"صالح صحت ساڻ ٿئي، فاضل ٿئي فرصت، ٻئي غنيمت، اڪارٿ اُجلين متان"

اُڪاس. ج اُڪاسون: ٿ. اُساٽ، تاس، اُڃ، اُڪير، اُڪنڊ، تانگھہ.

"ايڏي عشق اُڪاس ساري سونهن سهيڙيان"

"ڪنهن اڻ ڏٺي لقا جي لئہ استاد تي اُڪاس آهي"

اُڪاڻ ج اُڪاڻو: ٿ. وسي پورو ٿيڻ. (تر ۾ مينهن وسي پورو ٿيندو آهي تہ چئبو آهي تہ اپ اوڪاڻو آهي). مينهن بند ٿيڻ، مڪمل ٿيڻ.

"ڪلھ ريج، ٻج، اڄ لاب، گاهہ، واڱر، ڪلھ ديد هُئي ڪڪر ۾ اڄ اک اُڪاڻ ۾"

اڪ جي تاري هُجڻ: اصطلاح. پورو هجڻ، خالي هجڻ. (آڪ جي تاري اندران پوري هوندي آهي).

"ڪيڪر خيرو مُرڪڻ موتيو اندر اڪ جي تاري"

اُڪنڊيو. ج اُڪنڊيا: ذ. اُڪير وارو، سڪ وند.

"آءُ اُڪنڊيو بہ تدارڪ تي نہ سگهيو"

اُڪي ج اُڪيون: ٿ. يڪي، لاڳيتي، مڪمل.

"اُڪِي ناهہ اوندهہ اُجالا بہ آهن"

اُڪيهي ج اُڪيهيون: ٿ. ٻوٽي جو قسم (جيڪا نشي آور ۽ زهريلي ٿيندي) زهر، وِهُ.

"سياڻي ۽ سچار سقراط کي،
اُڪيهي پياري ڇڏي پاڳلن"

اکرن کي اُوجارڻ: اصطلاح. لفظن کي سنوارڻ، چٽي ڳالھہ چوڻ. لفظن جو مرتبو وڌائڻ.

"تاڪاڻا تچڪايان پيو ٿو
اکرن کي اوجاريان پيو ٿو"

آڪيا: نظريا، ڏڪيا، تڪيا.

"نيري ڪاري رنگ، اڪيا آڪيرا گهٽا"

اڪين مان اُٿلڻ: اصطلاح. روئڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ، نيڻن مان نار وهڻ.

"سيني اُڏميو سِڪَ، اڪين مان اٿليو پوان"

اڳر مگر: نت نئاءِ، ٻڏتر، بي عملي، مُونجهه.

"ڪتڪ اُٿي پيو آجهل عمل جو
اجل اچي ويو اگر مگر جو"

اُڳاڇڻ: اوڳاڇڻ. پيٽ مان ٻاهر ڪڍڻ، اندر جي ڳالهه ظاهر ڪرڻ.

"اُلا پُونءِ پڙڪي اُڳاڇا اُڳاڇا"

اڳڙي: ج اڳڙيون. ث. ڪپڙو لٽو اوڇڻ، لباس، پهراءُ.

"جيئڻ جي لاءِ ڏيگڙي
اڳڙي سان گڏ جهوپڙي گهُرجي"

اڳنان: آڳيان، اجا به اڳتي.

"منگل زُهرو محفل منزل اڳنا ماٿيون منزل"

"پُڇيم دل کان پيار ۾ اڳنان يا پاهُون"

اُڳهٽئون (سرائڪي): سوير، تورو اڳ ۾

"اڳهٽئون اُڳهڻ، چُميم ڇيهه اڪين سين"

اُڳهڻ: اصطلاح. سج يا چنڊ جو اُڀرڻ، ظاهر ٿيڻ، اُسرڻ، نپجڻ.

"ڳُڻ ڳچي اُونچي، اُڳهڻ توڙي آڳ ۾"

اڳيون دور: ماضي، گذريل وقت.

"اڳئين دور استاد نياپو مُڪو
پوئين دور تائين ٻڪاري چڏيان"

اُگهڙڻ: نروار ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ، چِٽو ٿيڻ.

"جمُور عقيدو اُڌڙي پيو آ
عقل جو انو اُگهڙي پيو آ"

اگهُوري: گهَرو گهاتُو جنهن ۾ ڏسي نه سگهجي، اهڙي اوندهه.

"اڳياڙي پچاڙي اگهوري انڌارو"

اَلَ: ٻُوڇاڙ حملو.

"مهڙو هاجو ڙي، للهنگ گولين اَلَ ۾"

اُلا: شعلا، مچ، پيتڙ.

"يا ته جهاڳي وئي جبل، دريا، اُلا،
يا ته ويڙهي وهم ڳٽتين ۾ ڳري"

الڙي پوڻ: اُڪڙي پوڻ، ڊِرو ٿيڻ.

"اُتي پال پَري، اُتي ٿِي الڙي پيو"

اُلڪا پڙهڻ: ڳٽتيون سمجهڻ، انتظار ڪي جاٿڻ.

"اونهو اچي اندر جا اُلڪا ته ڪو پڙهي"

اَلوڙ ج الوڙ: ذ. موج، مزو عيش.

"عاشق عشق عذاب ۾ ماڻن عيش اَلوڙ"

اِلهو: اِتي ذڪر راند جو لفظ هڪ، اِتي کي پهريون ڏڪ.

"اِلهو تي پِلهو ءِ بِلهو تي تِلهو"

اَلي ويڃڻ: ڦري ويڃڻ، مُڪرڻ.

"تون ته استاد کان آلي تو ويين،
تنهنجو سينگار ڪجهه ٻڌائي تو"

اُلي ج اُليون: ث. گهٽي اُڄ جي بيماري، نه ڍاپڻ واري تاس، اساٽ.

"سائِي، اُلِيءَ، سيم تي، سمراجي آئِي"

اُماسي: اونداهي، ڪاراڻ. مهيني جي پچاڙي واري اونداهي.

"اڳيان اُٺ جوار جي، آچٽي اُماسي"

آمرسُ ج امرسُون:شڌ:انب جي رس، آب حياتِ
"امرت، امرس، سوم رس، هڙني اِهو هنڌ"

امروهہ: لاٽ، هيناهين،سُر يا لهر جي لاٽ.
"اُيرن تان آروهہ،اُلهن تان امروهہ"

اُمڙُ ج اُمڙ: ذ.اُماڙي، شعلو، اُلو.
"استاد انڌ ڌُنڌ کي ڏاڍا ڏنا اُمڙ"

اِمڪان ڏيڻ: اُتساهہ ڏيڻ،آسرو وڏائڻ، انديشا ظاهر ڪرڻ، ٿي سگهڻ جهڙا اهڃاڻ ڏيکارڻ.
"انهي عشق امڪان اهڙا ڏنا،
بخاري مري پوءِ بہ جي ٿو سگهان.

اَمولُ ج اَمولَ : اَمُلهہ،قيمتِي.
"تيئي نول اَمول، عشق،عقل ۽ مان"

اُمهائجڻ: نڪر جي نئين ٽانوَ کي پاڻي سان پُسائڻ/ڪم آڻڻ، استعمال لائق بنائڻ.
"نڪور ٽانءُ تہ آهين اُمهائجي نہ وڃين"

اُميدون ڳائڻ:آسرا وڏائڻ، آرزو پکيڙڻ، اتساهہ وڌائڻ.
"استاد اميدون ڳايون، چوڌير بهارون آيون"

اَناسرت:پوڙڙو غشي، اوچتو اڻ سرت، اتفاقاً
"آناسرت اڻ هُوند مان هُوند ٿي"

آنانُ ج انانَ: ذ. مست الست،ڏوپان،چريو، آلُ، مدهوش.
"اُڪو عشق مهاڇڙو اُڪو عشق انانُ"

آنبُور: اصطلاح: انبوري، هڪ قسم جو لوهي اوزار، ڇُپندڙ اوزار
"جي غاصب نظرون پالن ٽا
تن دوڏن لئہ انبُور ٿيون"

آنت ڪال: موت جو پوين ڏمُ، وڇون جُگ، وڇون وقت.
"هيءُ آنت ڪال جو قِصو"

آنچِرُ ج آنچِرَ: ذ. تمام گهٽو بي انت، بي انداز، ڊٺو.
"متارا مزدور اپچر تو در آيا،
تو در آيا انچر آيا"

اندر ڪاٽيون هجڻ: اصطلاح : اندر جهير هجڻ، شديد تڪليف ۾ هجڻ.
اندر ڪاٽيون ڪپ، پاهر اوتيان گيت پيو"

انڌارِي ج انڌاريون: ث.اونڌهہ اونڌهہ واري جهڪ، ظلم جو دور.
"تاريخي انڌارين ۾ لاڏيون ڇِڇوليون،
لڳاتار پوڏن ۾ باگهيون ڇِڇوليون"

انڌو ج انڌا: ذ.بي نُور بي سمجهہ، عقُل کان آري.
"اديون عشق انڌي، مون کي نُور نئون ڏنو"

انڌو اُپ: اونداهو آسمان، بي خبر آسمان، بي حس دنيا.
"آڌو انڌي اُپ جي اک روئي اوريڪ"

انڌيري کي آڳ لائڻ: اصطلاح. روشني ڦهلائڻ،جهالت ۾ سُجاڳي ۽ شعُور آڻڻ.
"آڳ انڌيرن کي لاتائين. ستم پچرن پيا،
زلزلو ظلمن ۾ آندائين. ڦهر لرزن پيا"

انگاسُ ج انگاسَ: ذ. مٿاهون، بلند، اوچو علمُ
"انگاس ارادن ۾ شمرن جي ڦرِين ۾
اعلان اجهل ڦڙڪي"

انگجڻ: جُڙڻ، جُڙجڻ، ڳنڍجڻ، انگ انگ ملڻ اُيي ڪاٺي جو لڳڻ، زخمي ٿيڻ

"ٽير ڇنيڻ به چوڙين ٽا،
ونگجڻ انگجڻ سامهون"

اُنگرڻ: وَقر ۾ بولڻ، گهُوڪڻ.

"ڳيرو ڳيريءَ آڏو اُنگري"

انگڻ: جوڙڻ، ڳنڍڻ، سلهاڙڻ.

"پنهنجي عشق اُمنگ ڪي آجائيءَ سان انگ"

انگوُر ج انگوُر: ڏ وٽي ڪشمش گونچ، گوش.

"تازا ڏاڙهون هٿ ۾، چپن تي انگور"

"انگوري انگي مُغي، سري جوتون سَر"

اَنگهُ ج انگهَ. ڏ. ڪُتِ، زخم، گهاءُ، آزار، تڪليف.

"رهڙيو روح رڳون وچن، اوڪا ڏُکن انگهه"

انگهو ج انگها: ڏ. ڪُتِ، انگهدار ڪاٺي.

"اُمنگ توڙي آس، انگها بوڪر ٻَنڌ جا"

اِنگهُه. ث. طوالت، اينگهه. ڊيگهه.

"ڏاها ڪرٽا ڏاڪٽيون، ڏاڪا اوڪا اِنگهه"

اڻ ڀُوو. ج اڻ ڀُوان: ڏ. اڻ پوڻئون، ڏاريو آسونهون، اڻ واقف، آجاڻ.

"اونداهي - اونداهه، پاڻ اسونهان اڻ پوان"

اڻ ڪِيلُ. اگهو بيمار، بي مزي.

"عشق برابر بيماري ۾، اُن بن آنءُ ٻنهه اڻ ڪِيل"

اٽنگُه ج اٽنگ: ڏ اٽانگا، ڏڪيا، ارڏا.

"آمر ڪان مارُو گهٽا، ارڏا اٽنگ اهنڊ"

آواهُه: ڏ. بي واهه، رستي يا واٽ، ڪان سواءِ، آوات.

"حيلا حال ڏِسي ڏڪن، واهون پاڻ آواهه"

آوَهاڳُ. ج آوَهاڳ. ڏ. تمام گهڻو بي انت. حد کان وڌيڪ.

"اندر اج آوَهاڳ، چپن شرڪ چڪي"

"تانگهڻ، تڙپڻ، تاڻ، اوهاڳين اُچلي ويا"

اوٻڙ. ج اوٻڙ: ڏ. گهٽ، گرمي، ڪاوڙ نفرت.

"پُڄ زار ڪان مون آڳ جو ساگر اُڪريو،
هي اُٻَ ته برسات جو اوٻر آهي"

اوٻارو. ج اوٻارا: ڏ. اندر جي اوڙ اندر جي باهه، ڪاوڙ جو اظهار.

"اوٻارو ٽِي اوڙ سڙن سيڻ سڙڻ ريءَ"

اوپارو. ج اوپارا: ڏ. مٿانهون، مٿي اپري ايندڙ مٿاهينءَ طرف.

"اوپارو طوفان اُٿي ۾ واهڙ لهوارو"

"اُپـــڙان اولـــيان اوپـــارو"

اوتارُ. ج اوتار. ڏ.ڇوٽڪارو ڏيندڙ حاذق، ظلم کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ ترياق، هندن جي عقيدي موجب انساني جامي ۾ ايشور جو روپ، ديوتا.

"آٽيو ڪو اوتار بخاريه،
تاڪي تاڪي توڙي سُور"

اوٿارو. ج اوٿارا: ڏ. ڊيڄڙو ڏيکارو ڊپ ڏياريندڙ سپنو.

"نازڪ نار ڏسي جيئن ننڊ ۾، اوجهڙ اوٿارو"

اوٿڙ(1). ج اوٿڙ: ڏ. تمام تکو واءُ، طوفان، واڄ، ولولو.

"استاد اوٿر سامهان، ڊونڊا ٽِي ڊوڙين"

"ليتيو لوڪ لُڇي، اُٿيو اوٿر ناهه چوءِ"

اوٿر اُٿرائڻ: اصطلاح. ولولو پيدا ڪرائڻ، طوفان مچارائڻ. احتجاج اُڀارائڻ.

"وڪ وڪ تي بدبوءِ وڏي وئي، وٿر اُٿرايون"

اوٿر اُٿارڻ: طوفان پيدا ڪرڻ. هلچل پيدا ڪرڻ. جدوجهد اڀارڻ.

اوٿر ٿا استاد اُٿاريون، ڪيرايون پرمار الاوا

اوٿر ڪٽڻ: اصطلاح. وڏوجوش ڏارڻ. ولولي سان وڙڻ. جُنون ڏيکارڻ.

"گند سان آهي مُهاڏو

هِير سُرهي کي رکو اوٿر ڪٽو"

اوجهراٽي. ج اوجهراٽيون: ث. جهُوٽو. ننڊ. پنڪي.

"اُونگهه وِگهري وئي، اوجهراٽيون اُڏيون"

اوجهرو. ج اوجهرا: ذ. اونداهه (سوجهري جو ضد)

"پينر پونءِ پران، اي در اُو در اوجهرو.

اوجهڙ. ج اوجهڙ: ذ ڏکيو رستو بي واٽو.

"نازڪ نار ڏسي جيئن ننڊ ۾، اوجهڙ اوٿارو"

اوجهو وبجهو: بلڪل وبجهو صفا وبجهڙو.

"تنهنجو منهنجو اوجهو وبجهو

ديد ۽ دل جي در تي دنگ"

اوچتو: اچانڪ. امالڪ.

"اچي اوچتو ڦرندو سير ڪندو سوين"

اوچ. ج اوچُون: ذ. ڪميڻائي، بد ڳالهه. اوچي ڳالهه خسيسپائي.

"استاد اوچ نه چيڙجان چنجئين چيز چڱي"

اوچو. ج اوچا: ذ. بيڪار. خراب. ڪِنو ڪانئر.

"چو پوءِ اوچو تي مري بهادر پُونگر"

اوچُون چيڙُون: خسِيس ڳالهيُون.

"چــڏ اوچُــون چيــڙُون،

تو چو چاهه جون ڳليون جهليون"

اُوڏي. ج اُوڏيون: ث. ڪاري، ميري رنگ ڌنل.

"پُوريون حُور پرِيون، اُوڏيون اُس ڪري وِڏيون"

اوراتو. ج اوراتا: ذ. ماتم. روڄ. ڏوراپو. غم. ڏک. مصيبت.

"ڪنگرو ڪنگرو پينو مُرڪي پِٽ پِٽ آهي اوراتو"

"اُڏر اوراتا، پُهتا آئت اوچتو"

اوراران: ويجهي ڪان. اورئين پار ڪان.

"آجماران انڪار بخاري، اوراران اقرار"

اورانيو. ج اورانيا: ذ. ٽيڪ. جهلو پناهه. قرب. سڪ. پريت.

"انسان تي اُياريو انسان ۾ اورانيو"

"مائِن. مينهُن مال سان. اونها اورانيا"

اورنگزيبي: اورنگزيب مُغل حُڪمران واري، آمراڻي، غاصباڻي.

"اورنگزيبي حڪم حلن ۾، سرمد سِنڌ سٺائين ها"

اوريڪ. ج اوريڪون: ث. سخت برسات. اوڙڪ. وڏو مينهن. طوفان سان گڏ مينهن. چوهو.

"آڏو اندي اُپ جي، اڪ رُئي اوريڪ"

اُور: جلهه، حملو، ڪاهه، زور.

"اڪئين اُرهه اُور ڪري ڪير بچي به چو؟"

اُوري پُوري: ڏِق پُورت.

"ڪاڻي عشق ڪمائِم دل جي پوءِ به نه اُوري پُوري"

اوڙاپو. ج اوڙاپا: ذ.سهاپو ڏوراپو مهڻو.
"ڏاڍا ڏوراپا ڏئي پوءِ اوڪا اوڙاپا ڏئي پوءِ
پرتا سرتا پاڻهي پاڻ"
"ڏوراپن ڏنبي وڏو اوڙاپا آڙاهه"
اوسارڻ: پڪارڻ، ڪُوڪڻ، آواز اُٿارڻ، رڙيون ڪرڻ، اوچنگارون ڪرڻ.
"اوساريو آ آسي پاسي،
ڪُوڪاريو ڪارونجهر ڪاڇي"
اوسرُ: ث. ارتقا، ترقيءَ، واڌ ويجهه.
"آساري اڌرات، اوسر جا اِحساس"
اوسَرُ. ج اوسَرَ: ذ.ماتم، روڄ راڙو پٽڪو.
"لوئياري جي لاءِ اوسر اولهه، اوير ٿيو"
اوسني. ج اوسنيون: ث. پاروٿو بي سوادو اڻ وٽندڙ بدبودار، بي لذت، سواد ڦريل، ڏپ وارو.
"بدوءَ منجهان بانس، اپريو اچي اوسني"
اوسو: تاس، تپش، گهٽي اُساٽ.
"هاڙهي جيڏو هانءُ
جر تر جهڙو ٿانئڙو
اوسو هوندس آنءُ!"
اوڪاس: انتظار، اوسيئڙو.
"جُوهه تڪي جيڪي اکين جي اوڪاس مان"
اوڪڻ: آت ڏيڻ، اوڪارڻ، واتان ڪڍڻ.
"رات رتائين روشني، اوڪي آڪاسن"
اوڪ. ج اوڪون: ث. کوج، جاچ، تلاش، ڳولا، تحقيقات.
"اڄان چاڻ آچاڻ، اُنهي اِنهيءَ اوڪ ۾"
اوگڻ: خراب لڇڻ، آوَگڻ.
"اُکري ۾ اوگن، اڳئين کان اڳرا گهٽا"
اوگو. ج اوگا: ذ. ناسمجهه، گگدام، بي شعور.
"آئون اوگو ڦيس حيوان،
تنهنجي عشق اُجاري آ،
بنايسو انسان"
اولاڪو. ج اولاڪا: ذ. ساڻ پچ، الڪو اوسيئڙو فڪر، ڳڻتي.
"چمندي سار چمار سُٽي پئي اولاڪا اولاٽا"
"اُڪريا اولاڪا، هانءُ نه هاريو ساٿيو"
اولانبي. ج اولانبيون: ث. ڇُڻانتي، اُماڙي، اُلو عشق جي آڳ.
"ماتامين ماريون، اولانبيون انڌير ڪي"
اولو. ج اولا: ذ. ڍڪ، پناهه، اوٽ.
"پلپل ڀسائين، اولن ڏوران اولڙا"
اُونداهيون اورانگهڻ: اصطلاح. گمراهيون ختم ڪرڻ، ڏاڍ متائڻ، اونده مان گذري وڃڻ.
"چاٽيون ڪري چاڻ اونداهيون اورانگهي هلو"
اُونداهه کي تيلي هڻڻ: اصطلاح. روشني آڻڻ، شعور پيدا ڪرڻ، جهالت ختم ڪرڻ.
"جهل جي اونداهه کي تيلي هڻو
علم جون ۽ چاڻ جون چاٽيون ڪڻو"
اُونگهه. ج اُونگهون: ث. ننڊ جو گهيرٽ، ننڊ جو خمار، ڳهر.
"اُونگهه وِگهري وئي، اوجهراٽيون اُڏيون"
اونو. ج اونا: ذ. اُلڪو اوسيئڙو اينديشو انتظار.
"اونو اونداهه جو الڪو اولهه جو پوياڙي کان پو"

اونهارو ڪرڻ: اصطلاح. ولولو وڌائڻ، جذبو اُڀارڻ، گرمي پيدا ڪرڻ.

"ماٺ تي ويٺين ته پارو پيو چمي، جي اُٿي ڪوڏين ته اونهارو ڪري"

اوهيرو. ج اوهيرا: بارش جي پلٽ، گهٽي برسات. واءَ جي زور سان مينهن جو وسڪارو.

"اوهيرا اُلفت، اندر آڳ اجا ڏکي"

اُهڃُ. ج اُهڃ. ذ. اهڃاڻ، ڏس، پار پتو پار.

"اديون ڙي استاد جا اِيهي اهم اُهڃ"

اُهس: تجلو چمڪ، روشني، سڪ، پيار، عشق.

"چوري چنڙي جڳ ۾ چاهي آهي آس اُهس"

"اوسيئڙو اُهس، منجهس جرڪ مُراد جي"

اُهڳَ. ج اُهڳ: ذ. سڳنڌ، هڳاءُ، سُرهو تيل، خوشبوءِ.

"جهنگل ڳولين جوت، اندر اُهڳ اُهاءِ"

آهَلُ. ج آهَلُون: ث. لاڙو موت، جُهڪاءُ.

"جيڏهن منهنجي جانب جو گهر اوڏهن ڪر اهل"

اُهمِي: گرميءَ جي گهٽ، پوست، اُڪرس.

اهنجي. ج اهنجيُون[اهنجايُون]: ث. ڏُکيائِي، اوکائي، مُشڪلات.

"اهنجيءَ ۾ استاد لئه، ساڃو تنهنجو ناءُ"

آهورُ. ج: بنا هورَ. بنا ڪنهن خدشي ۽ ڊپ جي.

"اُنا مينهن آهورَ منجهِ اڳيئي بند تي"

اڄ اُنا استاد تي، اوسيئڙا، اهور. ووا ڪنهن سان سليان شُور.

آهُوند: اڻ هُوند، کوٽ، ڪمِي، گهٽتائِي، بدحالي.

"باهر هُوند آهُوند جا، ملهالا موجُود"

اِهيئين: اِئين ئي.

"جا تي ويٺ، جو ايترو اڄ تيز تي وئين، استاد بس اِهيئين طبيعت اڇي وئي"

آئيڻُ. ج ائيڻون: ث. چيلي جوان ٻڪري

"سوچيو ڳوٺهان ڦنبرون، ائڻون پٽ اُڻيون"

ائونت: انت، دنگ، راز، ڳُجهه.

"ساهه استاد جو اِئين سمجهيئه، ايترو ائونت اعتبار نه ڪر"

آئينٽرو. ج ائينٽرا: ذ. ڪيچلا، ڏنگو اهنڊ.

اوهان جا ائينٽرا ڇهرا، ڇو ياسن تا روئڻهارا مان تون،تون مان،ائنٽرا،جاڇي وجهه جهاتي

ايرو گهيرو: ايرو غيرو، جهڙو تهڙو.

"سانگي ساڳيا سُنگ سنگايا، ايرو گهيرو اڏجي ويو آ"

ايڪن ۾ اڙجڻ: اصطلاح. انگن اکرن ۾ ڦاسي پوڻ.

"لڪن جي هستي، ايڪن ۾ اڙجي وئي"

ايلاهُ. ج ايلاهُون: رڙ دانهن، ايلاز آزي، منٿ.

"استاد ايلاهون ڪري، سڄي هوت سڏي هئه هئه"

اِيلُ: ذ. آزي، زاري، توبهه، هيڻاهين، ڪاڻ ڪيڻ.

"ڪوبه ڪري ڇو ڪنهن جي اِيل"

ايلچي. ج ايلچي: ذ عيوضي، وڪيل،

قاصد، نمائندو، سفير.
"آئون لطيفي ايلچي تنهنجي مسڪن تي اچي
پنهنجي اکين سان اِهو بينو ڏسان،
موت هيٺان ۽ تون آهين مٿان"
(انگريزي شاعر ڪيٽس سان مخاطب)

اِيل ڪرڻ: اصطلاح. هار مڃڻ، زاري ڪرڻ، آڻ مڃڻ.

"عشق عقل جو بحث بخاري،
ڪو بہ ڪري ڇو ڪنهن جي اِيل"

اِينڊو، ج اِينڊا. ذ. دشمن، (سينڊو جو ضد).
"سويرو سينڊو هوند لڪ لڳمي ويو
آويرو اينڊو سڙيو منهنجي سامهون"

ب

بابُ، ج بابَ: ذ. حصو، ڀاڱو، قصو.
عشق رِيءَ استاد بيشڪ الف ـ بي،
برھ ڪان پوءِ هُو بہ هڪڙو باب هو

بارِي: ج بارِي: ذ. ڳرو، بار کڻندڙ.
"باري ڪان باري گهٽا، بانڪا پلو پل"

بازار، ج بازارون: ث. گهٽي، سرِعام.
"بازارُن ۾ عشق ڪُٺو تي،
ديوارن ۾ حُسن لُڇو تي"

بازر، ج بازرُون: ث. گهٽي، دنيا، تخليق جو جهانُ، دنيا جو ڪاروبار.
"بازر بند نہ ٿيٺي آ، ذات وَرائي ڏِيٺي آ"

بازُو بندوقون ڪرڻ: ٻانهن کي ٻل وارو ڪرڻ، هٿن ۾ هٿيار کڻڻ.
"بازُو بندوقون ڪيو، ٻوليون سي گوليون،
ٽولين جون ٽوليون ڪڙڪي ڪوڙن تي پئو"

بازيگر، ج. بازيگر: تماشو ڪندڙ مداري، نگ، نوان نانت ڪري نڱيندڙ.
"دلنگ ڏوڪيباز وٺي ووٺ وڏو ٿئين،
هر پيري انداز ، بازيگر تنهنجا نوان"

باشو، ج باشا: ذ. هڪ قسم جو شڪاري پکي (بشين باز جي مادي)
"چڪر ۾ ڪو ڳيرو آهي چڪر ۾ ڪو باشو باز"

باغُ، ج باغَ: ذ. باغيچو، گلن ڦلن سان جهنجهيل ڌرتي، ديس، سنڌ ڏانهن اشارو.
"هي باغ پٽائي جو آهي"
"مگر پوءِ بہ باغن ۾ ٿُوهر ڏسون ٿا،
ڏسون ڇا ٿا آٽي هٿن سان هٽون ٿا"

باغُ، ج باغَ: ذ. گلن، ٻوٽن جي جاءِ، سونهن، رونق، محبُوب.
"باغيچو تنهنجو بدن، بلبل دل جا ٻُل،
اهڙي مهل اٿل، باغ بخاري جهول ۾"

باغنامو، ج باغناما: ذ. باغ جو بيان، سندرتا جو اهڃاڻ.
"گلزار حُسن سامهون،
انگ انگ باغنامو،
پن پن کي مون پڙهيو هو"

باغِي پڙڪائڻ: اصطلاح. ظلم خلاف ويڙهاڪ پيدا ڪرڻ.

"اُتي ڪو استاد جو باغي پڙڪائي"

باندو ج باندا: ذ. غلام، ٻانهون، پروس.

"آدمي جيڪي ٻه ٽين سو ٿيءَ، جيءَ،
بس فقط بيوس نہ ٿي، باندو نہ ٿيءَ"

بانس. ج بانسُون: ث. ڌپ، بدبُوءِ.

"بانس ڪري ٿو بيٺل پاڻي، دنيا آ دريا،
چوليون ڏئي ايندا رهندا فڪر نوان تازا"

بان ڪرڻ: اصطلاح. بس ڪرڻ، توبهہ ڪرڻ، هٿ ڪڍي وڃڻ.

"تون چودور ڇڏين، جيتر جابر بان نہ ڪن"

بانگ وانگُر وڃڻ: اصطلاح. واڪو ڪرڻ، آواز ڪرڻ سجاڳيءَ جا سڏ ڪرڻ.

"مون لئہ ملڪ مسيت، وانگي بانگ وڃان"

باهہ: آڳ، شديد گرمي، ڏرٿيي، نتهڻ اس ساڙيندڙ اُس.

"خان ڪٽ تي تاس جي رس ۾ رُتو
ڳاهہ ڳاهو باهہ ۾ ڳاهي پيو"

ٻاهہ لڳڻ: اصطلاح. ڏک ڏسڻ، درد ڀوڳڻ

"مريم، ريسٽ، پاڳمي، پنجي.
ٻاهہ لڳي تہ، پيري پيري"

ٻيٽر. ج ٻيٽر: ذ. سينو چاتي.

"ڇجن پيا ٿا ڦُلا دلين ۾ ٻيٽر ٻيٽر ۾ ججهڙ برن ٿا"

ٻُتُ ج ٻُتَ: ذ. مٿيءَ جو بوتو سارهہ جا بکيا، خودپرست.

"جيڪي ٻڌجي ٻُتَ، پوڃائن پنهنجو پنڌو"

ٻتائي ج ٻتائيُون: ث. آنَ جي ورهاست.

"اَتي هُل هوبا، جتَ ٻتائيُون ٻي ڊنگيون"

ٻُٽي ج. ٻٽيون: قبر، بنّي ٻڌجڻ، اصطلاح: قبر وانگر ٿيڻ، وات بند ڪرڻ، خاموش ٿيڻ.

"جيڏري ڪائو جُوجڪيون ٻڌجو ڪِين ٻُٽيون"

ٻج. ج ٻج: ذ. لَٺ جهڙي ڪاني جيڪا اُٺ جي پلاڻ يا پلڻ جي پاسن ۾ ڪم اچي.

"آر ڏاڳا، هڙ تپڙ، آن ٻوريون، ٻُج ٻانا ڪِيڻ
ڏاتا، ڪپ ڳهاڙيون ڪوڏرون"

بدبُوءِ بچڻ: اصطلاح. اڻ وڻندڙ شيءِ آچڻ، پاڻءِ نہ ٻوندڙ ڳالهہ چوڻ.

"مون ڪي ڪنهن غير جي بدبُوءِ چو بچيو تازوري
مان تہ محبوب جي خوشبُوءِ ڪي پڪي بينو هان!

بدبُوءِ ڪرڻ: اصطلاح. اڻ وڻندڙ بنائڻ، خراب ڪرڻ.

"هي باغ ڀٽائيءَ جو آهي.....
بدبُوءِ نہ ڪريو خوشبُوءِ تہ سنگهيو"

بدبُوءِ ڪنبيڙڻ: اصطلاح. ڌپ ڦهلائڻ، ناانصافي پکيڙڻ.

"اوهين بدبوءِ ڪنبيڙيندو تہ ٿي طوفان اٿنداسين"

ٻَري ج ٻَري: ذ. ميداني علائقي جو رهواسي، صحرائي.

"لاڙيچا ارڏا وڏا، بانڪا مڙس ٻَري"

برفَ. ج برفُون: ث. برف، جُمود، خاموشي.

"جتي برف ڏاڍي ۾ ڏاڍي جمي ٿي،
اتان ٿي تہ درياهہ وهندا ڏسون ٿا"

برف جمائڻ: اصطلاح. ٺارڻ، ٺڏو ڪرڻ، خاموش بنائڻ.

"مون شوق جا هر دل ۾ مچايا شعلا،
ماحول مٿان برف ڇمائي نہ وڃي"

برف مٿان باهہ ٻارڻ: اصطلاح. اجائي ڪوشش ڪرڻ، اجائي سڌ ڪرڻ.

"برف مٿان هي باهہ ٻارين ٻيئي زور تي"

ٻُر. ج ٻُرَ: ذ. بيزار، ناراض،غصي وارو خفا، تنگ

"پرچي مور نچايئي، ٻُر تي باز ٻچايئي"

ٻُرقعو. ج ٻُرقعا: ذ. پردو اوڍڻ لِڪ.

"بيگاهہ جي برقعي ۾
هت جان جي جوکي ۾
ڪنهن عشق تہ آنديِ آن"

ٻڙڇُ. ج ٻڙڇَ: ذ. هٿيار جو قسم. ٻڙڇي، ڀالو.

"اڄ، ريڇ رنديا ها تہ ڪٽي ٻڙڇ اُٿون ها"

بسنت: بهار سرهائيءَ جي مند.

"ورندا سرها واءُ،ايندي مند بسنت جي"

ٻغاغو. ج ٻغاغا: ذ. بغاوت. فساد. دنگو شور گوڙ.

"ٻينا ڪن اغيار ٻغاغا، اورڻ يار عيار"

ٻڪ. ج ٻڪ: ذ. ٺونٺ کان ٿي ڪلهي تائين ٻانهن جو حصو.

"رَڱُون جن جون رُڪ، ڀٽر، ٻاڙُو ٻُڪ"

ٻگري. ج ٻگريون: ڪپڙي جي ڳوٿري، جنهن ۾ سيڌو سامان ڪٽجي، فقير جي ڳوٿري

"ٻگريءَ ۾ پونچال ٻمن جا"

ٻگهڙُ. ٻگهڙَ: ذ. وحشي جانور جو قسم، ناهر. گرگ.

"ٻگهڙ ٽُڪرا، چيتا چِترا، ڏڪا جن وٽ ڏڻ"

ٻلا. ج ٻلائُون: ٿ. مصيبت، آفت، آپدا، مادي سپ

"تو ريءَ منهنجو روح خلا ۾،
باقي ٻُت آ وات ۔ ٻلا ۾"

ٻلالي: بلالي رابطو هجڻ، انقلابي رابطو هجڻ، مخدوم بلاول وارو رابطو هجڻ.

"سنڌ ڌرتيءَ سان ۽ سرتيءَ سان بخاريءَ جو ڪجهہ بلالي ڪجهہ لطيفي رابطو آهي"

بنگلو. ج بنگلا: ذ. ڪشادي ۽ وڏن ورانڊن واري عمارت، اميرن جو گهر.

بنگلا هوندا ٻڙڱ برابر، پونگا ڪاٽي پڙ

ٻنسي. ج ٻنسيون: بانسري (مُرلي)

"ٻنسي ڪنهن جي باڪ،
شفق ڪنهن جي شاعري"

ٻوتو. ج ٻوتا: ذ. اُٺ (ٻت ٻنيل ماٺهو خاموش فرد)

"ٻوتي پليءَ پٽ،سئونڪو سمجهيو ٿِي نہ هو"

"جن بانا ڪاڏا ٻوتا تي
تن توڏن موڏن جي آهي
هي سنڌ سپوتن جي آهي"

ٻورائو. ج ٻوراوا: ذ.اڳواڻ، چاڳُو سُونهون، رستو ڏيکاريندڙ رهنما.

"ٻورائي جي پيرَ ۾، رهزن راتاها"

"سجڻ جو سُڳنڌ، ٻر ۾ ٻورائو ٿيو"

ٻوش. ج ٻوش: ذ. ٻوز (ٻڪري)، ڇٽ.

"ٻڇڙو ٻوش بدو سيئيءَ ٿٽ تڪي ڇُڪو"

بوڪر. ج بوڪر: ذ. پراڻو جهونو پُتو (ڪاٺ) اندران خالي.

"اُمنگ توڙي انگ،آنگها بوڪر ٻَنڌ جا"

بوهيارو، بوهيارا: هڪل، هُوڪرو شور.

"جهُوپي جهُوپي ۾ جهُونگارون،
لانڍي لانڍي جون للڪارون،
پونگي پونگي ڪٿين بوهيارا"

بهار: ث. موسم، بسنت رت، آزاديءَ جي منڊ.

"اها بهار جي پهچي تہ پو خزان ناهي،
انهيءَ بهار کان اڳ ۾ اجاڙجي نہ وڃو"

بهارِي پوکڻ: اصطلاح. خوشحالي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، تبديلي آڻڻ لاءِ جتن ڪرڻ.

"لوڌ انڌاريہ ڪوٺ ڏياريہ
ڪاٽ خزان کي پوک بهاري"

ٻهہ ٿهہ ٿيڻ: ٻهہ ۽ تهہ (چِلڪي) وانگر ٿيڻ، ذرا ذرا ٿيڻ.

"ڪيترن جا ڏڙسِريون تي ويا ٻهہ ٿهہ آٿا"

ٻهيڙ. ج ٻهيڙ: ذ. قافلو ۽ گهڻا، بي انت.

"خيرپور ناٿن شاهہ تي، چُنا ٻست ٻهيڙ"

ٻٺونٺ(ٻٺنٺ): هلڪي ڪَس، تپش ٻُخار.

"ٻاهر ٻٺونٺ بدن تي،اندر باهہ بنو"

ٻيباڪِي: بهادري، مردانگي.

ٻيباڪي سان رنگڻ: اصطلاح.بهادري سان ادا ڪرڻ، همت سان ڪم ڪرڻ.

"ٻيباڪيءَ سان رنگہ پڪا پنهنجا فيصلا"

ٻيبانُ. ٻيبانَ: ذ. بيابان،رُج،ڏوڪو.

"سائنسي هن دور ۾ ايڏي انڌي،
آ اچا ڪو پرم جي ٻيبان ۾"

بيتالو. ج بيتالا: ذ. بنا تال، چُڙواڳ، بي ارڪان، بي وزن، بگڙيل، بيڪار، بي سُرو.

"ٻُڌ ٿِي بيتالو بڻيل سام سماج جو"

بي پاڙو، ج بي پاڙا: ذ. پاڙ کان سواءِ، بي بنياد، ڏاريا.

"ٽيڙن کي ٽيڳر، توڙي آهن توڙ کان ۔
بي پاڙا بي گهر"

بي ڏٺو: اڻ ڏٺل، اڻ ميساريل.

"تصوير عُمر پنهنجي سڄي جي مري ڏٺم،
جڻ پير هو ڪو ڀاڳ تي سو بي ڏٺو ڏٺم"

بي ڪٿينت: بي قيد، بي ڪاٿي، اڻ ڳڻيا، قاعدي کان سواءِ.

"انقلابي عزم جا، اندازا بي ڪٿينت"

بيگاهہ: اويرو وقت

"پنيُون تنهنجي پيپ ۾،بغل ۾ بيگاهہ"

بي ڳاڻ. ذ. اڻ ڳڻيا، بي شمار، لاتعداد.

"درد خوشيون بي ڳاڻ بخاريہ
رُڻڻ ڪِلڻ جو هرڪو خان"

بيانن جا صدقا ڪيڻ : نالو ڳڻائڻ، عمل بدران لفاظيءَ کان ڪم وٺڻ، لفظن جي قرباني ڪرڻ.

"نہ شهر آهي جيئرو، نہ ڪو تو مريہ
ہ تي بيا بيانن جا صدقا ڪيو"

ٻ

ٻابو ج ٻابا: ذ. جهونو وڏڙو پوڙهو پراڻن خيالن وارو پوتار.

"ٻيڙي ٻوڙي جُوءِ جي، ٻابن جي ٻوڙاڻ"

ٻاتاڻ: ٻاتو ڳالهائڻ، چتو نہ ڳالهائڻ.

"ٻوليءَ تي جا ٻاتائي پئي،
لوليءَ تي جا ليلائي پئي"

ٻاٽ ولوڙڻ: اصطلاح. اوندهہ ۾ سوجهرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

"رات ولوڙيم ٻاٽ، نڪتو مکڻ سج تي"

ٻاتي ج ٻاتيون: ث. ٻونگر، ٺڪڙي، گونچ، ٻور.

"مهڪي ماڪ منيءَ جي، ٻاتين تي ٻرٻر"

ٻالپڻ ج ٻالپ: ذ. ننڍپڻ، ٻالڪپڻ، ٻاروتڻ.

"ٻالپ چٽنگ ٻرين، جوبن جان جلين،
هونـــــدا درد ونـــــدا هُـــــو"

ٻاڃ ج ٻاڃون: ث. چوند، انتخابُ، ورچ، مرضي، خواهش.

"ٻهڳُڻ تنهنجي ٻاڃ، منهنجو رُوح رڱي ڇڏيو"

ٻارڻ: ٻاهہ (ٻاهہ لاءِ ڪاٺيون) مچُ، ٻائيتالُ، هل، بکيڙو شور، جهيڙو تڪرار.

"ٻارڻ ٻائيتال، ٻهلئي جا ٻهليو ٻڌي"

ٻاڪ ج ٻاڪون: ث. ڪُڪ، آواز، ڪُوڪ، رڙ.

"ٻوبٽن جي تي ججهائي هر جڳهہ تي،
آهہ پروانن جي ڏاڍي ٻاڪ جاني"!

ٻانُ ج ٻانَ: ذ. گِروي، قيد، ٻاندو نظر بند.

"ازل کان آهن اِهي ٻيئي تو وٽ ٻانَ"

ٻانيڻُ ج ٻانيڻُ: ذ. برهمڻ، ٻائو ڦورو.

"شاهہ جي سسئي هيئنر آهي شُجاڳ،
ڏير، ڏاگهن کي گڏي ٻانيڻ ٻڌو"

ٻانڌُ، ج ٻانڌَ: ذ. درياہ ۾ لڙهندڙ بند، ڪُڪل پورو ڪاٺ.

"دوستو ٻانڌ ٻري پوندو آ، پر هر هر نہ"

ٻانڌوڪو، ج ٻانڌوڪا: ذ. ڳنڍيو آوانڌو رُڪاوٽ.

"ٻيلي ٻيلاري کي ڇوڪو ٻانڌوڪو ٻوڙي"

ٻاڳهي، ج ٻاڳهيون: ث. دودي سومري جي ڀيڻ، سنڌي سياڻي عورت.

"لڳاتار ٻوڏن ۾ ٻاگهيون ڇڇوليون"

ٻانها ٻارڻ: اصطلاح. خلقِ خُدا کي تپائڻ، عام ماڻهن کي آزارڻ.

"ٻانها ٻاري جنگ . جهنم ۾ تون حاضُر ناظُر آهين؟"

ٻاڻي ج ٻاڻيون: ث. وائي، ڳالهہ.

"بخاري بس گهٽي ٻاڳي ۾ تي ٻاڻيون اهي جاٽي"

ٻائُو ٻائُو: مصيبت، بلا، ڊپ، ڪابہ ڊيڄاريندڙ شيءِ.

"واءِ وڏائي هائُو هائُو ٻاٽ بجائي ٻائُو ٻائُو"

ٻتاڙُ ج ٻتاڙَ: ذ. گوڙ ڏمچر، هُل، ٻائيتال، مانڌاڻ.

"آڻي جيبون آرُ ٻنيت ٻار تہ ٻتاڙ ٿئي"

ٻڄڄڻ: اصطلاح. ٻڄن سان ڀرجڻ، آباد

تيڻ ٻيجارو ڪرڻ.

"اڄ جا جُوءِ سچي وٺي ٻججي، ٻوڪي ڪالھہ ٻکي"

ٻ ۔ ڏڪي ج ٻ ۔ ڏڪيون: ٿ. ٻن ڏڪن واري، دونالي بندُوق.

"چورن ڪارڻ، شورن ڪارڻ،

ٻہ ڏڪيون ڌارڻ وارا آهيون"

ٻر ٻر: اجائي بڪ، چِبي ڳالھہ.

"ماريو تنهنجي ميندڙا، ٻاراٺي ٻر ٻر"

ٻرڻُ: سڙڻُ، ساڙ ۾ جلڻُ، تپڻ.

"هڪبٺي کي گهُرن ٿا تہ ٻري چو ٿو ٻهرتو"

ٻرُوٽو ج ٻرُوٽا: ذ. ڪچڙو ٻُوٽو ننڍا ٻوٽا، نئون شعور (اصطلاحي معني)

"اڄي وقت مون کي وڍيندين تہ چا،

ٻرُوٽا ٻهُون ٻوڪيو تو وڃان"

"ٻرُوٽو تہ ناهين جو ٻتجي وڃين"

ٻرڙهہ ٻرڻ: سخت تپ تيڻ، شدِيد بُخار.

"ٻاهر ٻرڙهہ ٻران. اندر ڍانڍ اُلا"

ٻس: گهٽ، ٻوسٽ، مونجهہ، بي زباڻي.

"ٻاسي ۾ کهڙي ٿهي تنهنجي مون سان رُس

بُخاريءَ جي ٻُس، ويهي يار ڪري وٺين"

ٻلهانگہ ج ٻلهانگُون: ٿ. (سرائڪي) ٻرانگهہ، وڏي وِڪ، قدم.

"ڏينهن جو تارو ڪٽي تڪڙي ٻلهانگ"

ٻلهو: اِٿي ذڪر راند ۾ ذڪر کي ٻہ ڏڪ.

"اِلهو تي ٻلهو ۽ ٻلهو تي تِلهو"

ٻنُ ج ٻنَ: ذ. قيد، گروي، هٿيڪو بند ۾.

"ڀهگڻ اُتي ٻن، ويو ڪين وريو جتان"

ٻوٻو ج ٻوٻا: ٻيٺو اگهہ گهٽي انداز ۾ رقم، رشوت.

"وٺن ٻاٺي وقت تي، ٻيٺا ڏٺي ٻوٻا"

ٻُوٽاڙيلُ ج ٻُوٽاڙيلَ: ذ. ٻوٽ، ٻڌلُ، منهن تي چڪو ڏنل، بيوس، پروس، غلام.

"ٻُوٽ ٻُوٽاڙيل، ڳچئين ڳارا ٻڌل

ڳالھہ ڳاهيندڙ ڍِگو ڍانيو نہ ٿي"

ٻُوجهہ: سمجهہ، ساڃاهہ، شعُور.

ٻُوجهہ جو ٻيج: شعُور جو اهڃاڻ، عقل جو ٻج.

"تنهنجا ساٿي سِڄُ،

سج اُهو جيڪو،

ٻُوجهہ جو آهي ٻج"

ٻوڏو ج . ٻوڏا: ذ. ابوجهہ، بيوس.

"اڳيان تنهنجي هو ٻار ٻوڏو ابل"

"جماپا جڦور جماز ٻيا ٻوڏا ۽ ٻوڙا"

ٻوڏ: ڦوٽ، ڦِٽڪار لعنت، "جيءُ" جو ضد.

"چو تي لڙڪين ٻوڏ ڏيہ ٻوڙج جيڏي جيءُ"

"ڏُونگر هيڏِي هوڏ، ڪُوڪاريان ٻئي ڏير ڏس ۔

ٻوڙا، جيءُ نہ ٻوڏ"

ٻوڏ ج ٻوڏون: ٿ. سيلاب، ٻوڙ ٻوڙان، ڪاهہ، حملا.

"لڳاتار ٻوڏن ۾ ٻاڳهيون ڇڃوليون"

ٻوڏ ڪرڻ: اصطلاح. زارو قطار روئڻ، بي انداز لُڙڪ لاڙڻ.

"ڪر نہ ڪنارا بيتم ٻيارا ٻوڏ ڪري ٻاڏايان"

ٻول ٻارڻ: اصطلاح. لفظن/ٻولن رستي شعور پکيڙڻ، سجاڳي آڻڻ.

"ڏسو ڪو تر وارو اُٿيو يا نہ،

شعور شوق ٻول ٻارياسين"

ٻول ٻرائڻ: اصطلاح. شعر گونجائڻ، آواز اُٿارڻ.

"سنڌي ٻولي قومي ٻولي، ٻول ٻرائين زنده باد"

ٻولي ج ٻوليون: ث. وعدو اقرار وچن زبان.

"جنهن سان لايون توڙ نڀايون،

آهي پنهنجي ٻولي"

ٻوليون گوليون: (ترڪيب). آواز کي سگهه ڏيڻ.

"بازو بندُوقون ڪيو ٻوليون سي گوليون"

ٻونگر. ج ٻونگر: ذ. ٻور، ڪچڙا گونچ.

"وارين ٻونگ ٻور اپچر تو در آئيا"

ٻهباٽِي ج ٻهباٽِيون: ث. خوشبوءِ، سُرهاڻ، سڳنڌ، خوشي.

"چمڪي چانڊوڪيءَ جيان، ٻهڪي ٻهباٽي"

ٻهرتو. ج ٻهرتا: ذ. ڏاريو، ٻاهريون، غير.

"هڪيئي ڪي گھُرن ٽا ته ٻري چو تو ٻهرتو"

ٻهڪي ٻارڻ: اصطلاح. ٻيباڪيءَ سان ڪري ڏيکارڻ، خوشيءَ سان ڪري ڏيکارڻ.

"الفت سان استاد مان، پت پيو پاريان،

ٻهڪي تو ٻاريان، جيڏيون جند اُجهامندي"

ٻهَلُ ج ٻهَلَ: ذ. ٻرگهل، سوراخ، ڪشادو ويڪرو.

"ويلو ويلي کي وڏيءِ ساعت سٺ ٻهَلَ"

ٻهَلِڻ: اصطلاح. سوٺر پاران زمين اکيلڻ، ماري ميجائڻ (اصطلاحي معني)

"ڪي هُوڙهيا سُورهيه ڳرڪي ويو،

جو ٻهڳڻ ٻهلي ميچ متو سو منهنجو ادو"

ٻهَلِيو. ج ٻهَلِيا: ذ. اڏو اڏ، وڊيل، ڏکي، دردمند.

"ٻارڻ ٻائيتال، ٻهَليئي جا ٻهَلِيو ٻڏي"

ٻهُون: گهڻو، زياده، وڌيڪ.

"ٻنگي ڪير ٻهُون، روڪيئي ڪين رهُون"

ٻيجڻ: اصطلاح. پوکڻ، ٻج هڻڻ، پکيڙڻ.

"ڪڙمي ٻيو تو جت ڪٽ، ريجي ءِ ٻيجي"

ٻيڙي ج ٻيڙيون: ث. زنجير سنگهر، ڏنڊا ٻيڙي

"جيئڻ ڪارڻ ٻيڙيون پاڪَر،

جيئڻ ڪارڻ ٽانڊا ٽانگر"

ٻيلارو. ج ٻيلارا: ذ. ٻيٽ واري زمين، درياهه جي ٻن وهڪرن يا ٻن واهن جي وچ واري زمين.

"ٻيلي ٻيلاري کي چو ڪو ٻانڊو ڪو ٻوڙي"

ٻيلا ڪٽڻ: اصطلاح. وڻ وڍڻ، ماٺهو مارڻ، سرڪش ماڻهو ڪُهڻ.

"چيائين ته ٻيلا ڪٽيندا وتون ٿا،

چيم چيچڪن کي چٽيندا وتون ٿا"

ٻيلائِي. ج ٻيلائِي: ذ. ٻيلي وارو (ٻيلي واري شينهن ڏانهن اشارو)، ٻهادر ٻيباڪ.

"ٻالائِي ٻيلي گجي، ٻلي کان ٻيٺو"

ٻيٺو ٽيٺو ٻرڻ: اصطلاح. سخت ڪشالا ڪڍڻ، حد کان وڌيڪ محنت ڪري روشني پيدا ڪرڻ.

"هٿ ۾ سوگهو هٿ ڏئي، سوچ ٻخاري سُر،

محبت جي ميدان ۾ ٻيٺو ٽيٺو ٻر"

ٻ

ٻاڙِ ج ٻاڙُون: ث. ڪَڏ، ڪاهي.

"ٻاڙ وڏيءَ آڏو ڪيڏن جيڏا جيڏيون"

ٻارُ ج ٻارَ: ذ. ٻاڻ، ادو.

"ٻاڱ نہ ٻڳي ٻارَاسين سنبرون عشق ۾"

ٻارُوني، ج ٻارُونيون: ث.هُرلي يا نار جي ڪاٺي جنهن ۾ مُهري جي هيٺين چوٽي ڦِري.

"ٻارُوني تر نار جي،ڪينجهر ۾ ڪُوٽي"

ٻاڱ جُهار: ننڍي وڏي وِير يا لهر، ننڍو وڏو يا عام خاص ماڻهو.

"جيڪا ٻاڱ جُهار ۾، للڪارون لولي"

ٻاڱہ ج ٻاڱو: ث. ننڍي وِير يا لهر، ٻيرو ڦيرو.

"ٻاڱ نہ ٻڳي ٻاراسين سنبرون عشق ۾"

ٻالا چيڙڻ: اصطلاح. جنگ جوٽڻ، لڙڻ.

"چرڪايون چيچ، چيڙي ٻالا ٻڙچيون"

ٻال ٻڙڪائڻ: اصطلاح. احسان يا مهربانيون ختم ڪرڻ، قُرب وارو هٿ کڻڻ، ٻويان ٻير ڪرڻ.

"ٻال نہ ٻڙڪايو جيتر جان جهان ۾"

ٻانہُ ج ٻانہَ، برگهل، ٻاڱو: ذ. ٻاڱو حصو ٻيٽہ.

"جوتون جهتيندو وجي ٻانہ نہ ٻرجي ٻول"

ٻانُ ج ٻانَ: ذ. ٻٽ فقير،ڳائي ساراھ ڪندڙ فقير.

"ٿاري ٿاري ٻونرا ٻٽڪن ٻِٽ ٻٽ ڳائن ٻان"

ٻان ٻان: مينهن يا ڳئون وغيره جي رنڀڻ جو آواز.

"راڱي ڪتان راڙ ڪئي،ٻاٺي ۾ ٻان ٻان"

ٻان ٻان: سڪٺو خالي، خالي ٿانوَ ٻان ٻان جا آواز ڪندو آهي.

"منڙو ماندو دلڙي واندي،ٻاندو ٻان ٻان"

ٻانٻوري: ٻنٻوري، اجائي ٻون ٻون ڪندڙ اجائي سيٽ يا آڪڙ ڪندڙ.

"ٻي شوريون ٻانٻوريون، مُنهن موڙيندڙيون وتنديون"

ٻانئڻ: اصطلاح. ٻاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ، خودي اختيار ڪرڻ.

"ٻانئڻ ٻولاٽيون،ڪاڏيون خلا ڪيڙ ۾"

ٻاڻُ ج ٻاڻَ: ٻاٺو ماڳ، هٺ، تڪبر، وڏائي.

"ٻريل ٻاڻ ٻڙاس سان،ڪوڪا ڪاٺا ڪر"

ٻٽہ ج ٻِٽون: ث. واري جو دڙو ڇاتيءَ جو اُڀار اُرهہ.

"سيني تي ٻِٽون سهٽيون،
چولي تي وليون سهٽيون"

ٻيڙُ ج ٻيڙَ: ذ. باهہ جو ٻنيٽ، شعلو چمڪ سان ٻرٻور.

"ٻيڙ ٻيڙ مُنهن، جهجهڙ جهجهڙ دل،
ڪا ٻہ نہ آ هُن ٻُوريءَ جهڙي"

ٻيٽِي، ج ٻيٽيون: ث. گهُگهِي (ٻاٽيءَ جي صراحي)

"پيدي ٻڄي اوچتي پٽڪي پئي پيُٽي"

پتر: ٻوٽيءَ جو قسم. جيڪا سيلابي زمين تي اُڀري. جنهن جا پيلا گل ٿين ٿا. ۽ ان مان اڇوءَ ڳاڙهو کير جهڙو رس نڪري.

"پتر پيلا گل، سُرهي سرهي،
ڪوتڪ ڪانڌيري ٻہ نہ ارهي"

پڇ ڏيڻ: اصطلاح. پڇڻ مان متعدي بالواسط (ترڻ، سيڪڻ) سيڪ، ٿو يا تڪليف ڏيڻ.

"بخاريءَ کي برھہ جون باهيون ڏين پڇ"

پڏَرُ ج پڏَرَ: ذ. هڏائون پڃرو، سڪٺا هڏا.

"پڏر پانبو پسر ٿي پنپ اوندھ ٿي وڃي تنهن کان،
ڪٿهن ڊيلون ڪٿهن ڍلڙي ڪٿهن جيرو جلايون ٿا"

پرڙڻ: اصطلاح. پڇڻ، ساڙي پچائڻ.

"تڙڪا تيا توڙيءَ بندوقن پرڙي پڏي"

پرمائڻ: وهم ۾ مبتلا ڪرڻ، ڊوهڻ.

"خيرپورائي کوھہ پرمايا ماڻهو گهڻا"

پرمي ج پرمي: وهمي، سنسائي، ديڄو وسوسي ۾ پيئي.

"چسوهانءَ چُلي، پرمي هر بيمار جو"

پرون ڏاٽا هجڻ: اصطلاح. گهائيندڙ پرون هجڻ، وڻندڙ يا دلڪش پرون هجڻ.

"نيڻ لاهيارا، پرون ڏاٽا تِکا"

پڙاس ج پڙاسون: گرمي، ڪاوڙ بُغض، حسد، ساڙ.

"ريل ياڻ پڙاس سان ڪوڪا ڪاٽا ڪر"

پڙڳ: صفت: شڪل (ڪانيون).

"بنگلا هوندا پڙڳ برابر، پونگا ڪاٽي پڙ"

پڪَ ج پڪون: ث. درياھہ جي پاڻي وقت ڪناري جي وڏي گولائين پڪ، جيڪا پاڻيءَ ۾ ڪري، کوھہ يا واھہ جو ڪرندڙ ڪپر.

"عشق اٿاريون چوهيون چوليون،
پيرون پيرون پڪ"

پڪائڻ (سرائڪي): زور سان هڻڻ، ٺهڪائي ڪيڻ.

"ميڪون تير پُڪيندا پيا هَئِين"
"اک والا تير پُڪا چا"

پڳو توڙو ٿيڻ: اصطلاح. پڳي توڙي (جبل جو نالو) جبل وانگر ٿيڻ، اٽل هجڻ.

"پُونءِ جا پُٽ ڪِٽ پڳو توڙو ٻہ ٿي"

پنيي ج پنيون: صفت. ڳاڙهي، لال گهاٽي ڳاڙهي.

"ميندي لاتي مُنڌ، پنيي هٿ پنيور ۾"

پن: ڦٽل نشان. پراڻي شهر جا ڦٽل آثار پگل جايون.

"پليون پٽون پن، گهور باغ بهشت جا"

پنيو پُور: گهاٽو روشن، خوبصورت، چمڪندڙ.

"آرنپ رند آننت، آخر اينگهہ اگهُون
باقي وڃ بچيو سو بيشڪ پنيو پُور"

پنيُوري ج پنيُوريون: ث. هڪ اڏامندڙ جيت جو قسم (dragon fly)، مينهن جي رت ۾ نڪرندڙ سهڻو جيت.

"بعضي آئون پڪو پروانو
بعضي دل پنيُوريءَ وانگر"

ڀنيَہ ج ڀنيُون: نُپ اوندهه، ڪاري اوندهه. ڀنيپ اوندهه.

"ڪاري ڪارونيار ۾ ڀنيون، رنيون، ڀئو"
"ڀنيون تنهنجي ڀيٽ ۾، بغل ۾ بيگاهه"

ڀنيلجڻ: ورغلائجڻ. ڏوڪي ۾ اچڻ. سمجهي يا ڏسي نہ سگهڻ.

"ڪنهن جي تجليءَ تي هر ڪياسين،
ڪنهن جي ڀيڪي تي ڀنيلياسين"

ڀنوَ: ڀنواٽي، ڀُون خيال، ڊپ، ڇڪر.

"توڙي ڀنوَ ڀهُور اڳتي تاڻ اُمنگ جي"

ڀنئرڪا: ڀونر جا، ڀؤنرن جا.

"ڪوئلِي ڪَو ڀنئرڪا ڀٽڪا ٿيون"

ڀُوتُ ج ڀُوتَ: ذ. هستي (جن، ديوُ)، سراپ، خيالي ڀئو ڊپ، خوف.

"ايڏو ڪونهي غم جيڏو اُن جو ڀُوت آ"

ڀُوتاڙيو ج ڀُوتاڙيا: ذ. جِن ورتل، وهمي، ڊيڄُو ديوانو چتو ڪاوڙيل

"وينجهارن سان ويجهڙو ڀوتاڙن کان ڀڄ"

ڀُونڦاڙُ ج ڀُونڦاڙَ: ذ. زلزلو برپا ڪندڙ ڪاياپلٽ ڪندڙ زمين ڦاڙي نڪرندڙ بهادر.

"آزادي استاد رَسي ڀئي ڀُون جايا ڀونڦاڙ"

ڀُون ڪپُہ ج ڀُون ڪپ: ذ. زلزلو ڀونچال.

"ڏيل نہ ڪنهن جو ڏوهه،
ڪنبي جب ڀُون ڪپ ۾"

ڀولڙو ج ڀولڙا: ذ. جانور جو قسم، ڀُڄ لٽڪائُو اشاري تي نچندڙ.

"بعضي مڙس ببر بعضي جهڙو ڀولڙو"

ڀونگو ج ڀونگا: ذ. پکو ڪکائون گهر.

"بنگلا هوندا ڀڙڳ برابر ڀونگا ڪاٺي ڀڙ"

ڀئونرو ج ڀئورا: ذ. ڀئونر، عاشق.

"هن گل کي اهو ڀئونرو
چاهت مان اچي چنبڙيو
هيءَ ڪائون ڦيرو"

ڀئيمانُ ج ڀئيمانَ: ذ. ڊنل، خوفزده، ڀئو ۾ ورتل.

"هٺ هٺ هول انهيءَ اڻ جهل جو ڀيم ڪَنم ڀئيمان"

ڀيڙو ٿيڻ: گڏ ٿيڻ. ويجهو ٿيڻ، همراه ٿيڻ.

"ڀائر ڀينر ڀيڙا ٿيو جوڪو ٿو بيٺو ڪوٽ ڪٽي"

ڀيلا اڱ ڀيڻ: اصطلاح. ميرا انگ سرها ڪرڻ، سڪ لاهڻ.

"سرهي تنهنجي سڱ سان ڀيلا اڱ ڀجان"

ڀيمُ ج ڀيمَ: ذ. شهتير، ڪام ڀاندبون جي ڀنجن ڀائرن مان ڀيو نمبر ڀيم.

"هٺ هٺ هول انهيءَ اڻ جهل جو ڀيم ڪَنم ڀئيمان"

ت

تاتاري ج تاتاري: ذ. تاتار (ترڪستان) ملڪ جو رهاڪو غاصب، حملي آور.

"تربو تاتاري، گُرڙين جيئن ڪڪاهه ۾"

تاتاريت: ث. تاتارين وارا عمل، جارحيت.

"جسم تي پاپائيت، آمرانا، رُوح
۾ تاتاريت وحشيپڻا"

تاپولي ج تاپوليون: ث. موسمي بخار تپ.

"تر ۾ تاپولي، سرءِ سيم سَڙهي وِڌي"

تاڇرو ج تاڇرا: ذ. اُڇاترو سطحي.

"پيڙ نہ پٽن پاڙ تاڙن ملم تاڇرا"

تار: ث. سهارو آسرو.

تار ترڻ: اجهاڳ پاڻيءَ مان تري پار پوڻ، مشڪل پار ڪرڻ.

"اوندهہ عدم بحر ۾ تنهنجيءَ تار تران"

تارا ڳهڻ: اونداهي ڪرڻ، روشن گهر ڪرڻ.

"ڪڪريون حسين چلڪتا تارا ڳهڻ لڳيون"

تاڙي: کجيءَ جو شراب، شراب لاءِ کجيءَ جو رَسُ.

"کجيءَ ونجن ڪارڪون، تاڙن ڪي تاڙي"

تازا ڏاڙهون: ميوي جو نالو اُرهہ.

"تازا ڏاڙهون هٿ ۾ چپن تي انگور"

تازو ٿورُ ج تازا ٿورَ: ذ. نئون نسل، نئين ٽهي.

"تڙپي تازو ٿور تہ ڪو نُور نئون مچي"

تيمُور: تيمورلنگ ڏي اشارو وقت جو جابر ۽ غاصب، نئين دؤر جو اج جو ڊڪٽيٽر.

"تون تازو تيمور، عمر اڳ اسان ڏٺا"

تارون تار: ڪنا تار بي حد، پرپور.

"تانگهون تارون تار
جاچُڪ پنهنجي جيءَ ۾"

تاريخ اُجهامڻ: اصطلاح. تاريخ ميسارجڻ، قوم جي تاريخ خلاف عمل ٿيڻ.

"پرقوم تي وِڪامي، تاريخ تي اُجهامي،
ڪيڏو نہ حادثو آ"

تاريخ ڪٽجڻ: اصطلاح. اتهاس بگڙڻ، تاريخ ختم ٿيڻ.

"ديوان تا ڇپجن پيا،
اشعار تا پڙهجن پيا،
تاريخ تہ ڪٽجي پئي"

تاريخ کي ڪارائڻ: اصطلاح. تاريخي فرض پورو ڪرڻ، تاريخي عمل دوران قرباني ڏيڻ.

"تحريڪون نہ تہ تدبيرون نہ تہ تجويزون،
ڪجهہ تہ بکارين تاريخن کي ڪارايو"

تاريخ کي ميندي لائڻ: اصطلاح. قومي ڪارج ۾ شهادت ماڻڻ، تاريخي ڪاميابي حاصل ڪرڻ.

"ڪنهن تہ ليڪي تلوار سان لاٿون لڏيون،
ڪنهن تہ ميندي نئين تاريخ کي لائي هوندي"

تاڪ ۽ تاڪون: ث. نظر، تڪ، نهار، نگاهہ، تاڙ.

تاڪُو: تڪيندڙ اک ۾ رکندڙ.

"زنجير ۾ زندان، تاڪُو بيٺا تاڪ ۾"

تانگهہ تنبور ٿيڻ: اصطلاح. سِڪ ۾ شدت اچڻ، يادگيري/سڪ جو وڌڻ.

"اتي تانگهہ تنبور، اتي انگ انبور ۾"

تاڻي سُمهڻ: اصطلاح. بي. فڪر ٿي سُمهڻ، غافل رهڻ، خاموش ٿي ويهڻ.

"تون رِلي تاڻي سُتين، دنيا اُٿي وئي"

تانئُہ ۽ تانئَ: ذ. ڳُهڻ جو قِسم، سڳو ڦيڻو تعويذ

"ڏاڳا تانئَ ڏوڏ جا، ڳانا ڳچيءِ ڳٺ"

ٽبرو ۽ ٽبرا: ذ. ملامت، ڦٽڪار.

"ظالم زار ٽبرو توتي، عام تہ چا الله وڏو آ"

تحقيق ڏي تاڻڻ: اصطلاح. سچ سُڃاڻڻ، حقيقت پسندي ڏي مائل ٿيڻ.

حق، وهم ڏي ٿو ورين"

تحريڪ ٿيڻ: اصطلاح. اجتماعي قوت بڻجڻ، هلچل جي علامت بنجڻ.

"تاريخ تنهنجي سنگت،
تهذيب منهنجي غيرت،
تحريڪ ٿي ويس مان"

تڪبيرون تيز ڪرڻ: تيز ڪوشش ڪرڻ

"تيز ڪريون ٿا تدبيرن کي،
ساڻ ڪٽون ٿا تقديرن کي"

ٽڏو: اصطلاح. پٽر، شهادت/ وفات وقت وڇايل تڏو.

"ڏرتي سچي شهيد جي در تي تڏو لڳي"

ٽڏڻ پڏڻ: نهہ پهہ. تڏڻ= تڏ ڏيڻ، زور ڏيڻ.

"هي عشق اسم اعظم آ اهڙو تڏي پڏي،
آڏو پهاڙ آفتون آيون ٽري ويون"

ٽرڪٽُہ ۽ ٽرڪٽَ: ذ. ڌوکو، ٺڳي، فريب، ويساهہ گهاتي.

"دولت دهشت زنده باد، ترڪٽ طاقت زنده باد"

ٽُرمُ ۽ ٽُرمَ: ذ. قيدخانو جيل.

"ٽُرم ۾ تڙپيو بہ جهُوميو چنڊ تي،
ڪيترو سوگهو سگهو انسان هو"

ٽُرمتي ۽ ٽُرمتي: ذ. شڪاري پکي، ظالم، ترمچي باز جو هڪ قسم.

"ترمتي تاڙ ۾ ڪِيهہ تي ۽ ڪتان؟"

ٽر ۾ ٽُرڻ: اصطلاح. پوري ديس ۾ عزت پائڻ، سڄي علائقي ۾ مقبوليت ماڻڻ.

"ساري تر ۾ ٽُر، پُڙ ۾ پوندين ڪيترو"

ٽرهنُہ ۽ ترهنون: پاچاريءَ جي هيٺين ڪاني، ڳاٽ، لَڦون.

"تکي اڳتي تاڻ، توڙي پيرين ترهنون"

ٽرهڪ: ذ. کِسڪو آهٽ، آواز.

"تانگهڻ جو ترهڪ، سرلي سونهن سُٺي سگهي"

ٽِرياڪُ، ٽِرياقُ: ذ. زهر توڙ زهر جو علاج، چوٽڪارو.

"ٿوتيئي مان ترياق ٿيا، پاڻ پاران پُڇ"

"طبيعت ٿي وِهہ وڏو طبيعت ٿي ترياق"

"پياري زهر زبان سان، تڪيائين ترياق"

ٽُڙڻ: مچتا ماڻڻ. عزت پائڻ، مقبول ٿيڻ.

وزن ٿيڻ، تور ٿيڻ

"ساري ٿڙ ۾ ٿُري،ٿِڙ ۾ پوندين ڪيترو"

ٺُري ج ٺُرِي: ذ. جوئر جو مِٺو ڪانو مِٺو ماٺهو.

"ڪي ڪي ڪانگُڙ ڪي تہ ٺُري"

ٺڙڪڻ: ٺڙپڻ،لُڇڻ،لرزڻ، ڦٿڪڻ.

"پيار پڪيئڙا ڪوڙيو ڪنيڙا،ٺڙڪن ۾ ٺڙڦن"

ٺڙڪو اُٿڻ: گرمي پيدا ڪرڻ، جوش پيدا ڪرڻ

"مون جو ٺوڪيومانس نڪمو گذرين پيو ڏينهن چيو مان چانءِ ۾ ٺڙڪو اُٿندو هان"

ٺس ج ٺس: ذ. ٺسرو وٺو پيالو وڏو ويڪرو ٿانءُ.

"پيتم رات سهاڳ جا ٺسن مٿان ٺس"

"ٺسن مٿان ٺس، منزل منزل تي پئن"

ٺسجڻ: ٻُخارجڻ، ٺاسارو ٿيڻ، خشڪ ٿيڻ

"وِصل سين وچڙڻ جيئن ٺُرڪڻ سين ٺسجڻ"

ٺُسڻ: پرچڻ، راضي ٿيڻ، مهربان ٿيڻ

"سرهايون ساريو سڄڻ،ٺُسڻ ناهن ٺُل"

ٺسو ج ٺسا: ذ. اُجارو پياسو اُڃ، تڪليف.

"تو ساگر تي ڪهڙو سهارو ڏنو
ٺسي ٺر ڪي ڪارو ڪنارو ڏنو"

ٺسي ڏيڻ: اصطلاح. تڪليف، هلاڪي

"هر نظر سان هر نظاري کي ٺسي ڏيندو وڃان"

ٺسبي رُوپ: مذهبي ويس، مذهبي آڙ

"تير ۽ تلوار ٺسبي روپ ۾"

ٺُڪا: ذ. درگاهہ تي مُريدن جي ڏونرن تي ڏنپ ڏيئي هنيل مُهر، داغ، ڏنپ، ٺُڪا

"تعدي پانءِ ٺڪا، ڏُنڙا ڏڏ ڏنپين جي"

ٺڳ ج ٺڳون: جُوهہ نهار نگاهہ، خراب نظر، ويچار واري جاچ

"اُتي تنهنجي ٺڳ،جتي جرڪ جمان ۾"

ٺِڳ ج ٺِڳون: ث. ڏِڪ، ڇِيت، پڪ ساهي پيئڻ جو عمل.

"ساهن ۾ سرڪي پئي،تات ٺئيءَ جي ٺِڳ"

ٺڪڙا سپنا جمڻ: اصطلاح. اوچتا خواب

"پرهہ ڦُٽي پربات ٺُپي پئي،
تان تہ جمي پيا ٺڪڙا سپنا"

ٺڪ ٺُڪ: مُرليءَ جو موهيندڙ آواز جنهن تي نانگ بہ نچڻ لڳن.

"ٺُڪ ٺُڪ تنهنجي جهُونا جوڳي،
نيرا نانگ نچايا"

ٺُڪِي ج ٺُڪيون: ث. ڪانيءَ مان ٺهيل گز بنا ڇهنب وارو تير.

"جا سڄي سِٽ ٻخاري لڪي،
سا ٺُڪي ٺي ڪکر ۾ ڪُٺي"

ٺُڪِي ڪرڻ: سِڌو گز ڪرڻ، سيکت ڏيڻ

"ڊاڪو ڊڪٽيٽر، ٺوڪي لوڪ ٺُڪِي ڪندا"

ٺُلُ ج ٺُل: ذ. برابر،جوڙ،جيئن هٺہ

ڪو بہ نہ تنهنجو ٺُل،جرڪڻ مهڪڻ بي بها

"سرهايون ساريو سڄڻ،ٺُسڻ ناهن ٺُلُ"

ٺِلي ج ٺِليون: ث. هٿ جي ترڻ، سئين سڌي زمين

"هو گماٺي هو گهر، هي چانهين چا نئي ٺِلي"

تلوار سان لاٿون لهڻ: اصطلاح. شهيد

ٽيڻ وڙهندي قربان ٿيڻ، مقابلو ڪرڻ.
"ڪنهن تہ لڪي تڪي تلوار سان لاٿون لٽيون"
ٽمُ: ختم ٿيڻ،پورو ٿيڻ،مري وڃڻ.
"تنهنجو رهندو تذڪرو تون يان ٿيندين ٽمُ"
ٽمڻ، ج ٽمڻ: ذ. سردار، نواب.
"يا تو ۾ ڪو طائفو يا طرحدار ٽمڻ"
ٽنبڙ: ث. شڪاري پکيءَ جو هڪ قِسم.
ٽنبڻُ: هوا ۾ لٽڪندو رهڻ، لمڻ، گونجارڻ، ڪنب ڦرڪائڻ.
"ڏسو هوءَ ٽنبڙ ڪيئن نہ ٽنبي ٿي،
گھُوري گھُورِ گھُمِ هٽي ٿي"
"تون بہ ٽنب ٽنهن صاحب سوپ پري سُجهي"
ٽڙڪڻُ: تانگهڻ،چڪجڻ،ست ڪائڻ.
"ڪيڏو ٽڙان ٿو توڏيہ او آسرا ڪٽي آن؟"
ٽُودو، ج ٽُودا: ذ. ڇپ، متيءَ جو ڍڳ، وزندارگرو پٿر. هڪ جاءِ تي بيٺل، غير متحرڪ ڇپ.
"طوفانن ۾ جو بہ نہ ٽڙپيو، ٽُودو هوندو"
توڏو، ج توڏا: ذ. ڪنواٽُ،نوجوان،ڳڀرُو.
"جن بانا ڪاڏا بوتا ٿي تن توڏن موڏن جي آهي"
تور: ث. بار،بد هضمي.
"هانءَ تي تور آهي تورِيءَ زندگي"
تورارو: ساهمي، وزن ڪنڌڙ شيءِ.
"ڪو شُمار آهي نہ لفظن جو بلاشڪ بي شُمار
ڪو بہ تورارو نہ لفظن جو جسامت ڏار ڏار"
تورڻُ، ج تورڻ: ذ.تارڻ، طاقت جي علامت، بهادر.
"پرواهہ ناهي ٿيندو ڇا؟
جيڪي اسان کي تاڙن ٿا.
کھڙا هي تورڻ آهن"
ٽُوڙُ ج ٽُوڙ: ذ. نسُل،ٽِهي، پوچ.
"تون تان ٽُور ٽئين جي ٽُوڙ پراٽا ٽمَ"
توشو، ج توشا: ذ.سفر جو سامان،سمر.
"هي مقتل يا محفل،هي شوشا يا توشا"
توهہ: ذ. آٿت،آسرو، خوشي.
"جيڪو بہ سچو آهہ وطن دوست بخاري،
سو تر کي ڏئي توهہ، اهو ڏوهہ تہ ناهي"
توهي: راضي ٿي،خوش ٿي.
"عشق استاد وٽ آتور آتو
توئي توهي اها رتي بخشي"
تهبارُون: ث. ٽڪرا ٽڪرا، ذرا ذرا، ليڙون ليڙون.
"سورج ڪنئين ساک،تارا تهبارُون ڪيا"
"ملندي منٺارن ٿيون،تپشُون تهبارُون"
تهذيب: سڀيتا، ثقافت
"ڪجھہ گيت ٿا گونجڻ پيا،
بدمست ٿا جھُومن پيا،
تهذيب تہ تڙپي پئي"
ٽئونڪرو، ج ٽئونڪرا: ذ انتظار،اوسيئڙو، اُلڪو.
"خوشيون منهنجيون ڪاءِ، تنهنجو ايڏو ٽئونڪرو"
تيڙُون: ث. ڪونون،ڪانڊون ،نينڊون.
"تانگھن جون تيڙون موڪينديون مِهرون ڪري"
تيڙُو: ذ.ڪوٺ ڏيندڙ نينڊ ڏيندڙ دعوت ڏيندڙ.
"تانگھہ ڪري تيڙُو مڪر موسم سان گڏي"

تيل ڦليل: هار سينگار، سرهايون.
"ڳوٺ سڏيئي ٽاٽي،گهوٽ وِڏئي گهاٽي،
سيڪو تو چاٽي،تون ڇا تيل ڦليل وٺبيندين"
تينوار: تين وال، وڪرو.
جنهن جي وِڳن جي خوشبوءِ
تي ڪنهن کي نور بخشي،
سو حسن عام سامهون تيو تينوار آهي.

تيوَرُ ج تيوَرَ: ترشيءَ سان ڏسڻ جو انداز، قهري ديد.
تيورو. ج تيورا: ذ. صاف ڪندڙ ملڪاس.
"پنبڙين مان پيڪان،تيوَر تنهنجا تيورا"

ٽ

ٽاٽرڻ: ترسڻ، ٽٽرڻ، ٽارڻ، ٽٽائڻ، ريجهائڻ.
"ٽِڪي جڏهن ٽاٽريو هٽي، ڳَجُ ڳَئي"
ٽانهَرِ ج ٽانهَرُون: ٿ. ڌيرج، صبر، تحمل، سانت، ماٺ، نچتائي.
"سوچ صبر ٽانهر، سپ ڪجهه تي سويا ڪري"
ٽاڻُ ج ٽاڻَ: ذ. جاءِ، ماڳ مڪان، نڪاڻو بيٺڪ
"ٽهڪن ٽهڪن ٽاڻ،ٽڙڪن ٽڙڪن ٽاڻ"
ٽٽان ڦٽان: ٽڙ پکڙ، واوڪر، حيران پريشان، واٽڙي.
"محفل تي وئي ٽـٽان ڦـٽان،
ماريو تنهنجي نـ مان نـ مان."
ٽٽرڻُ: ترسڻ، رڪجڻ، بيهڻ، ساهه کڻڻ.
آدمزادو آهيان آخر،ٽڙپي ٽڙپي ٽٽران ٽو"
ٽر ٽر ڪرڻ: اصطلاح. ڏکڻ،لرزڻ،رڦڻ.
"منهنجا ٽر ٽر هٿ،تنهنجي ٽر ٽر ٽَٽِ"
ٽڙڪو ج ٽڙڪا: ذ. زلزلو، لرزش، ڏکٽي، رڦٽي.
"جر جُوالا پاليئي،ٽر ۾ ٽڙڪا ٽمُ"

ٽڙمُ: ڳڌ، ڪني، سٽا، ٽانيڪا.
"تي ويا تنهنجي ٽانَ تي، ڪيئي وهم ٽڙم"
"جرڪ جتي ڪا برڪ بخاري،
ٽـڙم ٽـتي ٿي ٽيندا آهيون"
ٽڪ اُچلائڻ: نفرت ڪرڻ، ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ.
"پاپي ڏسندي پيو نـ ٿـ پٽ تي ٽُڪ تـ اُچلايو"
ٽمُ. ج ٽمَ: ذ. لڪڻ جي جاءِ، چوري لڪائڻ وارو هنڌ، (شوئر جو ٽمُ) لڪل.
"جر جُوالا پاليئي، ٽر ۾ ٽڙڪا ٽمَ"
ٽُوٽيون ٽنبَ: امير غريب، ننڍاوڏا، عام
ٽوٽيون ٽنبَ: ٽيڪ ڏيندڙ ڪاٺيون ۽ ٽنيا، ٽيڪون/ اصطلاحي معني: خاموش ماڻهو هر ماڳ مڪان.
"مئخانا مڪتب،ٽوٽيون ٽنبَ اُتي پيا"
ٽُوهڙ. ج ٽُوهڙ: ذ. هڪ قسم جو ڪنڊن وارو زهريلو ٻوٽو ڪارو ٻوٽو.
"مگر ٻوءِ بـ باغن ۾ ٽُوهر ڏسون ٿا،
ڏسون ڇا ٿا، هٿ ساڻ آٽي هٽون ٿا"

"وقت هجي روهيلو رڻ پٽ،
ڏينهن ضرور تہ ٿوهر هوندا"

ٿھڙ: ٿڪاءُ، ٿانيڪو ٿيڻ، رڪجڻ.

"دهر ٿهر جو دنگ،
ڪنهن کي ڪل ڪِٿي ميان؟"

ٿھمڙ. ج ٿھمڙ: ذ. سڪون، آرام، صبر.

"خوشيون موجون جام، ٿهمر ٿام ڪٿي هٿا؟"

ٿيڙُ ج ٿيڙ: ذ. ٺُڏو ٿاہو ضرب، ٺيلهو ڙِڪو ڏڪ

"ڊوھہ وڏا ڊيري، ٿيندا پر ڪنهن ٿيڙ سان"

ٽ

ٽاپڙو ج ٽاپڙو: ذ. زور يا پيڙهون ڏيندڙ ننڍو، گهٽ، غريب.

"ڪلڪ قادر جو لکيو ڪو ٽالپر ڪو ٽاپڙو"

ٽاٽائي ج ٽاٽايون: ث. مضبوطي، خوشي، سڪون.

"ڪِٿي ٽاٽايون ٽوڙيون ٽاٽي،
ڪنهن جي پيڙا ڪو بہ نہ ڄاڻي"

ٽاري ٽاري: شاخ شاخ، انگ انگ، سنڌ سنڌ.

"تنهنجي باغ بدن جي، ٽاري ٽاري جيئي"

ٽاڏ ج ٽاڏون: ث. رنيون، پيٽ پرائي يا ڪاوڙ ۾ ڪيل ڍڳي جي رنڀ. کهرو ۽ تيز آواز.

"تيڙُو ڏين ٽاڏ،
ڍاڻون ڍورن جان مگر
آڏو ايندن ياڏ"

ٽاري ج ٽاريون: ث. ڏاري، شاخ، ٽار واهيرو.

"گولي ڪڙڪي، ڳيرو ٿورو
موڳي ٽاري جهومي پيئي ٿي"

ٽارين ڪاٽ: مرڪب لفظ ٽارين جي واڍي، ٽارين جي ڪٽائي.

"ڪيڏي ٽارين ڪاٽ تي ڪيڏي چوڻ چل"

ٽاڙهو ٽاڙهہ رُنڻ: زاروقطار رُنڻ ،اوڇگار ڏئي رُنڻ.

"تڏڙا ساھہ پريندي سهٽا، رُئندي ٽاڙهو ٽاڙهہ"

ٽاڪاٽا: غلطيون، سهوون

ٽاڪاٽا ٽچڪائڻ: اصطلاح. غلطيون درست ڪرڻ، هيڪ ختم ڪرڻ، همت

ٽاڪاٽا ٽچڪايان پيو ٿو
اڪرن کي اوجاريان پيو ٿو

ٽالپور: قبيلو سنڌ جو حڪمران گهراڻو وڏو امير.

"ڪلڪ قادر جو لکيو ڪو ٽالپر، ڪو ٽاپڙو"

ٽانڊو[1]. ج ٽانڊا: ذ. ٻرندڙ اگر،

ٽانڊا اکين تي رکڻ: اصطلاح: بي آرامي، لُچ پُچ، ساڙيندڙ انتظار.

"اکين تي رکي ويا، توکي رات ٽانڊا"

ٽانڊو [2]. ج ٽانڊا: ذ. باھہ تہ خوف. خطرو، مصيبت، موت جو ڊپ.

"ٽاريءَ نينهن نپائي ڄاڻي،
ٽانڊن ۾ ٽڙڻ ماٽي ڄاڻي"

ٽانڊاڻو: ڪڙڪڻيتو

ٽانڊاڻو ٿي اچڻ: اصطلاح. روشنيءَ جي علامت بڻجڻ. شجاعيءَ جو اهڃاڻ ٿيڻ.

ٽانڊاڻو ٿيڻ: اصطلاح. پنهنجي روشني پاڻ پيدا ڪرڻ. ڪڙڪڻيتي وانگر پنهنجي روشني پاڻ پيدا ڪرڻ.

"ٽانڊاڻو ٿي آڻ، پنهنجا اُلا پاڻ سين"

ٽانڊا ٽڪورڻ: اصطلاح. ٽانڊن تي پاڻي وجهڻ. زخم ناڻڻ، سيڪو ڏيڻ.

"آڙاهه اُجهاڻو بہ تہ، ٽانڊا تہ ٽڪوريو"

ٽانڊن مٿان ٽپ ڏيڻ: اصطلاح. درد جي شدت ۾ لُڇڻ. بي آرامي. لُڇ پُڇ.

"ادا ڙي اُستاد جا، ٽانڊن مٿان ٽپ"

ٽانڊن ۾ ٽڙڻ: اصطلاح. مصيبت ۾ مُرڪڻ. تڪليف سهڻ. درد ۾ بہ لطف ماڻڻ.

"چاهه چريو ٿي چڻو ٽانڊن ۾ ٽڙندو وتي"

ٽاڻُ ج ٽاڻَ: ذ. ٽاڻو ماڳ. هنڌ.

"ٿهڪن ٿهڪن ٽاڻ، ٽڙڪن ٽڙڪن ٽاڻ"

ٽاڻو ج ٽاڻا: ذ. وقت. زمانو.

"هستيءَ کي ڪنهن جي هٿي،
ٽاڻي ڪنهن جي ٽيڪ"

ٽاڻو ٽورڻ: اصطلاح. وقت کي هلائڻ. منفرد هلڻ. غير روايتي ڪم ڪرڻ.

"ٽاڻي ساڻ ٽُرڻ جي بدران، ٽاڻي کي ٽوريوَ"

ٽاڻي ٽاڻي طور سوچڻ: اصطلاح. وقت ۽ حالتن مطابق سوچڻ يا حڪمت عملي جوڙڻ.

ٽاهَڙُ ج ٽاهَڙَ: ذ. ٽهندڙُ ٻڄندڙُ

"ڪيترا انسان چڻ ٽاهڙ ٽٽر،
ڪيترا انسان چڻ پاليل ٽٽر"

ٽرالي ج ٽراليون: ث. ٽريڪٽر وغيره جي ٽرالي، تمام گهٽي، بي انداز ججهي.

"ڀري هلو لوڪ ڏي ٿهڪن جون ٽراليون"

ٽُرڙُ ج ٽُرڙَ: ذ. نوڙهي، ڀڻ کان سواءِ نونيي، تارين کان خالي ڇانگيل.

"بيٺيون آهن بند تي، ٽُرڙ ٿي ٽالهيون"

ٽڪر ٿي اُٿڻ: اصطلاح. پهاڙ تي بيهڻ. جمي مقابلو ڪرڻ. مضبوط ٿي بيهڻ.

"پٿرن سامهون ٽڪر ٿي اُٿو
جُوز حملو ڪن تہ هٽلر ٿي اُٿو"

ٽڪ ج ٽڪون: ث. حد. نشان. دنگ. ٽوڙ پڇاڙي.

" ٽاڻي وانگر ناهه ڇا. ٽڪر توکي ٽڪ"

ٽُڪ ٽُڪڻ: اصطلاح. ڇتَ ڪيڻ چٽسالي ڪرڻ. گهڙڻ. جوڙڻ. خوبصورت بنائڻ.

"حسن هُن جي لاءِ پيو مان ڇا چوان؟
خود خُدا ويهي ٽُڪي آ پاڻ ٽُڪ"

ٽَلَ ٽَلَڻ: اصطلاح. رِٽ رِٽڻ. تدبير جوڙڻ. اٽڪل سوچڻ. منصوبا بندي ڪرڻ.

"بانڪا بانڪا باهڙيا، ٽَلِن بينا ٽَل"

ٽَلو ج ٽلا: ذ. ولر. وڳر. ٽولو گروهه. جٿو.

"ڪنهن جي ٽور ٽلا هَنجهن جا؟"

ٽَلڻ: غور ويچار ڪرڻ. سوچڻ.

"گهڙيون چار سي هڻ هٿان ۾ هَجي وبون.
بخاري ٽَليون چا سليون چا..الا لا!"

ٽِلهو: اِٽيءَ کي ڏڪر جا ٽي ڏڪ.

"اِلهو ٽي پِلهو ۽ پِلهو ٽي ٽِلهو"

ٽِنبِ ج ٽِنبُون: ٿ. آڪڙ، وڏائي، فخر، ڦونڊِ.

"ٽَڪي ڪاٽي ٽِنبِ، آڳهن اهنج ـ انگورجي"

ٽِڻُ: وجهہ، موقعو، مهل، واعدو.

"نارِي نينهن نياٽي جاٽي،

ٽاڻين مِ ٽِڻ ماٽي جاٽي"

ٽور ج ٽورُون: ٿ. چال، هلٽي، پنڌ.

"ڪنهن جي ٽور ٽلا هَنجهن جا"

ٽُورو ج ٽُورا: ذ. اونڌو، مڙيل، ڏنگو.

"گولي ڪڙڪي ڳيرو ٽُورو"

ٽوڙُ ج ٽوڙُ: ذ. ٽوڙيندڙ، پڇندڙ.

"پٽ نہ هو پالهو جتي ٽوڙ ٽلا نہ ها"

ٽوڙو ج ٽوڙا: ذ پگو ٽوڙو (لڪيءَ پرسان هڪ مشهور جبل جو نالو)

"جي ڪي ٽُو ڳگاٽيو تہ ٽوڙو ڳُوالو"

ٽوڪو ج ٽوڪا: ذ. اَنُ جو ماڻ يا ماپو (ٻن مٽن ۽ سورهن سيرن برابر)

"پنڊو ٽوڪو ڪٽڪ جو پلڪ جنڊ جا پَڙ"

ٽولاڪا ٽوڙڻُ: مصيبتون مِٽائڻ، جبل ٽوڙڻ، ڏاڍ ڏارڻ.

"اُٽ وجهُو استاد بخاري ٽولاڪا ٽوڙي"

ٽولاڪو ج . ڏُڪ: ڏاڪڙو اهنج، ايذاءُ، مصيبت.

"اُٽ وجهُون استاد بخاري ٽولاڪا ٽوڙي"

ٽُوهہ ٽيڻ: اصطلاح. ڪڙو ٽيڻ، ڪسارو ٽيڻ، زهر ٽيڻ.

"غاصبن لئہ ٽُوهہ ٽي، ڪوڙو بہ ٽي"

ٽوهڻ: ڳولڻ، رولڻ، تلاش ڪرڻ.

"ٽهڪن مان ٽوهي سگهن، پاٽيءَ جيڏا ٻور"

ٽُهڙ: پَڪيءَ جو نالو پاٽيءَ جي پڪيءَ جو قسم، ميرانجهو ڳيري جي قد جو پکي، پاٽيءَ جا جيت ڪاٽيندڙ پکي، ڊجڻو پجڻو.

"ٽُهڙ ڪُمُونءَ ڪان ڪاٽي ٽاهہ"

ٽهڪ ٽُٽڻ: اصطلاح. خوشي ختم ٿيڻ، شڪون ختم ٿيڻ.

"مُرڪ مري وئي، ٽهڪ ٽُٽي ويا"

ٽَهلٽيو ج ٽهلٽيا: ذ. ٽهل ٽڪور وارو، ملازم، نوڪر، بارڪٽندڙ ملازم.

"پيرُ اي سِي مِ سُتو ٻوڙاُس مِ ٽَهلٽيو پاٽي پيو"

ٽِهہ: ج (سِرائڪي) اُڃ، پياس.

"ڪلالڻ تہ ڪُپڙي بہ ڪَرڪي ڪنئي پر، متارن جي ٽِهہ ناهہ لاٽي مَٽن"

ٽيشُ ج ٽيشُون: ٿ. نظرداري، تاڙ، چوڪسِي، نهار.

"ٽيٽ ٽُڪر ٽونا، ڳمُوڙون موتيون ڳمائجي"

ٽيرو ج ٽيرا: ذ جهڳ جو گڏجي ڳوڙهو ناهڻ، ڳوڙهو چاڻو.

"وهڙا، ڊِانڊيا، ڳاڙها تارا، واڇُون جهڳ ٽيرا"

ٽيرُ مٽيرُ: ايرو غيرو فضول، اجايو غير.

"ٽوڪن ٽِير مٽِير پرين، دل لاٽي دلگير نہ ٿي"

ٽيڙو ج ٽيڙا: ذ. ڦِڏو ڏِنگو اڙيبان ٽيڏو.

"ٽيڙن ڪي ٽيڳر،

ٽوڙي آهن ٽوڙ ڪان،

ٻي پاڙا ٻي گهر.

ٽيگر. ج ٽيگرون: ث هُشي، آڪڙ، مستي، ڦونڊ

"ٽيڙن کي ٽيگر،
توڙي آهن توڙ ڪان،
بي پاڙا بي گهر.

ٽيهو. ج ٽيها: ذ. ڇٽڪار، ڇنڊڪار پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ، ڦوڪارو

"آسر سان ماڪ ٽيهو ٽي ڏئي آهستي آهستي"

ٽي هٽ رسي اصطلاح: ڦاهي ڪائڻ لاءِ رسي (ٽي هٽ، ڏيڍ فوٽ رسي).

"نڪا عزت نڪا عظمت نڪو مطلب نڪو مقصد
اِنهي شعرءِ سخن کان شاعرو ٽي هٽ رسي ڳُرجي"

ٽي لفظ ڏيڻ: ترڪ ڪرڻ، ڇڏڻ، ڇڏي ڏيڻ، طلاق ڏيڻ.

"تن من کان بيزار ٿيان،
ءِ جِيون کي ٽي لفظ ڏيان"

ٽِيڙُ. ج ٽيڙُ: ذ. ٽپ بخار هرو جيڪو هر ٽئين ڏينهن اچي، مصيبت.

"ڳند ڳمٽائي مند مٽائي ٽيڙُ تارڻ وارا آهيون"

ٺ

ٺاٺ. ج ٺاٺ: ذ. مانداڻ، ڳهاٽ.

"ٺُڪ ٺُڪ ٺُڪ ٺُڪ. ٺاٺا، ٺاهيان ٺاٺ مُحبت جا"

ٺاٺارو. ج. ٺاٺارو: ذ. ٺاٺو ٺاهيندڙ شاعرُ.

"ٺُڪ ٺُڪ ٺُڪ ٺُڪ ٺاٺا،
ٺاهيان ٺاٺ محبت جا،
آءٌ به آهيان ٺاٺارو"

ٺاله(ٺال): ث. ڳمٽي ٿڌ، سخت سردي

"پارو پوي پوه، ڇنو ٺاله ٺِني ڇڏيو"

ٺامُ. ج ٺامَ: ذ. ماٺ، سانت، خاموشي، سين، ميلاپ جو هنڌ، ٺڪاڻو.

ٺٽ ٺام: ٺٽ ٺاڻگر، ٺاٺ مزا، اڊمبر، سينگار.

"هيءَ ٺٽ ٺام تنهنجي ٺام،
آءٌ مُدام تنهنجي ٺام"

ٺَپ: بند ڪرڻ، ماٺِ، خاموشي.

"ٺهي نه ٽي ٺپ، کُلن ڦرب ڪتاب جي"

ٺَرو. ج ٺَرا: ذ. ديسي شراب.

"ڪشتو جوڙيون ڪنتري، ٺاهيون نيڪ ٺرو"

ٺڪورڻ: سنوارڻ، ڏڪ هڻي سڌو ڪرڻ، ضربڻ، چوٽ لڳائڻ.

ٺلها ٺاٺ: اجايا ڏيک، بي ربط انسٽا، اجايا مانداڻ، فضول سينگار.

"تحقيق جي مضبوط هٿوڙي سان ٺڪوري،
وهمن جا ٺلها ٺاٺ ڀڃون ٿا سو ڀڃون ٿا"

ٺَنپ: ث. سخت ٿڌ، شديد سردي

"ٺري نه ٿو ٺنپ ۾، اندر جو اوڀڙُ"

ٺوبڙ. ج ٺوبڙ: ذ. خالي ٿانءُ، کوکو سکڻو بيڪار.

" دل ۾ دلبر ناهه ته ٺوبر آ، ٺلهي آ"

ٺوگرو. ج ٺوگرا: ذ. پادر، ڪلتر، موچڙو ڇتر.

"جيسين جهُڪن سِيس، تيسين وسن ٺوگرا"

ٺَهرو: سانت، ٿانهر، خاموشي، ڌيرج.

ٺهرڻ: ترسڻ.

"ٺَهري جي رات مِهينو ٿي ساعت نجڻ هفتو ٿي"

پ

پاڙي ج پاڙيون: ث. اَنُ جو ماڻُ (هڪڙي ٽوپي ۾ چار پاٽيون ٿين).

"بخاريءَ جي ٺهڪ ۾ پاڙيءَ جيڏا ٻور"

پاڙيءَ جيڏا ٻور: ججهيون ڀچارون، وڏيون سوچون.

پاپائيت: ث. Pope لفظ مان نڪتل، مُلائيت، فسطائيت، Popery عيسائين جي فرقي جي پادرين جي روش، آمريت وارو انداز.

"جسم تي پاپائيت آمرانا،

روح ۾ تاتاريت وحشيپڻا"

پاپڙو: پلڙو ٻير جي وڻ جي ڦري.

"تارا اُڀ تي پاپڙا، رات سڄي روڙين"

پاپڙي پڪڙڻ: ڪن جي ٻوٽ پڪڙڻ، تنبيهه ڪرڻ.

"پڪڙيئين پاپڙي، ڪَهُم ڪائون ٻير آ"

پاپي چنبا: ويڙهاڪ هٿ، جهيڙيندڙ هٿ.

"پهڪن پاپيها ته چا، هوڪارن چا هنج، پالين ها "بابا" وڏا، پاپي چنبا پنج.

پاچاري ج پاچاريون: ث. ڪاٺ جو ٺهيل چونڪو جيڪا ڏاندن کي ڳچيءَ ۾ وجهي هر يا نار ۾ جوٽيو آهي، پانچاري، ڪنڌاٽ، غلامي (اصطلاحي معني).

ڏوتي ٿيا ڏاند، ڏاڍن پاچاريون وڌيون.

پاچاريون پياريون ڪرڻ: اصطلاح. غلامي قبول ڪرڻ، ڳٽ قبول ڪرڻ.

"ڦيٽا ڦتڪائين، پاچاريون پياريون ڪري"

پاچاري وجهڻ: اصطلاح ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهڻ، محڪوم بنائڻ، غلام بنائڻ

"ڏوتي ٿيا ڏاند، ڏاڍن پاچاريون وڌيون"

پاڏو ٻُڙيءَ ٻورڻ: اصطلاح. مضبوط ٿيڻ، سگهارو ٿيڻ.

"ٿلهو ٿيءُ هنيان هڻج، ٻور ٻُڙيءَ پاڏو"

پاراپو ج پاراپا: ذ. نياپو سنيهو پيغام، سڏُ طمنو.

"پاراپا آيا، پهچو پوءِ پريتڻو"

پاراڻيو ج پاراڻيا: ذ. نياپو سنيهو ڏوراپو مهڻو پيغام.

"پنهنجا پاراڻيا، ڪيڙن، پوڪن، سي ڪٽن"

پارو ڄمڻ: اصطلاح. خاموش ٿيڻ، چُپ ٿيڻ، خاموشي ڇانئجڻ، ماحول، سانت ٿيڻ

"مات تي ويٺين ته پيو پارو ڄمِي"

پاري جي پيالي ٿيڻ: اصطلاح. لُڇندڙ يا تڙپندڙ هئڻ.

"پاري جي پيالي اٿئي دل استاد جي"

"بي چين بخاريءَ کي،

پاري جي پياليءَ کي،

تڙپائي نه تيلي ڏي"

پاريچو ج پاريچا: ذ. پار وارا، درياهه جي ٻيءَ پر وارا.

"آريچا پاريچا پرچي، ڌرتي جا پريور سهارا، ڏوڏارا ڏونـــڌاڙي وجهــــندا"

پاشا: پاشا، باد شاهہ، وڏا.

"گُنهگار چا پير پاشا هضم"

پاکَرُ: زرهہ نما پوشاڪ، ڪڙول، قيدبند.

"جيئڻ ڪارڻ بيڙيون پاکر،
جيئڻ ڪارڻ ٽانبا ٽانگر".

پالَ وِجهڻ: اصطلاح. ميوو پال وجهڻ، پچائڻ، پکو ڪرڻ، پُور پچائڻ.

"وِجهان پنهنجي سمجهہ ۾ پُور بخاري پال"

پانءُ: پير قدم، پانءُ، پگهہ

پنهونءَ پانءِ پنرو: پنهونءَ جي سهڻن پيرن وارو شهزادو لاڏو.

"گذريو آهي گس تان، پُنهون پانءُ پُنرو"

پانو ج پانا: ذ. هڪ قسم جو لوهہ جو اوزار جنهن سان نٽ، بلٽ، ڪسبا آهن.

"هر قلم پانا، اُتو وُٺُون هٿ ڪيون"

پاهتُ ج پاهتَ: ذ. شاديءَ وقت رسم طور روڪ، رقم ڏيڻ، خوشيءَ جي موقعي تي ڏنل وٿ.

"پهتا پاهت تي اچي ماڻهو محنتي"

پاٿي: جياپي جو سامان، وسيلو زندگي.

"پاٿي منهنجو ساڻ نيو تا، ڪُرڙي ڪيئن جيان؟"

پُپڙُ ج پُپڙَ: ذ پپڙ جي تِڪي جيڪا مخروطي ٿيندي آهي چاتين ڏانهن اشارو اُرهہ

"چنريءَ تي ڪنول چاپيل چولي ۾ پپڙ يانبيل"

پتائتي ج پتائتيون: ث. پَتِ واري، سچي، اعتبار جوڳي.

"پتائتي پريت سان پورهيو سچو سُرتيو
سچڻ سهڻو سچڻ سهڻو"

پتي پتي ٿيڻ: اصطلاح. پنکڙي پنکڙي ٿيڻ، ذري ذري ٿيڻ، وکري وڃڻ.

پيار ۾ ٿي پتي پتي هوندي،
ها اها منهنجي زندگي هوندي

پٿرُ ج پٿرَ: ذ سخت، ڏاڍو مضبوط

"پٿرن سامهون ٽڪر ٿي اُٿو
جُوز حملو ڪن تہ هٿلر ٿي اُٿو"

پٿر ۾ چٽنگ اوٿڻ: پٿرن ۾ باهہ پڙڪائڻ، اصلاح: بت بڻيل ماڻهن ۾ جوش پيدا ڪرڻ.

"مون لُڇ پُڇ آڇي لهرن کي،
مون چٽنگون اوتيون پٿرن ۾"

پٽُ ج پٽَ: ذ. واٽ، چارو دڳ، گس، رستو، مارڳ، راج.

"پنهون پنهون پٽ، آري آري واءَ ۾"

پٽُ ج پٽَ: ميدان، ماڳ مڪان، علائقا.

"آزادي اُستاد ها، پنهنجا آچا پٽ"

پٽُ: جام، پيالا.

"پئندي پٽ بہ ٿي وسڪي چپ چٽي وجهي"

"پيئندي پٽ بہ ٿي چاهت چوٽئين اوچتو"

"پاڻُر ڪاٺُر پٽ، منجَرُ ڪينجهر منڍ چئو"

پٽ: ث. ميدان، علائقا، اڻ کٽ رستا.

"آڏو رهبر آرزُو پويان رهزن پٽ"

پٽُ ج پٽَ: ذ. ريشمُ، ريشمي پٽيون.

"مٿان پٽ پڌل، هيٺان ڇُپيل ڇٽَ"

پتڪو ٿيڻ: اصطلاح. عزت وارو ٿيڻ، لڄدار ٿيڻ، شان وارو ٿيڻ، پگ وارو ٿيڻ.

"پوت ٿي، پهراڻ ٿي، پتڪو بہ ٿيءُ"

پنڪو ڪنڌڙڻ: اصطلاح. عزت وڃڻ، بيستو ٿيڻ، مانُ وڃڻ.

"لُنجن لوبون، ڪنڌڙن پنڪا"

پتوڪَ ج پتوڪ: ذ. جبل، پٿرائين زمين.

"جنهن جا پير پتوڪ تي، بخمل ٿا پاسن"

پٺه ج پلون: ث. جَوانُ ٻڪري، اٺڻ.

"سوچو ڪونهان، ڦنبرون اٿون پٺ، اُنيون"

پپ ٻاٽ: گماٽي يا ڪاري اوندهہ، گھگھُہ اونده.

"پپ ٻاٽ، لاٽ چا چمڪاٽ چا،
ڏونهاٽ ٿي ڏسجي نہ ٿو"

پيجرا لوڙڻ: اصطلاح. رُڪاوٽون ٽوڙڻ، قيد بند ٽوڙڻ.

"پڪ پڪ تي ڏک پيجرا لوڙي،
آڪيري ڏي اُڏندو آهيان"

پچڻ: ڦُنبڻ، ڪُٽڻ، مارڻ، هلڪو ڪرڻ.

"پاپ کي پڪڙي، پچي پرزا ڪيان"

پُڄُ ج پُڄَ: ذ. ثواب، نيڪ ڪم، پيار.

"ٿوٽڻي ما ترياق ٿيا، پاپن پاران پُڄ"

پچ: چڪتاڻ، پچر، رَنجهہ، تڪليف.

"پابوهيندي پچ سڪڻ سهڄنين سونهن لئہ"

پچڻ کي ٽاڪا لڳڻ: اصطلاح. ڳالهائڻ تي بندش پوڻ.

"ڳچڻ کي ڪوڪا لڳا پچڻ کي ٽاڪا"

پراپت: حاصلات، مقصد، نتيجو.

"جسم سڀ ڪنهن جو جُدارو پر پراپت آڪتي"

پريت ڪٽڻ: اصطلاح. وڏو بار ڪٽڻ، ڏکئي ڪم کي منهن ڏيڻ.

دوستيءَ جو دم هٽڻ ڏاڍو ڏکيو، ڪنڌ تي پريت ڪٽڻ ڏاڍو ڏکيو.

پرپاتِ: پرهہ ڦُٽي، باک، پرهہ (آجپو انقلاب: اصلاحي معنيٰ)

"چاٽيون، جپيون شعلا، اڏ رات جي تقاضا

پُرجهہ پُرزا ٿيڻ: عقل خطا ٿيڻ، متيون مُنجهي پوڻ.

"ديد ٺُڪرا، پُرجهہ پُرزا ٿي وئي"

پرچا پڙهڻ: اصطلاح: احوال معلوم ڪرڻ.

"منهنجي سِڪ سچيت جا، پرچا تہ ڪو پڙهي"

پرچارُ ج پرچارَ: ذ. مشهوري، ڦهلاءُ، اشاعت، اظهار، اعلان، تبليغ.

"پيار سچو پرچار، پاڻ پڌاري پاڻ پساري"

پر ڏر: ڌاريو ديدبو حملي آورجو رعب، غاصب جو خوف، پرائي جو دپ.

"متان چئين پر ڏر ڪونتر ڪينهن سنڌ ۾"

پُرڙڻ: مٽيءَ ۾ دسڻ، ڪيرائڻ، پُورو ڪرڻ، دفن ڪرڻ.

ڪوڙ جي ڪوهيڙ ۾ ڪرٽا ڪڙي،
پرهہ جي پيغام کي پُرڙيو ويو

پر ڦهلائڻ: اصطلاح. اڏام لاءِ تيار ٿيڻ، اڳتي وڌڻ جو عزم ڪرڻ.

هر سوچ تڪِيءَ جا ڪنپ وڌيو،
هُو پنهنجا پر ڦهلائي چو؟

پُرلُو ج پُرلُو: ذ. پوئلگہ، چاڙتو ايجنٽہ.

"تنهنجا پُرلُو پڌرا ٿي پيا، هنڌ هنڌ تي هاٽي"

پرماري پاڃاري: ث. ڌارين جـي غُلامي

۾ محڪومي.

"ڪونڌر ڪنڌ منجهان ڪيڌ هاٿي،
پرٽي ماري پاڇاري"

پُرڻ: ڇُرڻ، رڙهڻ، اڳتي وڌڻ.

"مُيون ڪِين مُرِيون، پُريون پوءِ بہ پرينءَ ڏي"

پرواز ڦٽجڻ: اڏام زخمي ٿيڻ، ڇُرپُر تي بندش هجڻ.

"بازار ۾ پيجرو آ، شهر آهہ تماشائي،
پرواز ڦٽيو پيو آ"

پروانو ٿي پچڻ: اصطلاح. پتنگ وانگر باهہ ۾ ٽپڻ، بهادريءَ سان سِر گهورڻ، همت سان لڙڻ.

"تانڊاٿو ٿي اچ يا پروانو ٿي پچ"

پرو، ج پرا: ذ. ڏس پتو حد. نشان، اهڃاڻ، دنگ.

"اڻ ڪڇيو اڻ ڪٿيو زندگيءَ جو پرو"

پرويز: ث. ريت، رسم، روش.

"پرَ ڇٽي پرويز ۾، گُلبُوٽي گانا"

مُند: رت، هلڻ چلت

پـريتُ: جن ڀُوت، ڏيپ ڏاءُ، وهم وسوسا.

"ڇا ڇا ڀُوت پريت ۾ ڇا ڇا دي دِڳران"

پريون ڦور: پري وارو وقت، ايندڙ زمانو، مستقبل.

"اڳئين دور استاد نياپو مُڪو
پرئين دور تائين پُڪاري چڙيان"

پڙاڏي مان پڙاڏو اُٿڻ: اصطلاح. سڏ مان سڏ اچڻ، آواز مان آواز اٿڻ.

"اُتن اچا بہ پڙاڏي منجهان پڙاڏا پيا
ڪري پُڪار بخاري يڪو سڏيو هوندو"

پڙڇُ، ج پڙڇَ: ذ. تڏو تَڪ، ڏاتوءَ جي چادر ـ

"پڙڇ وِڇائي راند رهين پيو"

پڙُ، ج پڙَ: ذ. نار جو پڙُ، ميدان، ماڳ، مڪان.

"ساڳيا پڙ پر جوڳون متجن،
لوٽا اِرڙيون پيا پيا پڏجن"

پڙدَ: ٿهہ، پڙ.

"مٿان پڙدَ تي پڙدَ چمرن جا چايا"

پڙَ: پرت، پلڙو، تارازيءَ، ٿهہ ڍڪ.

"ساري تر ۾ ٽر، پڙ ۾ پوندين ڪيترو"

پڙهو: اعلان، پڌرائي، ڍنڍورو.

"پڙهيو رات پڙهو سڄ پڌو سوگهو ڪري"

پسارڻ: ظاهر ٿيڻ، پڌرو ٿيڻ، سير سفر ڪرڻ، پکيڙڻ، وڌائڻ.

"پيار سچو پرچار پاڻ پڌاريءَ پاڻ پساري"

پسارو، ج پسارا: ذ. ڪنبيڙ، پکيڙ، نظارو، مشاهدو.

"پيئڻ ڪائڻ پهريان پاڇي پوءِ پسارا"

پڪڙ: جڪڙ.

"تي پڪوڙي ازل ۾ ابد جي پڪڙ"

پِڪَ، ج پِڪَ: ذ. ڪنب، پر (مطلب پکي).

"آهيڙيءَ جي هٽ ۾، پيجرا توڙي پِڪَ"

پِڪ پِڪ: هنڌ هنڌ، چپو چپو، ڏگ ڏگ، پر پر.

"پِڪ پِڪ تي دک پيجرا لوڏي
آڪيري ڏي اُڏندو آهيان"

پکي: ث. زمين جي ڦتيل، زمين جو ننڍو ٽُڪرو (پوڪيل)

"اچ جا جُوءِ سچي وٺي ڀِڃڃي،
پوکي ڪالهہ پکي"

پڳ پڳ: هند هند، ماڳ ماڳ، چپي چپي.

"باک پڳ پڳ ماک چِٽڪاري ٿي"

پڳڙي بچڻ: اصطلاح. عهدو بچڻ، ڪرسي قائم رهڻ.

"خان خوش، مخدوم خوش، ڪرسي بچي،
جُوءِ جي پوتي لَٿي، پڳڙي بَچي"

پلٽو ج پلٽا: ذ. هٿن تي ڦري وڃڻ، تلوار بازيءَ جو فن.

"پيتي سان پلٽو لڳي، پيئڻ پِن پسڻي"

پل پگهڙ: اصطلاح. زماني کي پگهر اچڻ، گهڙين جو گهومائجڻ.

"سُوسٽ پرن صديون، پگهري پون پل"

پنُ ج پنَ: ذ. پردو امانُ لڄ، پتِ.

"نينهن ننگي کي کهڙي پروا،
تنهنجو منهنجو رهجي پن"

پن پن: پنو مُراد. سند سند. انگ انگ عُضوو عُضوو.

"تنهنجي باغ بهار بدن جي
تاري تاري پن پن جيئي"

پُنُ ج پُنَ: ذ. ثواب. نيڪي، ڀلائيءَ جو ڪم.

"پيئڻ پيارڻ پُن، جيئڻ پاپ پيئڻ ريءَ"

پنبڻ: مشڪل ڪم ۾ هٿ وجهڻ، نچڻ، جهومڻ

"واسيو آس وِجُود کي، پنبان پاٺهي پاڻ"

پنجوڙ ث. مُچ يا ڪاپار جو چار وحشي جانور/سوئر ڦاسائبا آهن.

"پنجوڙون سوٿا، ڏڦا طنابون به تيار"

پن چرٽو ج پن چرٽا: ذ. چوپايو مال، ڳاهه چرندڙ پن ڪائيندڙ

"پوکُن، ٻوٽن، پن چرٽن سان"

پندِ: صلاح، مت، نصيحت، مشورو.

"سو تون صحتمند، جي تون پرينءَ پندِ سين"

پرينءَ–پند: پرين جي صلاح، پرين جو راضپو.

پندي پرستي: خود پرستي، خود غرضي، خودثنائي، پاڻ پُوڄا.

"پندي پرستي، ماڻهن کي موڳو ڪيو
لکن جي هيتي ڳيڪن ۾ اڙجي وئي"

پنهنجا پهراڻ ڦاڙڻ: اصطلاح. پاڻ ۾ لڙڻ، پنهنجن سان جهيڙو ڪرڻ

"رُڳو پنهنجا پهراڻ ڦاڙيا اٿو
ٻيگون هُو ٻڌيو ٿا دنگن پاڳلو"!

پنٽسٽ: پهرينءَ سٽ، جلدي، بنا دير.

"پرين ور پنٽست، آءٌ تان اڌ ڪُني مُٺي"

پٽن پارهن: ٻيڙا پارسي سٽائي، ٻن ٻڪن جو داءُ (ڍاري راند ۾).

"پيار اگهامي، پو پٽن پارهن"

پٽڪي ج پٽڪيون: ث. اَنُ جو ماپو پاٽي

"ڪُسجي پاپ مٽين ويو باقي پٽڪي پاءُ"

پوت ٿيڻ: اصطلاح. پوتي ٿيڻ، لڄ ٿيڻ، عزت بنجڻ

"پوت ٿي پهراڻ ٿي پٽڪو به ٿيءُ"

پوتي لهڻ: اصطلاح. عزت وڃڻ، ننگو ٿيڻ، بربادي ٿيڻ

"خان خوش، مخدوم خوش ڪرسي بچي،
جُوءِ جي پوتي لٿي، پڳڙي بچي"

پوٽ:پستڪ، ڪتاب.
"پنهنجي گهري پيار جو وينو پوٽ پڙهي"
پوپٽڙو ج **پٽڙا**: رنگين سهڻو نازڪ اُڏامندڙ جيت، نرم احساس، رنگين خيال، سهڻي سوچ.
"تو طرز وتي هي ڪا هر شعر ۾ پوپٽڙا"
پوپو. ج **پوپا**: ذ. ڇوسيل ڳنو خالي، سڪل پوزرو ڪانو
"آ پيار ڀنا ماڻهو پوپو"
پورالو ج **پورالا**: ذ. ڀورن وارو، سودائي، ريچڪ وارو، بہ ڇتيو.
"پريم تون پورالو ڇڏ ڇڏ"!
پورُ ج **پورَ**:ذ. نشان،آثار اهڃاڻ، ٺپو ڇاپو مُهر.
"تارا، ماڪ، ڪتُوري لاٿيون،
عرشين فرشين تنهنجا پورَ"
پُونڇهہ: ث. پوءِ،پڇاڙي،آخر.
"ڪير پرُوڙي پُرجهي پُونڇهہ،
ڪنهن کي معلوم آهہ مُهاڳ"
پُونگ: ذ. ننڍا ٻچا، ڪچا پونگڙا.
"پرڙ بلائُن پُونگ وڙائي،
ڇو تہ اڄي ٿي اهڙي ڇٽ"
ٻهہ: ماڪ
ٻهہ پٽي: ماڪ جي ڦڙي جيتري، بنهہ ٿوري.
"پنهنجي ٻهہ پٽي سمجهيم سرس سمونڊ ڪان"

پُهتو ڪرڻ: اصطلاح. سڏ ۾ سڏ ڏيڻ ورنائڻ، پهتو پهتو جو آواز ڪرڻ، آيو آيو جو آواز ڪرڻ.
"ٻڪان ڳُوڪان ڪيترو پُهتو ڪئي نہ پُنهل"
پِهَرَ: ث. وانگي ماڻهو جھڙو شخص.
پَهَرُ ج **پَهَرَ**: ذ. وقت، ڏينهن جو چوٿون حصو ٽن ڪلاڪن جو عرصو.
"پگهر پگهر منهن پهر پهر جو"
پَٺن پارهن: سڀ سڻائي.
"پيار اگهامي پوءِ پَٺن پارهن"
پئيندُ. ج **پئيندَ**: ذ. پيڪڙ،ڏاوڻ،ونگہ
"پهہ کي روڪ نہ پئيندَ جي،
ڪهَہ کي ڪهڙي ڪٺُ"
پيار پاڙهڻ: اصطلاح. پاٻوهہ جي پرچار ڪرڻ، محبت ونڊڻ.
پيلاڻ پڙهڻ: اصطلاح مايوسي معلوم ڪرڻ، دک سور محسوس ڪرڻ.
"جو پن پن جي پيلاڻ پڙهي سو منهنجو ادوا"
پيلهُون. ج **پيلهُون (سرائڪي)**: ذ. پيرُون (ڄار جو ميوو).
" ڪاڇي جا پيلهُون مِنا، ماڻهو پڻ منڙا"!
پينگهہ ج **پينگهُون**: ث. جهُولو (انڊلٺ ڏانهن اشارو)، انڊلٺ
"پينگهہ گگن تي،گج بدن تي،
ڪنوڻ ڪنوي پٺي ڪِلَ!

ج

جاچڪ: ذ. صفت ڄاجڪ رڳندڙ ڳائڻو
منگتو /چنگ/سرندو وڄائيندڙ
"تانگھُون تارون تار، جاچُڪ تنهنجي جيءَ ۾"
جارُ: ذ. جل، ساڙ، ڪام، ڏک، فڪر، عشق،
شوق، جُستجُو، جوش.
"اوتي آتشدان مان، جامن ۾ وجھ جار"
"جوهر جار پساءِ، لوهر پوءِ چواءِ تون"
جارُ: ڏک، فڪر، جل، ساڙ، ڪام،
"سڄي اڌ صدي، جاليان ها ڪيئن جار ري"
جاڙيُون ٽڪريُون: ٻِٽيُون ٻهاڙيُون، (اُرھَن
ڏي اشارو)، اُرھ.
"تنهنجو سِينو جاڙيون ٽڪريُون،
منهنجون نظرُون ڪاريُون ڪڪريُون"
جاڳ، ج جاڳُون: ث. سُجاڳي، بي آرامي،
لُڇ پُڇ.
"ها باغ بہ جاڳي تو ۽ داغ بہ جاڳي تو
پر جاڳ گھٽي ڪنهن ۾"!
جاڳ جَلڻ: سُجاڳي اچڻ، بيداري پڙڪڻ
سُرت اچڻ.
"ڪنهن ريت ڪنن ۾ جاڳ جلي،
شل آڳ لڳي ڪا غزلن کي"
جاڳ جو راڳ ڳائڻ: اصطلاح. سجاڳيءَ
جي پرچار ڪرڻ، سُجاڳ ڪرڻ.
"اچو جاڳ جو راڳ استاد ڳايون،
نشا ننڊ وارا نياڳا نياڳا"
جانيو، ج جانيا: ذ. ڍنگر، شڪل ڍنگريون

"جوين جوين گڏجي جھُومن
جوان پرن چو جانا"!
جانا پرڻ: نيزاري ڪرڻ، مٽ ڪرڻ،
پشيمان ٿيڻ، نڪ تي آڱر رکي پڇتائڻ.
جوين جوين گڏجي جھُومن جوان پرن چو جانا
جَبرو، ج جَبرا: ذ. زبرو، زور وارو، سگھارو.
"ڳھيو ڳڙڪايو وڃن، جبرا جناور"
جتن: جَتَ (جمع) سنئيءَ جا ڏير، سنئي
جي
"جيڏيون جس جتن کي جتان ووڙ وَڙي"
جتن جو جمالو: ذ. عوامي راڳ، شاعري،
جمالو (خاص عوامي راڳ). عوام جي
خوشيءَ، خوشحاليءَ ۽ فتح جو راڳ،
جمالو چوون ٿا تہ جتن جو راڳ آهي.
قصيدا نہ چئجن وڏيرن وڏن جا،
جتن جو جمالو وڏو ڪارنامو!
جِڄَ، ج جِڄُون: ث. مَڇڏو، ڳَڪَ، جِجا،
پنبُ، لالچي، حريص.
"منهن ڪارو موذي مري، تر ۾ جِڄَ نہ جاءِ"
جِجائُو، ج جِجائُو: خيالي خوفناڪ شيءِ
ٻائُو الائُو بلائَو .
"ٻات ٻجائي ٻائُو ٻائُو جام جِجائُو وهمن وارا"
جُڄُ، ج جُڄَ: ذ. ڪاڄ، شاديءَ جي مجلس،
ڍءِ (ڪاڏي جو).
"سمجهُون سمو سڄُ، رهندو جُڄ جهانُ جو"
جِدت شُعارُ، ج جِدت شُعارَ: ذ. نواڻ وارو،

جدت جو شعور رکندڙ جدت وارو جدت جو مظهر.

"شهريت جي نقش ۾ جدت شُمار
ارتقا جو ان سمي جو شاهڪار"

جَڏو ج جَڏا: ذ. ڪمزور، معزُور، وهم ۾ ورتل، ڍِلو.

جذبن جون تاڙيون وڄڻ: اصطلاح. جذبن جو جهُومڻ، خوشي ملڻ.

"جذبن جون وڳيون تاڙيون،
جهُومڻ جون جهُليون جهاڙيون،
ڏک درد اُڏامــي ويــا."

جذبو اُٿڻ: اصطلاح. جذبن کي ملائڻ، احساس کي.

"تنهنجو جلوو پنهنجو جذبو اُٿندو هان"

جذبو پانگ هُجڻ: اصطلاح. جذبو سڪڻ، جذبو ختم ٿيڻ.

"بعضي جذبا پانگ بعضي جوش جُهار"

جذبو پڙهڻ: اصطلاح. اِحساس پرکڻ، جذبا لکڻ، سوچون سمجهڻ.

"مون کي ڏيو منڏيئڙو مون ۾ رکيوئي چاهي،
ڪنهن جا جوان جيئرا جذبا ته ڪو پڙهي"

جذبو جهوليءَ پائڻ: اصطلاح: جذبن/احساسن کي اندر ۾ سمائڻ.

"نِرت نظاري ۾ ڇو وِيري،
جلوا جذبا جهوليءَ پاءِ"

جَرجَلو ج جَرجَلا: زلزلو ماتم، ملهالو.

"جيون تنهنجا جرجلا جُوالا جَنجار"

جَر جَر: باهه پاڻي، گرمي سردي، ڏک سک، غمي خوشي.

"تون منهنجي جر، جر جو جاڻُو،
توکي ڏيان ڪهڙا تفصيل"

جَرڪ ج جَرڪون: ث. چمڪ. تجلو، سُونهن، رونق، خوبصورتي.

"جرڪ جتي ڪا برک بخاري،
ٽڙم ٽِڙي ٿي ٽيندا آهيون"

جَرڪارُ: جَرڪارَ: ذ. تجلو چمڪار.

"ها نُوريءَ جو جرڪار هن سان،
سونيتيءَ جو سينگار هن سان"

جر ۾ ٿُربت جُڙڻ: اصطلاح. بي فائدو عمل ڪرڻ، اجائي ڪوشش ڪرڻ.

آس نه ڳوڙهن ۾ ٻُڏڻ ڏي،
جر ۾ جُڙندي ٿُربت ڪهڙي؟"

جَرِي: جواني، ڇوڪ، جوان، بهادر سگهارو زور وارو جوان.

"مٺخانو ماٺي، ماٺي جوان جَري هليا"
"ڪاچيلا پائر پلا، جوڌا جوان جَري"

جُڙتُو: هٿراڌو جڙتو خليفو: هٿراڌو خليفو (انسان، خدا جو نائب يا خليفو آهي، پر هتي جڙتو خليفو ڪميڻن شخصن ڏانهن اشارو آهي).

"ڏوڙ جو ڪهڙو دليل،
فرش تي جُڙتُو خليفو خود خسيس،
خود غرض ظالم ذليل"

جَفاورُ ج جَفاورَ: ستمگر، ظالم، پاپي.

"ڳهيو ڳڙڪايو ويچن، جَبرا جفاور"

جُڪ: ث. تڪليف، درد، ڏک، ڏولاوو.

"جِيڻي ڏاڻي جٺ ٻه جڪائي،
سُور تہ سڀ جو ساهہ لُڇائي جُڳ جيئڻي ڪيڏي"

جَڳت اُجارڻ: اصطلاح. دنيا اُجارڻ، ڌرتي سنوارڻ.

"نڪتُ نهاري، جڳت اُجاري،
الڳ الڳ دڳ نظر نظر جو"

جُڳ: زمانو دور. جڳ جڳ جهول: زمانا جهوليءَ ۾.

"جُڳ جُڳ منهنجا جهول ڪاٿاتون ڪشڪول
آءُ وس وارو آءُ ويچارو"

جُڳن جي گُفتگُو: اصطلاح. صدين جي ڳالهہ. زمانن جو گفتگو.

"گيت ۾ گونجي جُڳن جي گفتگو"

جَل: جر، پاڻي، شراب.

"مُرڪي مهمانن کي، جرڪي پيارين جَلَ"

جَلَ: ڏ سکر ۾ پيچ، اوپر، پڙاس.

"جي تو دل جا جَلَ ٻُخاري پڙڪي ڪيان"

جلوو اُٿڻ: اصطلاح. سونهن پيدا ڪرڻ، خوبصورتي اٿڻ.

"تنهنجو جلوو، پنهنجو جذبو اُٿندو هان"

جَمالا لڏڻ: اصطلاح. خوشيون ختم ٿيڻ، روايتون ختم ٿيڻ.

"ماڳ مان ميڙا جمالا ويا لڏي"

جَمُ ج جَمَ: ڏ جمدوت (موت جو ديوتا)، ملڪ الموت، موت، اجلُ.

جَمُ کي جَمُ ڏيڻ: اصطلاح. موت کي مارڻ.

"جيئندو جيڪو جيئڙو جَم کي ڏيندو جَم"

جَمدُوتُ: موت جو فرشتو موت جو ديوتا، ڪال ديوتا.

"جاني تُنِي جمدُوت ڪيڏي ڪاتي ڪُڪ مان"

جُملن ۾ جان وِجهڻُ: اصطلاح، سٽن ۾ سگهہ سمائڻ لفظن ۾ سگهہ پرڻ.

"تو لاش جياريان لفظن جا،
مان جان وجهان ٿو جملن ۾"

جَمڻُ ج جَمڻَ: ڏ جست، پتلُ يا اسٽيل جو وَٽو يڪُ، ڪشتو.

"جهَلي هٿ جَمڻُ اُتيو خيال خام ڏي"

جَناوَرُ ج جناوَرَ: ڏ جانور. ظالم، سفاڪ، وحشي.

"ڦٽن ڦاڙن پاڻ کي، جهنگلي جَناور"

جَنَتُ ج جَنَتُون: بهشت، (خوشحال سنڌ/ دنيا ڏانهن اشارو).

"وحشت ۽ دهشت، جنت ۾ پکڙي پئي
ڪاري قيامت، هتي حشر ٿي ويو"

"تهر ٿيو جنت مٿان دوزخ ڪريو
هيروشما ناگا ساڪي ڏي ڏسو"

جَنت ٽِچڪڻ: اصطلاح. بهشت اُجڙڻ، خوشحالي ختم ٿيڻ، رونق برباد ٿيڻ.

"مٿان سڀ جنتون ٽچڪي جهنم ٿين،
هُجو شاهد مُٺا جيئرا نہ ٿو پڙڪان"

جَنجارُ ج جَنجارَ: ڏ. جنجال آزار، اهنج.

"جوين تنهنجا جرجلا، جُوالا جَنجار"

جَنڊ ۾ جَمڻ: اصطلاح. آزارن ۾ پيدا ٿيڻ، غلاميءَ ۾ اک کولڻ.

"ڪنهن سان اوريان سُور،
جيڪو ڄائو جنڊ ۾"

جَنبو ج جَنبا: ذ. تالو ڪُلف، ڪُنڊو.
"ڪمو ڪمائين تو ڪمتِ، وِجهي جنبا وات تي"
جُنگ: بهادر، ويرُ، وڏو جنگ جهاز
اميدون: وڏيون جهاز جيڏيون اميدون.
"جُنگ۔ جهاز اُميدون ايندئون"
جَنگاهَ ج جَنگاهَ: ذ. جنگ جو ميدان،
جنگ، جهيڙو، وڏي ويڙهه، وڏي لڙائي.
"جيون جي جنگاهه سنگِينُن ۾ سوگهو ڪيو"
جنگمُ ج جنگمَ: ذ. فقيرن جو ٽولو
جيڪو ڪيڏانهن به ويندو آهي،
گهنڊيون وڄائيندو رهندو آهي،
محترڪ، چرندڙ.
"جنگم تي جمدُوت جَلن ٿا،
موت اڳيان ڪن مرد الوليون"
جُنگ: ج وڏا (پيالا).
"پچي لال تين جُنگ جُو نگا جڏهن،
تڏهن سُرخ سهڻن چپن سان لڳن"
جُوارِ: ٿ. وڏي وِير يا لهر، اوباڪ، اندر
جي اُٿل.
"جڏهن ڪڏهن جُوار اکيون يار اُڪنديون"
جوت اوتڻ: اصطلاح. روشني/سگهه ڏيڻ
جلوا پرڻ.
"اوتي جوت اُستاد تي،جاني تنهنجي جوت"
جوت پوکڻ: اصطلاح. خوبصورتي
پکيڙڻ، روشني/ شعور/ساجاهه ڦهلائڻ.
"سرنهن جي کيتن کان پُڇ،
ٿو جوت پوکيندو وتان"
جوت جنيڻ: اصطلاح. روشنيون جهپڻ،
خوبصورتيون کسڻ
"جوتون جنيندو وڃي، پانپ نه پرجي بول"
جوت جيارڻ: اصطلاح. شعور اُجاڳر
ڪرڻ، سوچ جي روشني پکيڙڻ.
"جيئڙا جرڪن هينئڙا ٻاريو،
جوت جياريو جيءَ جيارا"
جوت جهٽڻ: اصطلاح. روشني کسڻ.
"سمجهُو ماري ست، وِچان جوت جهٽي ويا"
جوت ڇٽڻ: اصطلاح. سجاڳي ڦهلائڻ،
شعور جي روشني پکيڙڻ
"جوت مون ڏاڍي ڇٽي،اونداهه جي پيٽن ۾ آ"
جوت ڏيڻ: اصطلاح. روشني ڏيڻ، شعور
جو سُهائو ڏيڻ.
"پيلي آهه ٻڏي،جيڪا تي جوتُون ڏئي"
جوت ونڊائڻ: اصطلاح. سُجاڳي ورڇڻ،
روشني/ شعور ورهائڻ.
"ذات اسان جي جيتر جيئندي،
جيئندي جوت ونڊائڻ ڪارڻ"
جوٽ. گوڏو، گوڏي جو مٿيون حصو
جيڪو گود طور ڪم ايندو آهي.
ويجهڙائي، قُربت، ساٿ.
"اوتي جوت اُستاد تي جاني تنهنجي جوٽ"
جوپُ ج جوپَ: ذ. مضبوط سگهارو
پلوان.
"هٽي پيار مُهرُون، ڪريو مون کي قائبو،
پلي محب مون تي جڙيو جوپ جادو"
جُوجڪي ميڙڻ: اصطلاح. ريچڪ پور،
موج جولان گڏ ڪرڻ، موج ميڙڻ

"سمنڊ کان ڇوليون ڇنني ڏهرن کي ڏٺي،
اهڙي سياڻي جُوجڪي ميڙيان تو ڀيو"
جُوڏ: تڪڙ، جلدي، درياه دلي، بخشش، سخاوت.
"جُود ڪري جاڳون، وٺون واڳون وقت جون"
جوڙ پَڌَڻ: اصطلاح. ڳنڍڻ، سميٽڻ، ملائڻ.
"او دوست اُداسايون ڪنيو ڪوڙ وتان ٿو،
ڏاري ٿيون وجهن هانءَ جڏهن جوڙ پَڌان ٿو"
جوش جاري رکڻ: اصطلاح. جذبو قائم رکڻ، ولولو دائم رکڻ.
"جا وِک وڌي جڻ لال لڌي،
هي جوش بہ جاري رکڻو آ"
جوش جرڪڻ: اصطلاح. جذبا جرڪڻ، احساس اُجرا ٿيڻ.
"عشق اعظم جي پاسي ۾ استاد جا،
هوش روشن ٿيا جوش جرڪي پيا"
جوش جُهار هُجڻ: اصطلاح. جوش، وڌڻ، جذبن ۾ چاڙهہ اچڻ.
"بعضي جذبا پانگ، بعضي جوش جُهار"
جوڳ، ج جوڳُون: ث. نار يا هُرلي ۾ اُٺ يا ڏاند بہ پهر وهڻ، وقت، مهل، گهڙي
"جوڳ تنهنجي ڇُٽي، موڪ ٽُڪڙي ٽُٽي"
"ساڳيا پڙ پر جوڳون ٽتجن"
جوڳُون جوٽڻ: اصطلاح. نار يا هُرلي ۾ ڏاند جو جوٽجڻ، ڪوشش ۾ جُنبي وڃڻ، محنت ڪرڻ).
"چاهت وارا چشما کوٽي جيوت واريون جوڳون جوٽي
پٽندو امرت آهيان پيارا پورهيت آهيان"

جوڳي [1]، ج جوڳي: ذ. مُرلي وڄائيندڙ سيلاني فقير (هتي مراد: اڳواڻ، رهبر)
"موڳيون مُرليون جوڳي ڇٽ،
ڳِلي ڳِلي کي سوڳها ڳٽ".
"يڪتاري جي ٺڻ ٺڻ تي، ماٺهو ٿي ويا ميڙ،
او جوڳي جهٽ ڪر ڇيڙُون ڇيڙ"
جوڙ جوڙڻ: اصطلاح. تقدير جوڙڻ، زيب زينت وڌائڻ، سنوارڻ.
"ڀيج پٽائي ڀيج قلندر جوڙيو سنڌ جي جوڙ"
جول: جاپانُ، ويٽنام ۽ لبنانُ جو مُخفف. (ج-و-ل)
"ڏنا ڏيهن جول ۾ ڊوها تنهنجا ڊول"
جُوسُ، ج جُوس: ذ. رس، عرق، ارڪ، شراب.
فردوسي ۽ طوس،
وسريو يار خيام پيو،
جاني جيون جُوس.
جُونگو، ج جُونگا: ذ. جُنگڙو پيالو ڪُپو.
"ڪينجهر ڪپ تي پن جي جهُوپي،
هٿ ۾ جُونگو ڪڇ ۾ ڪھُوگهي"
جُوٽي، ج جُوٽيون: ث. جُوڻ، پُنر جنم، ٻيو جنم.
"جي جزا جا آسرا: جيوتون جُوٽيون نيُون"
جوهَرُ، ج جوهَر: ذ. اصُل، جوت، سگهہ، ستُ، نچوڙ تخيل جي اُڏام.
"وينجهر ودياوانُ قدر جوهرُ جو ڪندا"
جُوهہ: نظر، تاڙ گهري نظر.
"جهَلي ويهو جُوهہ سان گهڙيءَ گهڙيءَ جو گهٽ"
جُوءِ جيارو، ج جُوءِ جيارا: ذ. ڌرتي

جيارينديڙ ديس بچائيندڙ.

"جيئڙا جرڪن، هينئڙا ٻريو،
جوت جياريو جُوءِ جيارا"

جُهد جهاز ٿيڻ: اصطلاح. ڪوشش تيز ٿيڻ، وڏو ولولو پيدا ٿيڻ.

"تان پوءِ تيز ترون جان ڪو جُهد جهاز ٿئي"

جُهد نامو، جُهد ناما: ذ. جدوجهد جو بيان، ڪوشش جو داستان.

"جُهد نامو جنگ نامو شاعري
شاهه قاسم جو ڪيڏارو شاعري"

جِيلُ ج جِيلُون: لوهي ٻيڙي جيڪا ڳچيءَ کان پيرن تائين پيل هُجي، ڏنڊا ٻيڙي.

"اُتي جي استاد پيا جهوري وجهندا جِيل"

جِيٽو ج جِيٽا: ذ. ساڃو ساڃي پاسي وارو.

"محفل سارِي گھُورن گهيري،
ڌهڪن ڏاوا، جهڙڪن جِيٽا"

جِيون جَڙُون: زندگي جون پاڙون، جيون جو جڙون.

"سُونهن سچائيون پال پلائيون،
جاني جيون جَڙُون جَڙُون"

جيون جُونجهارو ڪرڻ: اصطلاح. حياتي جُهد مسلسل ۾ گهارڻ، زندگي جاکوڙ ۾ گذارڻ.

"او جُوءِ! مون جيون تو لئه جُونجهارو ڪيو"

جيئڻ جو جام چکڻ: اصطلاح. امرت چکڻ، لازوال ڪم وسيلي امرتا ماڻڻ.

"موت جي پيالي کان اڳ جيئڙا،
جام جيئڻ جو چَکَ"

ڄ

ڄاٽي ج ڄاٽيون: ث. ڏياٽي، مشعل، روشني، سڄاڳي، روشن خيالي، ساڃاهه.

"ڄاٽيون ڪري ڄاڻ اونده اورانگهي هلو"

ڄاٽيون ڪڍڻ: اصطلاح. روشني ڦهلائڻ، سوچ وڌائڻ، سڄاڳي ساڻ ڪرڻ.

"جهل جي انداهه ۾ تيلي هڻو
علم جون ڄاڻ جون ڄاٽيون ڪڍو"

ڄپي ج ڄپيون: ث. آلاٽي، ڇٽاٽڙي، اُماڙي روشني سُڄاڳي.

"ڄاٽيون ڄيپون ۽ شعلا، اڏرات جي تقاضا"

ڄر ج ڄرُون: ث. باهه، تئو تپش.

"ڄرِ ۾ ڄمر ڄرمر، او ڇو ٿي اڇلين متان"

ڄر ڄايو، ج ڄر ڄايا: ذ. باهه جو ڄاول، جوشيلو سر ڦريو سورهيه.

"پُهتا ڄر ڄايا، ساڃارا ٿيا سُرخرو"

ڄر ڄٽي (ڄر ڄائي) ج. ڄر ڄٽيون: باهه جي ڄائي، پُر جوش، ڇٽگيلي، بهادر (عورت)

"جي ڏرتيءَ جي ڏيءَ آهي ۽ ڄر ڄٽِي آ"

ڄر ڄڦڙُ: اصطلاح. باهہ برڻ. آڳ اُٿڻ. ظلم برپا ٿيڻ. (نئون ظالم دور اچڻ).

"ڄر مٿي،ڄر جائي، اسان ساڳيا آڳ ۾"

ڄرَمُ ج ڄرَمَ: ذ. ڄمار حياتي، بُڻ بڻياد.

"ڄر ۾ ڄم ڄرم اوچو ٿي اچلين متان"

ڄر مرڻ: اصطلاح. باهہ وسامڻ.ظلم ختم

ڄلهہ: سُستي، ڪاهلي، آرس.

ڄلهو ج ڄلها: ذ. ڪاهل، سُست، نِڪمو غافل، آرسي، بي همت

"جيڪو ڄلهو ڄٽ،هاٿو هٽ هجي ويو"

ڄم ڄرم: اصطلاح. حياءُ، شرم، لڄ، بڻ بڻياد.

"ڄر ۾ ڄم ڄرم اوچو ٿي اچلين متان"

ڄماندرَ: ث. ڄمار حياتي،عُمر.

"ڄاڻڻ لاءِ ڄماندر تائين،ڄاڻ نہ ڇوڙي ڄول"

ڄول: ڪن جي پاپڙيءَ جو ر (سرائڪي: ڄول)

"ڄاڻڻ لاءِ ڄماندر تائين،ڄاڻ نہ ڇوڙي ڄول"

ڄيرو ج ڄيرا: ذ.ڄر، باهہ، آڳ، تَو سيڪ.

"ڄم ڄم ڄيرا، رم جهم ،ڄيرا،
ڄڻ ڄڻ ڄيڏڪ ڄا نہ"!

جهہ

جهاپو ج جهاپا: ذ. جهانورو، گهٽ نظر وارو، ڇنڇهو ٽيڙو.

"جهاپا جُهور جراح، ٻيا ٻوڏا ۽ ٻوڙا"

جهاڙ ج جهاڙون: ث . ڦيٿو، ڦوڪ، منتر، دعا ڌاڳو.

"جاچڻ جراحن ڇڏيو جهوتيو وجهن جهاڙ"

جهاتِ ج جهاتون: ث جهاتي، ليئو.

"هِن ڳوٺ ۾ ماڙيءَ نہ دريءَ جهاتِ ڪِتان ٿئي"

جهجهڙُ ج جهجهڙ: ذ. باهہ جو مچ، ڀڀڙ.

"ڀيڙ ڀيڙ ٺهن، جهجهڙ جهجهڙ دل"

جهجهڪڻ: هبڪڻ،لرزڻ،ڏجڻ،ٿَڙڻ.

"جهجهڪن جهُونا جهُونا جوڳي،
جهُولن ڪارا وار ڪلهن تي"

جهر جهنگ جهنجهوڙڻ: اصطلاح. ڪنڊ ڪڙڇ ڪي ڏونڌاڙيو گهر گهر کي جاڳايو.

"طوفان تکو ٻڌجي جهر جهنگ جهنجهوڙيو تم"

جهرڪڻ: اصطلاح. چمڪڻ، جاڳڻ، خوشحال ٿيڻ.

" تارن جون تلاشون ڪيتريون،
جهنگ جهر جهرڪي وڃي پوءِ ڇا کپي"

جهرٽا: چشما، آبشار. **جهرٽا ڪرٽا:** چشما ۽ ڪرٽا (شعاع) جهرٽا ڪرٽا پائڻ: سينگار ڪرڻ، رنگبرنگي ويس پائڻ.

"جهرٽا ڪرٽا پائي، ست ئي رنگ سجائي،
پنهنجو پاڻ سنواري ايندو آهين تون"

جهروڪ: جاري،دري.

"جماتي پاءِ جَهروڪ مان جُوءِ سڄي جَهرڪي"

جُهڙُ: ڪڪر، بادل ڇانئجڻ واري حالت.

"ماتامن جي جُهڙ مان اُڀري
عزم عظيم جون عيدون ايندئون"

جَهڙڪڻ: ڏڪجڻ، ٿيلهجڻ، گهلجڻ، تڙپڻ، ڦڙڪڻ.

"هِن ڇَن ڇيڙون،هُن ڇَن رِيهُون،
جُهومون يا جَهڙڪون"

جَهڙڻ: ساڙڻ، لُوساٽجڻ.

"آجي سهج سِوا،هَوا هانءُ جَهڙيو ڇڏي"

جُهڪ: ٺ. هيٺانهين، جُهڪاءُ (جهڪڻ)

"جبل پيلا جُهڪ، سڪيا ناهن سِنڌ جا"

جُهڪڻ: اصطلاح، آڻ مڃڻ، غلامي قبول ڪرڻ، نيچو ٿيڻ.

"جُهڙڻ ڪان استاد چئي ڪوجهو آهه جُهڪڻ"

جُهمُ: ذ. جُهوم، جنبش، شور.

"جلوا جذبا جُهم،تومون ميل متو رڪيو"

جُهنجهار جُڙڻ: جوڌا مِڙڻ، بهادر گڏ ٿيڻ

"متان گيدي ٿي مُڙو جُڙو سڀ جُهنجهار"

جهنجهڪ: لرزش، جنبش.

"ڌرٽي ڏڪٽي ناهه هي جهجهڙ آهه جهنجهڪ"

جهوٽڻُ: جماتي پائڻ، نهارڻ، تيز نظر سان ڏسڻ.

"جاچڻ جراحن ڇڏيو جموتيو وجهن جهاڙ"

جهوراٽا جهورڻ: اصطلاح. ڳڙتيون ڳارڻ.

"پور تہ پوريون هور بخاري جهوريون جهوراٽا"

جهوڪ: ٺاڪ، ٺاڻو شهيد شاهه عنايت شهيد جي تحريڪ جو مرڪز 'جهوڪ'.

"جڏهن جهوڪ جيئڻ جو جهنڊو کنيو
خداباد دهلي جو ڏنڊو کنيو"

جُهون جُهون: جِهرڪين جو آواز چُون چُون.

"ٻَکِي باک بهار ٿئي،
جهرڪين جي جُهون جُهون"

جهوُنڪو. ج جهٽونڪا: ذ. هوا جو جُهوٽو اصطلاحي معنيٰ: ٿوري هلچل، ٿورو تحرڪ.

"جهٽونڪا طوفان بنبا، هُو ڏس بنجن پيا"

"خوشبوءِ توسان جهوُنڪو جهوُنڪو اُٿندو هان"

جهوڻ: جوٽڻ، شُروع ڪرڻ، پِيهَڻ.

"هاري لاب ڪري ڪٽن نارِي جنڊ نہ جهوءِ"

ڇِهيلَ: ٺ. سُر ڇَهلائڻ، آواز ۾ آواز ملائڻ، هيٺين ڍار ۾ ڳائڻ، ڊيگهہ.

"ڪُوڪون روڪن حُڪم کي،
ڇَهلرايو جي ڇِهيلَ"

ڇِهيڻَ: هلڪو سنَهو (ٽپ)، مڇڏو بُخار.

"جهوراٽي جي ڇِهيڻَ جهورينڊي هوري رهي"

چ

چاتِ(چاٽِت): ث. خصومت، ڪينو حسد، ساڙ چاوت.

"چيري ڦاڙي چاهہ ڪي، چرچا ڪري چات"

چاتِي: ڪَنئِي، قبول ڪئي، مڃي.

"بخاري جڏهن جا بہ ڳائِي پلائي،
چُمِي ڏيهہ چاتِي وڏي ڳالهہ آهي"

چاڙهُو: چڙهندڙ وڻ وغيره تي چڙهي چاٽندڙ ماهر، چاٽو.

"سنيالي سِيتل چڙهيو چاڙهُو چوٽ تي"

چاقُون ج چاقُون: ذ. ڪپ، وڍيندڙ ايذائيندڙ زخم ڏيندڙ اوزار.

"چاهہ چاقُون تي پوي پو ڇا ڪجي"

چاڳَ ج چاڳَ: ذ. ناز نخرو انگل، ماٺو لاڏ، هيج.

"چاهت ڇهہ ٻهہ چاڳ، ڀنيت پڙڪا تي اُتيا"

چاڳلِي ج چاڳليون: ث. نخريلِي انگلي، لاڏلي، چلولي.

"چوٽُن مٿان چوٽ، چڪائي تي چاڳلِي"

چالِيهو، چالِيها: ذ. چاليهن ڏينهن جو مدو سخت هاڙهہ اونهاري جي 40 ڏينهن سخت گرمي.

"چريو چاليهو سيني ساڙ لُکون لڳيون"

چانڊُوٽو، چانڊُوٽا: ذ. چانڊوڪِيءَ جو شُعاعُ، چنڊ جو ڪرٽو سونهن جو اهڃاڻُ.

"چانڊُوٽا چيتيان تہ ڇا، ڪڙيا جڻ ڪِي ڪَنَ"

چاوَت: حسد، بغض، ساڙ عداوت، دشمني، خُصومت، گلا، چغلي.

"چاهت چانڊوڪي ڪِڙي، چاوت جڻ چُوڇي"

چاوتبازُ: چاوت ڪندڙ بغض رکندڙ ساڙولو عداوتي.

"چاهت ڇِهاڙي، چاوتباز تِڙي پوي"

چاهارو: چاهہ وارو عشق وارو پيار وارو.

"جيون جهنگ منجهاران گذري چاهارو چارو"

چاهہ چاقُو ٿيڻ: اصطلاح. پيار آزار ڀڄڻ، پيار وارو.

"چاهہ چاقُو تي پوي پوءِ ڇا ڪجي"

چاءِ: ذ. چاهہُ پيار عشق، محبت.

"چاهت چئج نہ ڇيڇڙو چوڏول آهي چاءِ"

چِترٽي: ڏاهي، هوشيار چُتر، چِٽن واري خوبصورت.

"اِنهيءَ چِترٽي نازنين نار جون،
ڪيتريون سُهٽيون آهن گُلابي اکيون"

چَٽ: چَٽ چُم.

"ڇُهڻي چاهيم چَٽ، ساري سُرت ڪُلِي وئي"

چُٽڪِي ج چُٽڪيون : ث ذَري ٽُڪرِيہ ڀُرڙي.

"تُنُ جون چُٽڪيون اڄ، وتان تو گڏ ڪندو"

چَپ چارڪرڻ: اصطلاح. ٻن ڄڻن جا چار چپ ملڻ، چُمي ڏيڻ، پيار ڪرڻ.

"چَپ ٽين جي چار مصري مينهن وسي پون"

چَپ ڪائڻ: اصطلاح. چَپ چَڪڻ، ڄڪ

ڪائڻ، سڙڻ، پڇرڻ.

"بيٺا ڪائن ڇپ،ساڙولاِن ساڙ ۾"

ڇپن سان ڇُونڊڻ: اصطلاح. مِٺيون ڏيڻ، ڇُميون ڏيڻ، پيار ڪرڻ.

"ڇو ٿو روڪين لال لبن ڪان،
پيو ٿو ڇُونديان جاني ڇپن سان"

ڇپو ڇپو: هنڌ هنڌ، سنڌ سنڌ، عُضوو عُضوو.

تنهنجي بهار ساکي آ،
۽ تار تار ساکي آ،
گلشن سجو گهُميو آ مون،
پيرين گهُمان تہ گُستاخي،
سِڪ سان چمان تہ پو ساقي،
ڇپو ڇپو چميو آ مون.

ڇپوڙو: ڇيڙيل، ڪپڙي تڪر جيڪو پوتيءَ طور اوڍجي.

"ڇولو ڪانچ ڇپوڙو انگڙا گرڪي گپ"

ڇڄُ، ج ڇڄَ: ذ. ڪمزور، هيڻو، عاجز، تمام مسڪين، نهايت غريب.

"مُنهن تہ ڏسو منڇر جو،
ڇڇريل بلڪل ڇڄَ اٿس"

ڇَرخو، ج ڇَرخا: ذ. اٽڻ (سٽ ڪتڻ جو)، وڏو نار چڪر (قسمت جو)، چڪر زماني جو.

ڇُريو ڇَرخو پيو ڇَلي، ڪتيون ڪي آٽيون

ڇَرڪو، ج ڇَرڪا: ذ. چرو، ڇيرڻ جو آواز، چڪ.

"ڇا بدن شفاف ڇا غُنڊا غليظ
ڇا ٻُڌا حساس ڇا ڇَرڪا رذيل"

ڇرڪو، ج ڇرڪا: اويرو، ديرسان، گهملو بيوقتو ڇرڪڻ، آهستي آهستي ڇورڻ، هوريان هوريان هلڻ.

ڇُرڪار: ث. ڇُرڪِر.

"ڇرڪي ڇرڪي چند ٻُڏي ويو تارن ۾ ڇُرڪار"

ڇُڙ: سخت تڪليف، آزار، جهوري، مرڻ جيئڻ جي وچ واري ڪيفيت، لاڳيتي بيماري

"الا ايڏي ڇُڙ ساجن ڪاڻ سهان پيو"

ڇِسِي ڏيڻ: اصطلاح هٿ ڏيڻ، خوشيءَ مان هٿ ڏيڻ، محبت وارو هٿ ملائڻ، ڪيڪارڻ.

"چاهہ استاد تو ڏني چاهہ ڪي ڇِسِي"

ڇڪر، ج ڇڪڙ: ڦيرو، گهيرو، دائرو ڦيري، ڀنواٽي.

"ڇڪر ۾ ڪو گيرو قاز ڇڪر ۾ ڪو باشو باز"

ڇڪنارُ، ج ڇڪنارَ: ذ. ڇڪ واري گُلن ڦُلن واري، ڇڪني وارو.

"رابيل گُل رئو پهري،
ڇڪنار چولڙو پهري،
بنجي گُلاب ايندي آن"!

ڇڪن تي چڙهڻ: اصطلاح. ٿانو ٺهڻ لاءِ ڇڪ (گول چڪري) تي چڙهڻ، سنوارجڻ، تيار ٿيڻ.

"نپيا نوڪرن، پيا ڇڪن تي چڙهن"

ڇمنُ، ج ڇمنَ: ذ. باغ (اصطلاحي معني: وطن، ديس).

"ڪئين سال جنهن کي خزان اُجاڙيو آهي،
ڇا نغما چوي اهڙي چمن جو شاعر"

چنگيزي فرمانُ ڇَلائڻ: ظالماڻا حڪم ڏيڻ، چنگيز خان ظالم حڪمران وارا حڪم هلائڻ.

"ماٺيو ماٺيو تي مچرايان،
چنگيزي فرمان ڇَلايان"

ڇنڊڻ: ڏ. چنڊڻ چنڊ جهڙا، خوشبودار.

"جن جا نيڻ سجڻ،جن جا چاهه ڇنڊڻ،
"تون به اگڻ اچ تن جي"

ڇنڊُ ج ڇنڊَ: ڏ. خالص،اَصُل،نِجُ.

"ڇُونڊيو جو ڇنڊُ،هوشُو ناڻُون سو ٽئي"

ڇوَ (ڇوءَ): ث. گهاٽي پوک جنهن جا ٽِيلا سنها ٿين، ايراٽي، گهٽ اُپت واري

"چاهي ڪو به نه ڇڄڻ هيءَ پڻ هاريءَ ڪان ڇِڇو"

ڇُوٽڻ: جاچ ڪرڻ، تپاسڻ، پرکڻ، لهڻ.

"چاهه سچو ڇُوٽڻ، پاٺي گوڪ پياڪ جو"

ڇوٽڙُو ج ڇوٽڙُو : ڇُٽيندڙ نشانيبازهڻ جو سِڏو.

"تڪي مارن تِير،ڇُتِن ڏُوران ڇوٽڙُو"

ڇوٽ چڪڻ: زخم سهڻ، وار سهڻ.

ڇوٽ ڪرڻ: وار ڪرڻ، حملو ڪرڻ، زخم ڏيڻ.

"چوٽ ڪيائين، چوٽ چڪيائين"

ڇوپ: گهاٽو گوڙهو صفا اُجرو.

"نڪري ڪير اچي منجهان، مڪڻ چوپ اچو"

ڇُوڄ: سرهائي، سک، چاهه. خوشي.

ڇُوڄ جون چڪيون رکڻ: خوشيءَ، سرهائيءَ جا بنياد رکڻ.

"اُميد عزم چاهه ڇُوڄ جون چڪيون رکيم پرين"

ڇُوڇي ج ڇُوڇيون: ث. ڇُٽانتي، آلانبي، اُماڙي

"چاهت چانڊوڪي ڪڙي چاوت جڻ ڇُوڇي"

ڇوڏاري چورڻ: اصطلاح. هرطرف ڇُرپر پيدا ڪرڻ.

"آسُن واسيون هِيرُون ڏِيرُون، چوڏاري چورِينَ"

ڇوڙڻ: اصطلاح. هنڊائڻ، پائڻ، گُذارڻ، گهارڻ، گُذرڻ.

"ڪالهه کهاٽي ڪيڏي ڪوڙي،
تو چا ماٽي تو چا چوڙي"

ڇُون پڇُون: چوپول،هُل،هُوڪ.

"ڇُون پڇُون ڳونن ۾ آهي هُوشرو شهرن ۾ آ"

ڇوڻ ج ڇُوڻُو: ڏ.پکيءَ کي هيرائڻ لاءِ چوگو.

"هُو هُيو جڻ ڇُوڻ،هُوءَ ڇُڳندي وٺي"

ڇهو ج ڇها: سنهو تلهڙ ڇهبڪ.

"چيلهه تنهنجي بيٺ جا چيڙها ڇها"

ڇهه-بهه: بهڪار خوشي، مُرڪ، سرهائي.

"ڇهري تي ڇهه-بهه ڦٽي،اندر هو اُلڪو"

ڇُهنب چورڻ: اصطلاح. ڳالهائڻ، ڪڇڻ، ڇوڻ.

"ڇُهنبون چورن هُو ته مان سُورن کي سوريان"

ڇئوڏول چڙهڻ: اصطلاح. ڇئن پينگهن واري ڦرٽيءَ تي چڙهڻ، خوشي ڪرڻ، راند ڪرڻ.

"ڪوپو گهاٽي گهوتجي،
ڇئو ڏول آءُ چڙهان؟"

ڇئو ماڙ: ڇؤ طبقو بنگلو چار ماڙ (اصطلاحي معني: بنگلن وارا)

"اوهان جي جُهوپڙين تي،
چؤطرف چٺو ماڙ جا جمارا"

چيتو. ج چيتا: يادگيري، حافظو سمجھ.

چيتڻ: ياد ڪرڻ، يادگيري ڪري چوڻ.

"چنڊ چڱيان چيتي،ڏاها ڏاٿون ڏي"

چيتاري چوڻ: ياد ڪري چوڻ، چيتي / حافظي سان ڳالھ بيان ڪرڻ.

چيتاري چونڊياس (شاھ)

چيتو. ج چيتا: ذ. جانور جو هڪ قِسم، (شينهن جي قسمن مان) پلنگ، چٽن وارو شينهن جو قسم.

"ٻگهڙ ٽُڪرا، چيتا ڳِترا، ڏٽڪا جن وٽ ڏڻ،
تون بہ اگڻ اچ تن جي"

چيچڪو. ج چيچڪا: ذ. ٻُہر جو ٻجُ.

چيچڪا چٽڻ: اصطلاح. ٻہر جو ٻج چٽڻ (اصطلاحي معنيٰ: نئون نسل تيار ڪرڻ).

"چيائين تہ ٻيلا ڪٽيندا وتون ٿا،
چيم: چيچڪن کي چٽيندا وتون ٿا"

چيڙهو. ج چيڙها: مضبوط ڏاڍو پڪو نہ ٽُٽندڙ اڻ ٽُڪ.

"ڏاڍا چيڙها،تائين چِيت جهيڙا"

چيڪ: ج چيڪون: ث. ڪِيھ. ڪُوڪ. رڙ دانهن، چيخ.

"چڪوراٹي چيڪ،ڪير ڇُپائي چنڊ کي"

چيهاڙڻ:ٻرزا ٻرزا ڪرڻ، ذرا ذرا ڪرڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، چيهاڙ رڙ دانهن، ڪيھ.

"چاهت چيهاڙي،چاوت باز ٽِڙي پوي"

"بُلبُلون چيهاڙ دردي،دانهن ڪوئل جي پُڪار"

چيھ (چينها). ج چيھُون: وڄ. کنوڻ.

"شوق نپايون ٿا يا شعلا،
چاھ چٺون يا چيھُون"

چيھ ج چيھُون: ث. کنوڻ. تجلي، چمڪ، اُڀرندڙ سج يا چنڊ جي ڪِني.

"آڳهٽئون اُڳهڻ،چُميم چيھ اکين سان"

ڇ

ڇانڊ ج ڇانڊون: ث. ڦُوهار ڪڻ ڪڻ.

"ڦُوڪون واءِ،هات جون ڇيٽون ڇاڻي ڇانڊ"

ڇاٽو. ج ڇاٽا: ذ. ووٽن ۾ پوڪيل (جوئر، باجهري وغيره) گاھ طور پوڪيل فصل، ڪمزور ڪندڙ اُسرڻ کان روڪيندڙ.

"دهشت گردي ديس ۾، جيئن ووٽن ۾ ڇاٽو"

ڇاپڙ. ج ڇاپڙون: ث. ڪاٺ جي ڏُڪي، سوٽي [ٻير ڇاڻڻ لاءِ ٻير جي وڻ کي هڻجي].

"جو نہ هن کي دوست
ڏُوٽڻ. ڇاپڙُون چوکرھڻ"

ڇاپٺهارُ. ج ڇاپٺهارَ: ذ. نقش نگار پيدا ڪندڙ ٺاهيندڙ ڇاپ مهيا ڪندڙ.

"جنهن جو شاعر جنهن
جو ڇاپٺهار ئِي خُدا آهي"

چاچو ج چاچا: ذ. اوڙن ڇڇھرو چانورو.

"ٻيو تہ چڙيو خود سورج ڪرڻا،
ٻوڙي ڳولن چاچو چانءُ"

چانگہ ج چانگون: ذ. تارين جي ڪاٽ، هلڪائي.

چانگڻ: ث. تاريون ڪيڻ، هلڪو ڪرڻ.

"جيئن وٽن ۾ ڪو وجهي ٻڪرار چانگ"

چانهين ڦاڪ: چانهينءَ جي ڦار ڳاڙهن چپن ڏانهن اشارو.

"نندڙا گلرا هٽ ۾ چپ تي چانهين ڦاڪ"

چاٽي ۾ پاٽي: ٿنٽي پاٽيءَ ۾ پاٽي وجهڻ، اجائي ڪوشش ڪرڻ.

چو وينو اوتين اجا، چاٽي ۾ پاٽي.

چَپ چِپان: پاٽي جماڳڻ ڪڙهي رِجهڻ جو آواز جماڳ جماڳان.

"ترڪندڙ چاڙي ڪڙهي اڳتي وڏيہ
ڪُنب ۾ ماٺهن ڪڙهين جي چپ چپان"

چپي ج چپيون: ث. سٽ، ڇهڙي، چڪي، چڪ.

"چپي ملي تہ اُتيئي جُهڪي،هُشي نہ پئوا"

چِٽرن ۾ چاڙي وِجهڻ: اصطلاح. وارن ۾ ڌوڙ وجهڻ، بري مات ڏيڻ، ذليل ڪرڻ.

"ڏنگن دورن ڪي وِڏي چِٽرن ۾ چاڙي"

چُٽو: چُهڻ، چُمڻ.

"هنن چيڙن سان مون بجلين کي چُٽو هوندو"

چِٽ: ڪِڪ، بدبوءِ، ڏپ.

"چو هيءَ چِٽ چپر ۾ بادي ۾ بدبوءِ"

چِچ: اصطلاح. پاٽيءَ جي چر. ٻوڏ جي پاٽي جو ڦهلاءُ. **چِچ چر ڪاٺڻ:** اصطلاح: ڏاڍ ڪي ڏهڪاٺڻ.

"چر ڪاياٺون چِچ، چيڙي پالا ٻڙچيون"

چِچي: ڪکي، بدبوءِ ماٺي ڪکاڻ ٻانس واري.

"چِچي ماٺي چَر، ٻهران ٻهڪائي اٿن"

چرڪ چِٽڻ: اصطلاح. خوف وبهاريون، ڊپ ڦهلايون.

"اُتو چرڪ چِٽيون سئونڪو سوتو ساڻ ٻئي"

چَڙهي ج چَڙهيون. ث. ڪاٺي، تاري، لام، شاخ، ٻي معني: ڪُنواري، اڪيلي.

"اِنهيءَ ڏنجهہ ڏُتر ٻوڙي ڪوڙ چَڙهيون چڙيون"

چِڪڙي پوڻ: اصطلاح. آنڌ مانڌ مچڻ.

" ملين تو ڪسين هٺ، چچين تو اجهو
اچين تو تہ چاتيءَ ۾ چڪڙي پوي"

چِڪ چِڪ: وک وک، چپو چپو جڳهہ جڳهہ

"نيرو شمرو زار مدد،
چڪ چڪ تي ويا ظلم چِٽي"

چڪ چُلڪي پوڻ: اصطلاح. تانگهہ وڏي وجڻ، سِڪ سرس ٿيڻ.

"چُلڪي پيئي چڪ، ڙيہ
جيڏيون، ٻاقي کهڙي لِڪ"

چَلُ ج چَلُون (چليون): ث فوج، جمع: فوجون.

"چَلن مٿان چَلُون، لهن ڳريون دِلُون"

چَلُ: دوکو فريب، چند.

"تڙپي تاٽي ڪاڻ ٻرينءَ جي چڪ چاچاٽي چَل"

چَلُ: چل ڪيت، تال ترڪٽ.

"چوچي چڏج چَل، ويلو هتڙان ويندڙو"!

چِل: ٿ.روڙ (چِلڻ: مصدر) ڪل يا ڇوڏا لاهڻ
"ڪيڏي ٽارين ڪاٽ ٽي ڪيڏي ڇوڏن چِل"
چِلچِڻ: ڪل لهڻ، چِلچڻ، تڪليف ۾ اچڻ
"چِلچين ڪلچين چيهچين چونيچين چاڪاڻ"
چِمر: ڪڪر، بادل.
"چِنڪارين چمر،بوندون برھ بهارجون"
چمڪ: چير جو آواز، چمڪاٽ.
"چمڪ چمڪ ڏنبو ڪونبو،
گمر گمر گمر گمائو گمونو"
چِڻ: ڪِن، پل، پلڪ، گهڙي، لمحو.
"ڳنديا ڳوپ مٿي صدي، چنان هڪڙي چڻ"
چِنبا چِنڪارڻ: آٿت ڏيڻ، اُتساھ پيدا ڪرڻ، ٺارڻ.
"آڳ لڳي احساس ڪي،
آسن جا استاد، چنبا چنڪاريو"
چو چو، ج چوچا: ذ بيڪار، ٺلهو سڪو، پورو ڪنو ڪميڻو سفلو هلڪو(انسان).
"چو چو ٽي نہ ڇڳير،اوچا لفظ نہ آچ تون"
"چوچو چَمُ ڇُهي گهڻو چاهت ڪِينَ چَکي"
چوچي: ذ. سُست، ڪاهل، ڍِلو، ڍرو، ڪميڻي، سفلي، هلڪي، ڪني.
"چوچي چڏج چَل،ويلو هتڙان ويندڙو"
چوري ج چوريُون: ٿ. چوري چني، اڪيلي، ننڍڙڪي، جنهن جو پيءُ/ماءُ مري ويا هجن.
"روز چينهُون چينهُون چوري زندگي"
چوهارو، ج چوهارا: شڪل ڪارڪ جو قسم، (اصطلاحي معنيٰ: چڙيون چوهاري جهڙيون منيون ۽ ڪيڪار ڪارڪن جهڙي منڙي آهي).
"چڙيين چوهارو ڪيڪارين تان ڪارڪون"
چوئي موئي: شرم ٻوٽي
چوئي موئي ٿيڻ: لڄي ٿيڻ، شرمائجي وڃڻ، وِسامي وڃڻ.
"ڪِت ڪِت ۾ ڪيتڪِي ٽي،
چوئي موئي چو ٿيندي آن؟"
چُهاءِ چيرون هجڻ: اصطلاح. چهڻ چيرڻ جهڙو هئڻ، اصطلاحي معنيٰ: چُهڻ سان من ۾ خوشيون پرجي وڃڻ.
"جوش جُهمريون، چُهاءِ چيرون ها،
دل ٽي دھ دھ ڪِئي دڦن وانگي".
چِھ ـ ڏسو: چھ طرفو چهن ڏسائن وارو، چھ پاسو.
"چوءِ چا ٽي چھ ڏسو چاپو لڳو"
چوءِ چا: ڪُچڻ پُچڻ.
"چوءِ چا ٽي چھ ـ ڏسو پهرو لڳو،
صور اسرافيل جو ڦوڪيو ويو"
چيتہ ج چيتون: ٿ. چاٽ،ڦهنگ،بوند.
"ڦوڪون واءُ وهاٽ جون،چيتون چائي چاٽ"
چيچڪ: ذ. رونشو البيلائي.
"چوريءَ دل جو چيچڪ سمجهو"
چيڏڪ: ذ رنبڪ، روڪ، ڦڏو اٽڪت
"پاڙن جا پاڙا، چيڏڪ لڏرائي چڏيا"
چير پڏڻ: نچڻ لاءِ تيار ڪرڻ، نچائڻ.
"هيءُ ڪير پئي پير وڍي ٿو منهنجا
هيءُ ڪير نئين چير پڏي ٿو مون کي"

چيرون چيڙڻ: خوشي ڪرڻ، نچڻ ڳائڻ.

"ڇو واڇون تيڙين تو
تو ڪات متان ڪڙڪئي،
ته به چيرون چيڙين تو"
"هي ڏاڍو آ، هي هيٺو آ،
هو پيٺو آ، هو ٽيٺو آ،
ڪر هيءَ ڏور ڏڦيڙ او جوڳي،
جهٽ ڪر چيرون چيڙ"

چيهَجڻ: ٽڪجڻ، چيهون چيهون ٿيڻ.

"چلجين ڪلجين چيهجين چو نه پڇين چاڪاڻ"

ح

حادثو ج حادثا: ذ. واقعو سانحو.

"قوم تي وڪامي، تاريخ تي اُجهامي،
ڪيڏو نه حادثو آ"!

حاشيا پڙهڻ: اصطلاح. اضافي چاڻ لهڻ، وضاحتون معلوم ڪرڻ.

"سيڪو سِٽون ڏسيو ٿو معنيٰ سِڌي سلي،
ها پر حوال دل جا حاشيا ته ڪو پڙهي"

حَبسُ ج حَبسَ: ذ. انڌير، ظلم، ڏاڍ، وحشت، قيد.

"هيڏو حَبس همين ڪٿي ڪيچ جو سوڪ سرير"
"پر مار نيم پاڳل، تهڪن ته گرجا دهشت،
جُهومن ته بوڙي وحشت، پڪڙن ته ٽٽي حَبس،
گهر گهر جو ساهه گهُٽجي"

حُجري جون ٽُوٽيون ڪوڙڻ: معمولي ڪوشش ڪرڻ، ننڍا ڪم ڪرڻ.

"حُجري جون تا ٽُوٽيون ڪوڙيون
هوڏان عرش عظيم به اُڪڙي پيو آ"

حَد ج حَدُون: ث. دنگ، چيڙو سيما، سرحد.

"اورنگزيبي حُڪم حدن ۾
سرمد سِندَ سڏائين ها"

حِسابُ ج حِسابَ: ذ جن ڀُوت، وهم، ڊپ، خوف.

"هر گهر منجهه حساب آ، هڏ هڏ آهه جڏو"

حڪيمُ: ذ. طبيب، ويج، وئد.

"جنهن ڏي جنهن ڏي چِتائي
ڏنو تي حڪيمن ته بيمار هو"

حِڪمت ج حِڪمتون: ث. دانائي، سياڻپ، هوشياري، ڪاريگري

"ايئن فڪر فهمن کي حِڪمت ڪپي،
جيئن جانبازن کي غيرت ڪپي"

حُور ج حُورون: ث. بهشت/جنت ۾ رهندڙ سهڻي عورت، پري، اپچرا، گُجر.

"هيڏان گهُوري حُور هيڏان دوڏا دوزخي"

خ

خارُ ج خارَ: ذ. ڪنڊو سيلهه، رقيب، مخالف، ڪر.
"يار جي تعمير سان گڏ خار جي تخريب آ"
خاشو ج خاشا: ذ. چڱو خاص.
"گدا، شاهه خاشا ۽ راشا هضم"
خاص ڪوڪا: خاص گهر، بنگلا يا سرڪاري بنگلا (rest house).
"خاص ڪوڪا ڇڏي لوڪ ۾ جي لِڪو"
خاڪو، خاڪا: ذ. شڪل صورت، نمونو.
"ڏني شاهدي سچ جي روشني،
تہ ڪو تنهنجي خاڪي ۾ ناهي خلل"
خام: ڪچو اڻ رتل.
منهنجو تن من لطيف سان شامل،
خام سمجهہ خيام سان هوندس.
خُداباد: ذ. دادو ضلعي جو قديم ڳوٺ، ڪلهوڙن جو پهريون تختگاهہ، ڪلهوڙاشاهي.
"جڏهن جهوڪ جيئڻ جو جهنڊو ڪنيو،
خُداباد، دهليءَ هو ڏنڊو ڪنيو."
خِزان، خزائون: ث. پن ڇڻ رُت، بهار جو ضد.
"اُها بهار جي پهچي تہ پو خزان ناهي،
انهي بهار کان اڳ ۾ اُجاڙجي نہ وڃو"!
"ڪئين سال خزان جنهن کي اُجاڙيو آهي
ڇا نغما ڇوي اهڙي چمن جو شاعر"
خزان تڙائڻ: اُجاڙ موسم کي تڙائڻ، اصطلاحي معني، ڏاڍ، ظلم کي ختم ڪرائڻ.
"پڙهو گهُمايو خزان تڙايو
اسين اٿون پيا بهار بنجي"
خزان کي ڪاٽڻ: جبر کي جهورڻ، ڏکن جي موسم ختم ڪرڻ.
"ڪاٽ خزان کي پوک بهاري،
جرڪي بخاري جيٽڻو آ"
خُشڪا: ذ. اوباريل چانور.
"مِلڻ ماکي کير ۾ کِلڻ خُشڪا، کنڊ"
خَلاصِي ج خَلاصي: ذ. ناکئو اڳواڻ.
"ماهيگير مڙئي مِڙو لاڙيچا لاسي سوچيو خلاصي"
خِلا ڪيڙڻ: اصطلاح، اجائي ڪوشش ڪرڻ.
"پانئڻ بولاتيون، ڪاڏيون خلا ڪيڙ ۾"
خَنجر ٽيڪڻ: گهڻ لاءِ تياري ڪرڻ، قتل جو سعيو ڪرڻ.
"ڇپائين تہ خنجر ٽيپيندا وتون ٿا،
ڇيم پوءِ بہ شهپر وٽيندا وتون ٿا"
خنزيرُ ج خنزيرَ: ذ. سوئر، مِرُون، خطرناڪ جانور، خنزير هوائون، خنزير جهڙيون خطرناڪ هوائون، نقصان ڪار هوائون.
"خُشڪ ٿڌين خنزير هوائن،
سُونهن سُڳنڌ کي مُهلي ماريو"
خريف: هُتي يا ساوڻيءَ جي رُت.
"رمزون سڀ ربيع ڪريان خوبيون سڀ خريف"

خوشبُوءِ: ث. سُڳنڌ. خوشبوءِ جون ڪيڪارون: سڳنڌ پريون آجيائون.

"پاتالان پولار ڪيڪارون خوشبوءِ جون"

خوشبُوءِ پڙهڻ: اصطلاح. سُرهاڻ محسُوس ڪرڻ. واس وٺڻ.

"تنهنجي خوشبو پڙهان خطن وانگي"

خوشبو ڪيڙڻ: اصطلاح. سُرهاڻ پوکڻ. سُڳنڌ پکيڙڻ.

"بَستي بستي موسم موسم.
خوشبو ڪيڙيندو وتان"

خولُ: پردو ڍڪُ. پوش. هترادو دائرو.

ڏوڪ تہ ڪريون ڏوٽ.
ڪول تہ نڪرون خول مان"

خيام سان هُجڻ: عُمر خيام مشهور فارسي شاعر.

" منهنجو تن من لطيف سان شامل.
خام سمجهو خيام سان هوندس"

خيرو: گُل جو قِسم.

"ڪلڻ خيرو مُرڪڻ موتيو.
اندر آڪ جي تارِي"

د

دادُ ج دادَ: ذ. نياءِ. انصاف. شاباس. آفرين. پلو. تدارڪ.

"درد مگر شاعر جي دل ۾
دوست وِجهي ڏيو داد دوا ۾"

داڙُو ج داڙُو: ذ. وڪيل. سفارش ڪندڙ. تياڪڙ. پنيرائِي ڪندڙ.

"بيشڪ تون باشا داڙو دعوا ڏعي مُدّعي"

داڳُ ج داڳَ: ذ. نِشانُ. زخم. داغ.

"دل ۾ رکيو داڳ. ونڊيندو جوڻون وتان"
"دل جا روشن دائرا. درد بنايا داڳ"

داڳِي ج داڳِي: ذ. داغي. زخمي.

"باس ڪٽي باهہ آهہ بخاري.
دم دم داڳِي. ڪن ڪن ڪاٽي"

دانهن ج دانهون: ث. ڳُوڪ. رڙ. پڪار. واڪو. فرياد.

"هر دانهن ڪي ڏِيوار تي لڪندو ٿو وڃان"

دانهن ڏڪائڻ: اصطلاح. ڳُوڪ پُڄائڻ. آواز رَسائڻ. سُڄاڳ ڪرڻ.

"گهر گهر گهنڊ وڄايان مان.
در در دانهن ڏڪايان مان"

دانهوڙُ: ث. دانهن. رَڙ. ڪوڪ. پُڪار.

"پڪڙِي تي گهر گهاٽ ڪِئين دانهوڙ وڃي"

دٻهو دفنائڻ: اصطلاح. داٻو ٽوڙڻ. رُعب رَٽِي ڪرڻ. دهشت کي ختم ڪرڻ.

"سامراجي دٻهو دفنائيو"

ڏُرڙِي ج ڏُرڙيون: ث. ڏُهراڙيون. سِيسراٽ. ڇرڪ.

"اُتي آڌي رات جو ديد پِري ڏُرڙِي"

درگاهہ جو در هجڻ: وهمن ۾ ويڙهيل هجڻ. عقيدي ۾ قائل هجڻ.

"دربدر استاد هو پر. راهہ جو پٿر نہ هو
انقلابي راهہ هو درگاهہ ڪنهن جو در نہ هو"

ڌرياھُ ج درياھ:ذ. ندي، ساگر، سائر، بحر.
"متان تون سُڪو واھ سمجھين وڏيرا،
وَهي پيا تہ مظلوم درياھ آھن"
ڌرياھ ٿيڻ: اصطلاح. سگھہ بنجڻ، اڻ روڪ طاقت ٿيڻ.
"اسين مظلوم ٿي دريا ھہ وهنداسين وهڻ ڌسجو"
ڌڙباٽِ: ث. دابو،دٻدٻو ڌمڪي، ڏاڍ.
"دادو تي ڌڙباٽ،تاتاري يلغار جا"
ڌڙدون: ث. ٺوڪرون، ٿاٻا، اهنجَ، تڪليفون، گڙديون.
"هيڏي ڌرتي، هيڏا دريا، هوندي،
ڌڙدون کائي دنيا"
ڌڙدون کائڻ: اصطلاح. ڌڪا ٿاٻا کائڻ، ڏوما کائڻ، تڪليفون سهڻ.
"ڌڙدُون کائي،ڪِٿان آئي،هيءَ اُداسائِي"
ڌڙ ڪرڻ: دٻائڻ،تنگ ڪرڻ، شور ڪرڻ، ڌمچر مچائڻ.
"درد ڪرين ٿو ڌڙُون ڌڙُون"
ڌسُ ج ڌسَ: ذ. واڪو، واڄو ڌوڙيو، ڪڪڙ جي ٻانگ.
ڌسُ وجڻ: اصطلاح. واڄٽ ٿيڻ، ڌوڙيا ٿيڻ، واڪا ٿيڻ، دهل وجڻ، پڙهو گهمڻ.
"در تي وگو دس،جوڏا جنگ چڙي وئي"
دشنامَ: ث. (خراب نموني نالو وٺڻ) گار گند، پِنِٽا، خراب لفظ
"پاراتا پرمار کي،دشمن کي دشنام"
دَغلِي ج دَغلِيون. ث. فريب، مڪر، ڌوڪو دغابازي.
"نہ ڪنهن آگر سَچَ ڪئي، نہ ڪنهن دغلي"
دَفتر ٿيڻ: اصطلاح.وسيع ٿيڻ، ڪتاب ٿي پوڻ، گهڻ معنائون ٿيڻ، داستان ٿيڻ.
"تنهنجو هر هڪ شمر دفتر ٿيو پوي"
ڏُفَ: تباھہ، برباد، ختم، دفع.
"ڌرتي ڏُف ٿئي تہ چو ٿيندي توب تباھ"
ڏُف ٿيڻ: اصطلاح. تباھ ٿيڻ، برباد ٿيڻ.
"ڏُف ٿي ويندين، دنيا ڏسندي، در ٿي ويندي"
دَڪدَڪو ج دَڪدَڪا: ذ. پريشاني، چنتا، اُلڪو فڪر، دهڪو ڳڻتي.
"موت جي مهل تي ڪنهن جي دل ڏيان ۾،
ديس جو دَڪدَڪو منهنجو نالو لکو"
ڊِڪو ج ڊِڪا: ذ. ڊِگو ٿلهو ماڳ، جهاز مان مال لاهڻ جي جاءِ.
"ڪامون يا ڪ ڪلون، ڏاڙي ڏاڪ ڊِڪي مٿي"
ڏُڪُ ج ڏُڪَ: ذ. شَئِي جو ڏُک،پاهو.
"اهنجائن جي ڏُڪ ملن ڏاڳا سهنجايون سوريَن"
ڏڪُ ج ڏڪَ: ذ. وڏو ٿُلهو ٽنيرو،سگهارو (ٻلي ڏانهن اشارو).
"پک پک تي ڏک پڃرا لوڏيو
آڪيري ڏي اُڏندو آهيان"
دِگران: ڳـرا، زبرا، زوراور، طاقتور، ديو قسم جا.
"ڇا جا ڀُوت پريت ۽ ڇا جا دي دِگران"
ڏگ ڏگ: رستو رستو هنڌ هنڌ، هر ماڳ.
"ٻڌ ڏگ ڏگ در در ڇا ٿو ڇوي"
ڌلَ: گهٽا، ريل ڇيل، جهجها.
"هُو جو منهنجو هانءَ ڪٽي ويو ٻهہ ۾ دلبر ڌلَ"

ڏَلُ ج ڏَلَ: ذ. اک جو تارو.

"مُرڪي ڏين، چمڪي پون، دلبر تارا ڏَلَ"

دِل جا دوها پڙهڻ: اصطلاح. اندر جا احساس پرکڻ، دل جي صدا ٻُڌڻ.

"ديدن جا بيت، دل جا دوها تہ ڪو پڙهي"

دِل جون سِٽون پڙهڻ: اصطلاح. دل جا راز سمجهڻ، اندر جا احوال پرکڻ.

"تون تہ منهن جو پنو لڪائين ٿو
ديد دل جون سِٽون پڙهي ٿي پئي"

دل ـ دهڪو: دل جو دهڪو (مرڪب لفظ)

"دل ـ دهڪو تاڙيل ڪهڙي وقت بہ ڪڙڪندي"

دِل مان زلزلو لنگهڻ: اصطلاح. درد ۾ دل ڏُڏي وڃڻ، سُور ۾ اندران شديد سٽ اُبرڻ، سخت ڏک رَسڻ.

"باهران جُهومندو بخاري ويو
دل منجهان زلزلو لنگهي ويو"

دِل ديگڙي هجڻ: اصطلاح. دل درد وندي هجڻ، دل ڏُکاري هجڻ، دل جو ڪڙهڻ.

"متان مُرڪ ڊِڪڻ، اندر دلڙي ديگڙي"

دِل ڏکجڻ: اصطلاح. دل زخمي ٿيڻ، دل ڦٽجڻ، دل جو ڏک کائڻ.

"دل بہ ڏَکِجي ٿم پيري پيري"

دِل ۾ داڳ رکڻ: اصطلاح. دل ۾ گماءُ رکڻ، دل ۾ داغ رکڻ.

"دل ۾ رکيو داڳ، وندبيندو جو تون وتان"

دِل ۾ ليٽڙڻ: اندر ۾ لُڇڻ، دل ٿي دل ۾ پڇرڻ.

"لُڙن لُڙن منجهہ لُڇان، دل ٿي دل ۾ ليٽڙان"

ڏلنگہ ڏلنگ: ذ. وڏو ٺڳ، مڪار، فريبي، لُچ.

"دلنگ دوکيباز، وٺي ووٽ وڏو ٺڳين"

ڏمن جو مهمان هجڻ: اصطلاح. مختصر حياتي هجڻ، ٿوري زندگي هجڻ، ننڍڙو عرصو رهڻ.

"دمن جو مهمان، صديون سُلجهايان پيو"

ڏَمُ نِبرڻ: اصطلاح. پل گذرڻ، وقت پورو ٿيڻ.

"تہ ڪم نبريو نہ غم نبريو
جو نبري ويو سو دم هوندو"

ڏنبها هٽڻ: اصطلاح: دڙها هٽڻ، ٽپا ڏيڻ.

"دل نہ ٿي ڏڙڪي هٽي ٿي دنبها"

ڏنگڻ: گڏڻ، ٽپڻ، نخرا ڪرڻ.

"ديد ۽ دل ٿي دنگندا، يار تہ آهن يار"

ڏنگو ج ڏنگا: ذ. فساد، جهڳڙو، ٻاٽيتال، مانڌاڻ.

"پاڪ ڌرتيءَ ٿي هي دهليءَ جا دنگا"

ڏُنُ ج ڏُنَ: ذ. عضوي جو نالو، مرڪز، ڳڙهہ، انبار.

"هونئن تہ هر هنڌ سُور سُجهن ٿا، دردن جا هِتَ ڏُنَ"

"هونئن تہ بلائون بحر ۾ پر، ٺيٽن جا هِت ڏُنَ"

ڏُنگہ ڏُنگ: ذ. مٽُ، پيالا، شراب جا هَٽ.

"تون تان رينگين رُنگ تي دلڙي ڏُنگ اُڃي"

"تون ڏُنگ تي ڏُنگ تو ڏين، چڻ رُنگ تي رُنگ تو ڏين"

ڏُنگ اُڃي: هٿن جيتري اُڃاري.

"ٿون تان رِينگين رُنگ تي دلڙي ڏُنگ اُڃي"

ڏُنيا اُٿڻ: اصطلاح. دنيا جو سُجاڳ ٿيڻ، دنيا جو بيدار ٿيڻ.

"تون رِلي تاڻي سُتين،دنيا اُٿي وئي"

ڏوا. ج دوائون: علاج، دارُون. (محبوب ڏانهن اشارو).

"درد دوا لئه بي چين آهي، ناهه دوا بي چين"

ڊُوارُ ج ڊُوارَ: ذ. لنگهه، دروازو ڪواڙ چانئٺ، ميڙ.

"اچن ڏينهن دوار ڊِيدون ڊِيدن سان ملن"

دو- ڏارو. ج دو- ڏارا: ٻه مُنهون، ٻه ڏارو.

"دغا جا رنگ دو- ڏارا ته آهن"

دوزخُ. ج دوزخَ: ذ. جهنم، ڏاڍ جو مرڪز.

دوزخ جون لهرُون روڪڻ: ظلم ۽ بربريت ختم ڪرڻ.

"دوزخ جون لهرون روڪيو جُوءِ جليو وڃي"

دوزخي. ج دوزخي: جهنمي، ظالم.

"هيڏانهن گهوري حُور، هيڏانهن دوڏا دوزخي"

دوڪو دسڻ: اصطلاح. فريب يا منافقي ختم ڪرڻ، ناانصافي ۽ انڌير مِٽائڻ.

"وڙهي ياڪر وڃي،دوڪو دسي وڃجي"

دوڳي. ج دوڳيون: ٿُلهي ڪاٺي جو ٽُڪرو يا ٽِترو.

"دوست وڍيو تا دوڳي ناهيان"

ڏُونهون ڪيڻ: درديلي آهه ڀرڻ.

"آڳ سوکهي تو رکان، ڏُونهون ڪيان"

ڏهرُ. ج ڏهرَ: ذ. زمانو جڳ،جهانُ.

"ڏيئي چاهه چڪر،ڦيريون دور دهر جون"

ڏهشتبادُ ج دهشتبادَ: ذ. دهشتگردي جو ماڳ يا گهر.

"لياقت باد ته دهشت باد،

پر ڪنهن هاشم ياڻ ڪُنو"

ڏهشتڪارُ. ج دهشتڪارَ: ذ. دهشتگرد، دهشت ڦهلائيندڙ.

"هجر جي رات تي لکيو واندن،

هاڻ دهشتڪار رات تي لکجي"

دهلي: هند جي شهر جو نالو مغل حُڪمرانن جو تخت گاهه،مُغل شاهي.

"جڏهن جهوڪ جيئڻ جو جهنڊو کنيو

خُداباد دهليءَ هو ڏنڊو کنيو"

ڏهن - سَني: يارهن کان ارڙهن سالن واري عمر(Teen age).

ڏهن - سَني: ڇهڇٽا رانديون رتيون.

پاڻ ۾ ياريون ڪيُون، روز شب،

جنسي ڏُکون، ڊوڙيون وڏيون....."

ڏوَر ڪڪورجڻ: زماني پڪا پختا ڪيا، دورَ رنگي ڇڏيا.

"ڏوَر ڪڪوريا ڏُڏُاراڏا، اُڪريا اولاڪا"

ديءَ: ديق پُوت.

"ڇا جا پُوت پِريت ۽ ڇا جا ديءِ ڊِگران"

ديتُ (دئت) ج ديتَ: ذ. دئيت، ديق اجگر.

"انڌيون آفتُون،ديت دشمن گهٽا"

ديد: نظر، اک، ساڃهه.

ڊِيدُ آڇڻ: اصطلاح. ساڃهه ڏيڻ، سمجهه ڏيڻ، شناخت ڏيڻ.

"آڇيم اهڙي ڊِيد،ادب سان اتهاس کي"

ڊِيد ارتي: رت جي ڳوڙهن سان ڀِنل نظر،

رَتاون لُڙڪن واري اک، زخميل نظر.

"ڊِل ڪُٺيءَ سان ڊِيد ارتي،
تعزيت ڪهڙي ڪري"

ڊِيد پرڄڻ: اک جو ڍؤ ڪرڻ، نظر جو رَڄڻ.

"استاد نه ڊِيد پِري، دنيا مان دلبر مان"

ڊِيد ڏڪڄڻ: نظر زخمي ٿيڻ، اک اٽڪڻ.

"ڊِيدون ڏڪبيون رهبيون آهن"

ڊِيد ۾ درياهه هجڻ: اک ۾ تمام گهڻا لڙڪ هجڻ، زارو قطار ڳوڙها ڳاڙڻ.

"اندر ۾ آڙاهه ها، ڊِيد ۾ درياهه ها"

ڊِيد منجَهر ٿيڻ: اکين جا بند ڀڄڻ، بي انداز لُڙڪ لڙڻ.

"سوچ اوتر تي ڊوڙي پئي،
ڊِيد منجَهر تي اٿلي پئي"

ڻ: اصطلاح. لڏو لاهڻ، ڪُپ ڪوڙي وهڻ.

ڪاٽي ڪاٽي دير ودمڻو عشق کي استاد آ"

ديس اُبرڻ: ملڪ ڇجرڻ، عوام ۾ بغاوت اُبرڻ، ملڪ ۾ اُٿل اچڻ.

"ديس اُبري تو ديڳڙي وانگي"

ديس ـ داڙُو، ج ديس ـ داڙُو: ذ. وطن جو وڪيل، چوڪارو ڏيارينڊڙ.

"ديس ـ داڙو داد ووڙينڊڙ ادا"

ديو: ذ. ڀُوت، خطرناڪ راڪاس.

"شوق شهزادو سفر ۾، ديو ڪارو ڏويڏُو"

ديوار، ج ڊِيوارون: ث. ڪوٽ، حويليءَ، بند، قيد.

"ڊِيوارن ۾ حُسن لُڇيو ٿي"

ڊِيوار تي لکڻ: اصطلاح. ڳالهه کي ڇِٽو ظاهر ڪرڻ، وقت جو آواز لکڻ.

"هر دانهن کي ديوار تي لکندو ٿو وڃان"

ڏ

ڏاتا: وِهنتا.

"ڏرتي تنهنجي ڏُوڙ ۾ ڏُولهه
ڏاتا ها، نيهي ناتا ها"

ڏاڏر، ج ڏاڏر: ث. تاڏن ڏنو دلاسو چالبازي.

"ڏوڏن جي ڏاڏن سمجهي سوچ وِچي جي"

ڏاڙڏُڙو، ج ڏاڙڏُڙا: ذ. رهزن، ڏاڙيل، ڦورو.

"ٻِيڙ پگهر جي ڏپ کان وڏندڙ ڏاڙڏڙن جي ڏپ"

ڏاڳو، ج ڏاڳا: ذ. تند، سڳو.

"ڏاڳو ڏاڳي کان جُدا ڪمزور آ،
ڏاڳو ڏاڳي سان ملي ٿهندي ڪُڙهي"

ڏُڏڙ مان ڏاٽيون ڪرڻ: اصطلاح. ڏُوڙ مان آناج، خزانو ڪرڻ.

"اِهو تنهنجو وس، ڏُڏڙ مان ڏاٽيون ڪرين"

ڏَرتِ: ث. ڏرتي.

"مان مڃان ٿو ڏرت سان گڏ پيو ڏُڏان"

ڏڪ پرسٽ، ج ڏڪپرسٽ: ذ. دهشت ۽ وحشت جو حامي، ڦورُو، رهزن.

"ڏکپرستن راهہ ويندن کي رَتيو"

ڏکڻُ: ٻرڻ، جلڻ، روشني ڪرڻ، چمڪڻ، ٻچڻ.

"ڏُوڏا وٺ ڏکي، لوهيون واڳون وقت جون"

ڏِڳ. ج ڏِڳَ: ذ. جُنگ، پهلوان، سگهارو.

"قيد ٿيل دودن ڏِڳن تي، لِڳ
ڇيرينديڙ عذابن جو سلسلو"

ڏمتالُ. ج ڏمتالَ: ذ. ٿلهو متارو جبرو، جُنگ، هٺو ڪتو.

"انڌ اونداهہ جي انڌي ميڙ ۾،
ڏُنڌ جي گُنڍي وڌي ڏمتال کي"

ڏُمر ڏڙي (ڏُوم ڏڙي). ج ڏُمر ڏڙيون: ث. زورشور، جوش جذبو ذوق شوق، شور، آواز.

"ڪنهن جي ڏرتي داتا داتا ڏُمر ڏڙي هُوندي"

ڏمڻ: دٻائڻ، زوري روڪي رکڻ، ڦَسڻ.

"دل ۾ درد ڏَميم، سمجهيم سمجهيم سي ميان"

ڏنَ. ج ڏنَ ذ. دؤلت، سگهہ، قوت.

"دمن ڏيان ڪري ڏنو دؤرن کي آ ڏنَ"

ڏَنڪَ. ج ڏَنڪون: ث. جهالر، پانڪَ، انڊلٺ.

"عشق ست رنگي ڏَنڪ سان،
عشق ڪرنديڙ وڄ سان"

ڏَنڪ. ج ڏَنڪون: ث. خصي يا ڪريل ڪڪڙ (جنهن ۾ داڻو نہ ٿئي).

"هاري ٻوڪي هوش سان ڪيڻي ڪوڏ ڪڪڙ
داڻا تُوڙي ڏنڪ، موسم مينهن هوا ڪيا"

ڏوڏو. ج ڏوڏا: ذ. ٻاهہ جو مڇ، ڪُورو آڙاهہ، ٻيو مطلب: آڳڙيو جوڏو.

"ڏُوڏا وٺ ڏکي، لوهيون واڳون وقت جون"

ڏُوڏُو: نا ٿا، بندُوق جا فائر.

ڏُوڏُو چرڪائڻ: اصطلاح. دهشت کي دهشت ڏيڻ، وحشت کي ٿاهہ ڏيڻ.

"ڪوئل جي ڪُوڪُو
ٻر پايم پٽي پاڻ کي،
چر ڪايم ڏُوڏُو"

ڏوڏو. ج ڏوڏا: ذ. لوڏو جهٽڪو زلزلو.

"چونہ ٿو اوتر وجون ڏوڏا اُتي هٽ ٿو ڪرين"

ڏُوڙ جو داڻو: خاڪ جو ذرو، تڇ، معمولي قسم جو مٽيءَ جو ماڻهو.

"آئون استاد ڏوڙ جو داڻو
ماڳ جي مهر موڪيو آهيان"

ڏُوڙ ڏيو (ڏُوڙ ڏويو). ج ڏُوڙ ڏيا: ذ. سونارن جي ٻنين جي رک صاف ڪري اُن مان سون جا ذرڙا هٿ ڪندڙ.

"هيءَ ڍِڳ ڏُوڙ ڏين جو ناهي،
جو جر ڪي ڪو سون ذرو"

ڏُوڙيو. ج ڏُوڙيا: مٽيءَ جو طوفان، آنڌي، جهڪ، گارين جو ڏسُ.

"ٻاهہ۔ ڦٽڪا۔ پيڙ۔ ڏُوڙيا۔ زلزلي تي زلزلو"

ڏِيان ڏُوڙڻ: اصطلاح. ذهنن کي جهنجهوڙڻ، ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ.

"ڏُوڙيم ڏيان هزار اُٽيس اوٺر تي ٽِڪو"

ڏِيرَ. ج ڏِيرون: ث. ڏِيرج، صبر، بردباري، ٿامڙ، ڪانڌ، ماٺ، سانت، دلاسو آٿت، آس، دل جي پختگي، دليري، پڪو ارادو ٿيڪ.

"آسن واسيون هيرون ڏِيرون چوڏاري چورينً"

ڏ

ڏات اُتار ٿيڻ: ڏات اُتارڻ. چوڻڪاري جوسبب ٿيڻ، آجائي ڏيارڻ.

"وقت ڏئي واها،اوتيو ڏات اُتار ٿئي"

ڏاتجڻ:اصطلاح. قدرتي قوت ذهني سگهہ سان سرشار ٿيڻ، نواز جڻ.

"يا تہ قطرو ڏاتجي قُلزم ٿئي"

ڏاتو. ج ڏاتا: ذ. ڏندن وارو ڪٽيندڙ اوزار. ڏاتنو اصطلاحي معنيٰ: پورهيو محنت.

"ڏاهپ ۽ ڏاتا، مليا ماڳ ملهي پيو"

"ڏاتي سان گڏ ڏانءُ، هاري هٿ ڪجي"

ڏات پريا ڏوڏا: ڦلدار ڪجور ڪجور جا ڏوڏا، ڏاتيار اصطلاحي معنيٰ: اديب، ڏاها.

"ڏات پريا ڏوڏا خاصا تنهنجا خيرپور"

ڏات ـ ڏئو. ج ڏات ـ ڏئا: ذ. ڏات جي روشني، ڏات جي جوتِ، تخليقي جوهر.

"سُونهن جو جلوو ڏات ـ ڏئي تي لڪجي"

ڏات شعلا ٿيڻ: اصطلاح. ڏات جو روشن ٿيڻ، تخليقي روشني پکڙڻ.

"رات پاڇا ڏات شعلا تي وئي"

ڏار ڪاتجڻ:وڻ جو ڏار وڍجڻ. واهيرو ڪسجڻ.

"چو پکيڙا تکا اُڏي تا وڃو

ڪاتبو ڏار ڪجهہ ٻڌائي تو"

ڏاڪ. ج ڏاڪ: ڏک، ڪانئيون (ٻارڻ).

"ڏاڳهہ زمانو ڏاڪ ٿيان يا نہ"

ڏاڳهہ. ج ڏاڳهون: ث. ٻاهہ، چڪيا.

"ڏاڳهہ زمانو ڏاڪ ٿيان يا نہ"

ڏاندُ. ج ڏاندَ: ذ. ڍڳو اصطلاحي معنيٰ: بي زبان، پروس، غلام، محڪوم.

"ڏوٿي ٿيا ڏاند،ڏاڍن پاڃاريون وڌيون"

ڏانگهہ. ج ڏانگُون: ث. لٺ، ڏنڊو سگهہ، طاقت.

"ڏيهہ اُن جو آهي،جنهن جي آهي ڏانگ"

ڏارو(ڏائو). ڏاوا: ذ. ڪاٻو ڪاٻي پاسي وارو.

"محفل ساري گهُورن گهيري

ڏهڪن ڏاوا ،جهرڪن ڃيٽا"

ڏاها ڪرٽا: روشن خيال، سلجهيل سوچون.

"ڏاها ڪرٽا ڏاڪٽيون،ڏنگا اوڪا انگهہ"

ڏاهپ. ج ڏاهپون: سمجهہ، شعور، عقل، سُجاڳي، تدبير.

ڏاهپ ۽ ڏاتا ملڻ : سياڻپ ۽ محنت جو ملڻ. اصطلاحي معنيٰ ساڃهہ وندن، ۽ پورهيتن جو ملڻ.

"ڏاهپ ۽ ڏاتا، مليا ماڳ ملهي ويا"

ڏانءُ ڏورڻ: اصطلاح. سمجهہ تلاش ڪرڻ، شعور ڳولڻ.

"ڏانءُ ڏورڻ ڪٿي ڏِيل ڏاڙهيون گهٽيون"

ڏٽو: ڪوڙو دلاسو فريب، دوکو.

"ڪوڙن شودن جي ڏٽن،سارو ملڪ ڏٽيو"

ڏُني. ج ڏُنيون: ث. هٿ جي آڱر جي ڏوڏي، آڱر يا هٿ تي اُڀريل حصو.

"ڏکيون ويڙهون ڏاڍ جون جهڙيون هٿ ڏُنيون"

ڏپُ ج ڏپ: ذ. اهڙي خاصيت، جنهنڪري ڪا شيءِ بهتر لڳي جهڙوڪ: سگهه، صحت، سونهن، جوڀن، جواني، چمڪ. ٻي معنيٰ زور، سگهه، ستُ، جوهر.

"پل پل پيا ڏپ ڏيندا آهيون،
موسم تہ بہ ماٺيندا آهيون"

ڏَجهڻُ: پوسرڻ، ڪجڻ، ساڙ ۾ سڙڻ، حسد ۾ سڙڻ.

"ڏجهڻ اڳئي ڏوجهرا، سجڻ تيا سيلهہ"

ڏڏُ ج ڏِڏَ: ذ. ڪمزور، جڏو ڪچو.

"دور ڪڪوريا ڏِڏَ ارادا، اُڪريا اولاڪا"

ڏَڏَرُ ج ڏَڏَرَ: سُرٽُو الرجي سبب جسم تي نڪرندڙ ٻبڙ ڇاپاڪو ٻي معنيٰ: اڏوراٽي ڪٽيل يءِ پيسيل شيءِ

"ڏڏر ڏڏر منهن ڏهر ڏهر جو"

ڏرڻي ج ڏرڻيون: ث. ڊڄڻي، خوفزده، بزدل.

"ڏرڻي، ڏڪڻي ناهہ هي،
جهجهڙ آهہ جهنجهڪ"

ڏَسُ ج ڏَسَ: ذ. پاريتو نشان، اهڃاڻ.

"ووڙ ولاڙون جنهن جي وس ۾،
ڏَسَ نہ تنهن کان ڏُور"

ڏڦو ج ڏڦا: ذ. هٿيار جو نالو خاص طور مِروڻ کي مارڻ لاءِ ڪم ايندڙ

"پنجوڙون سوٽا، ڏڦا، طنابون بہ تيار"

ڏَڪُ ج ڏَڪَ: ذ. رڪڻي، ٻپ ۾ لرزش.

"ماندي تي نہ مارئي، ڏسي ڏوتين ڏڪَ"

ڏُڪُ ج ڏُڪَ: ذ. جوان ڇوڪريءَ جا ڦٽندڙ ننڍا اُرهہ.

" ٽا چون دنيا ڪُراڙي جُهور آهي ،
منهنجي نظرن ۾ ڪيڏي ٽي هاڻ ڏُڪ"

ڏڪڻي ج ڏڪڻيون: ث. رڪڻي، لرزش، ٽڙڪڻي، ڦرڪڻي.

"ڏرڻي، ڏڪڻي ناهہ هي،
جهجهڙ آهہ جهنجهڪ"

ڏُگهہ ج ڏُگهہ: ذ. ڊگهو وڏو (پر بي عقل).

"ڏيک تہ آهن ڏگهہ کولي تہ اندر کوکلو"

ڏَلهو ج ڏلها: ذ. ٽوڪري جو قسم، لئيءَ جي سنهين ڪاٺين جو نهيل ٽوڪرو ڪارو.

"هيءَ عُمر اڙي پيٽ ڏُلهن جي ناهي"

ڏلهڙيو ج ڏلهڙيا: ذ. ٽوڪرو کڻندڙ مزدور.

"ڏلهڙيا بہ هلن ٽا هاڻ ڳمندا ڳمندا"

ڏلهيلُ ج ڏلهيلَ: پيٽ پريل، پيٽ ڀائو.

ڏند مُٺيون پيڙڻ: اصطلاح. تيز ڪاوڙ ۾ اچڻ، خارون کائڻ.

"استاد اُٺو انڌ تي، پيڙي ڏند مُٺيون"

ڏندو ٽيڻ: اصطلاح. ڏاڍو ٽيڻ، ڏاڍ سان مهاڏو اٽڪائڻ.

"ڏُشمني ڏاڙهي تہ پو ڏندا ٽيو"

ڏَنگ: ذ. ڪارڪ جو قسم، اڏ نرم اڏ پڪل ڪارڪ.

"بهتر کان بهتر، ڏوڏا، ڏُونڪا، ڏَنگ ٽيا"

ڏنگو ج ڏنگا: ذ. اوکو، ڦڏو جهيڙاڪ.

"ڏاها ڪرٽا ڏاڪٽيون، ڏِنگا اوکا انگهہ"

ڏوٽ ج. ڏوٽُون: ث. ٽلهو سونٽو لڪڻ.

قلابازي، جُهوم، جُهول (راند).

"ڏوڪ تہ ڪريون ڏوت،
ڪول تہ نڪرون خول مان"

ڏوڏر: ث. ڪچيءَ جو قِسم.

"ڏيڏي يا ڏوڏر پچي تان پياري لڳي"

ڏوڏو، ج ڏوڏا: ذ. ڪارڪ، ڪجور.

"ڏات پريا ڏوڏا، خاصا تنهنجا خير پور"

ڏوڙُ، ج ڏوڙُ: ذ. وڪڙ، وڙ، خم.

"پنجي ويو پر مار ڪي، ڏاڍو ڏنگو ڏوڙ"

ڏوڙو، ج. ڏوڙا: ذ. جُهڪيل، مُڙيل پيٺو.

"ڏولاوا ڏوڙا، قلما ۽ لوڙها،
جهُونجهارن جهوري وڌا"

ڏوسو، ج ڏوسا: ذ. ڏوهي، پاپي، چندو، نياڳو.

"وڪجي وئين ڏوسا،
لب لنبي ويا اٿئي،
مون ڪي ڏي بوسا"

ڏوسِي ج. ڏوسِيون: ث. وڏيءَ عمر واري (عورت).

"جهوريو جند جُدائي تنهنجي،
ڏوسِي منهنجو هانءُ ڏري"

ڏوش، ج ڏوش: ذ. ڏوهہ، ڪاوڙ، قهر، ڏمر.

"ڏاڍو ڏسجي ڏوش، منهن ۾ تو ماحول جي"

ڏوڳهو، ج ڏوڳها: ذ. گهٽي اُڃ، پياس، تاس.

"ڏوڪيندي ڏينهن رات، ڏُور نہ ٿئي ڏوڳهو"

ڏوليلُ، ج ڏوليلَ: ڏليل، ڏتڙيل، پتڪيل، رليل.

"ڳنل پيٺل ڪيتري، ڏُکُل ڏوليل ڪاڪ،
پوءِ بہ ڪڪوريل ڪاڪ، هرڪنهن
سَن سان سُرخرُو"

ڏونڪو، ج ڏونڪا: ذ. ڪچي ڪارڪ، اڻ پڪل ڪارڪ.

"بهتر ڪان بهتر ڏوڏا، ڏونڪا، ڏنگ ٿيا"

ڏُونگر، ج ڏُونگر: ذ. جبل (بهادر جوڌا).

"وِچ ڪوڙا هٽيِ ڏيهہ ڏونگر ڏنيپا"

ڏونگهي ڪوپا: ڏونگهيءَ/ڪوپري جا اڌڙ چاٽيون (اُرهن ڏي اشارو)

"ڏونگهي ڪوپا هٿ ۾، چپن تي مصري"

ڏهہ ڏهان: ڏهوٽا، ڏهہ X ڏهہ = هڪ سئو

"ہ تہ پارهن، ڏهہ ڏهان، پارهن سئو پانهون"

ڏهَرُ، ج ڏهَرَ: ذ. بن پٽن جي وِچ وارو پٽُ، ميدان يا زمين.

"ڏڏر ڏڏر ٻٽ ڏهر ڏهر جو"

ڏيارِي، ج ڏِيارِيون: ث. ڏيئن وارو ڏڻ، ڏيئن جي قطار لڪشمي ديويءَ جي پوڄا جو ڏينهن.

ڏيارِي ڪوٺڻ: اصطلاح. روشنيءَ ڪي سڏڻ، سوجهرو ڪرڻ، شعور پکيڙڻ.

"لوڏ انڌاري ڪوٺ ڏيارِي"

ڏيڏِي: ث. ڪارڪ جو قِسم.

"ڏيڏِي يا ڏوڏر پچي تان پياري لڳي"

ڏيرو، ج ڏيرا: ذ. ديرو، ماڳ، هنڌ، آستانو.

"جاڏي جُوهہ وِجهون، ڏسون ڏيرا وهم جا"

"جِيون جيءَ ڳڏيو جتي ڏنين جا ڏيرا"

ڏيڪرو، ج ڏيڪرا: ذ. ڏيڪاءُ، پيڪو.

"دهشتگردي ڏيڪري، آهي ڏيهہ ڏنيپو"

ڊِيلُ : بت، سرير، جسم، ٻاهرين بناوت.
"ڏانءُ ڏورڻ ڪٽي،ڊِيل ڏاڙهيون گهٽيون"
ڏيهہ: وطن، ساڻيهہ.
"ويندو ورندو ڪو بہ نہ،ڏيهہ رهو ڏاها"

ڏينهن ڪُسڻ: اصطلاح. روشني ختم ڪرڻ، آزادي کسڻ.
"اڄ جي تاريخ ۾ اُستاد جو فرياد لکو
ڏوڏ تي رات آ، پرپات مهل ڏينهن ڪُٺو"

ڊ

ڊاڪو: چور، ڦورو، ڌاڙيل.
ڊاڪو: چوري، ڦر، ڦرمار، ڦرلٽ.
ڊاڪو هڻڻ: اصطلاح. چوري ڪرڻ، لُٽڻ، ڦُرڻ، حملو ڪرڻ.
"ڊاڪو تا هڻن ڊاڪا،
چوڦير لکين جماتا،
ڪِٿ سِنڌ لکايان مان"
ڊاڳ: ڌُوڙ مِٽي، ڌُسڙ.
"ڳاٽي ڊسڙ ڊاڳ، ڪِيرت قطب ڪهڪشان"
ڊِڍُ ج ڊِڍَ: ذ. وڏو پيٽ.
ڊِڍ تان ڍڪڻ لاهڻ: اصطلاح. واڪو ٽيڙڻ.
"ڇا لکان ڊِڍ تان ڍڪڻ لاهي ڇڏيان؟"
ڊُڍو(ڊُڊو)، ج ڊُڍو: ذ. ٿلهو بي ڊولو اڻ وڻندڙ.
"ڪيڏو ڊُڍو لڳي ٿو ماحول جو مُهاندو"
ڊَرل: (Drill) پريڊ ڪندڙ ٽولي ڊنپ، ميڙ.
"ہرندڙ بيلو ڊرل توائي،دلدل ۾ ڦاٿي"
ڊَڙڻُ: سَٽڻُ، ڪُٽڻ، سڙهڻ، مارڻ.
"ڪنهن جي محنت، ڪنهن جي صُحبت،
ڊوهہ ڊڙي هوندي"
ڊسڙ: ڊاڳ. ڌڌڙ واريءَ ۽ مٽيءَ ڳاڍڙ وارياسي زمين.

"ڳاٽي ڊسڙ ڊاڳ، ڪِيرت،قطب ڪهڪشان"
ڊِڳڙي ج ڊِڳڙيون: ث. ماني
"جيئڻ لاءِ ڊِڳڙي اڳڙي سان گڏ جُهوپڙي گهُرجي"
ڊمڻ ج ڊمڻيون: ث. وڏي ڳاڙهي ٻلا جو قِسم، (ٻلا جي زهر ڏانهن اشارو).
"مِلي مَتڪي ۾ چُڪو ڪو جو ڊمڻ-ڊوهہ"
ڊودو، ج ڊودا: ذ. دوڏ ڪندڙ نوڳي.
"ڊودا ماٺهو هٿ ۾ قُرآن ۽ ڪڇ ۾ چاقُون"
ڊَل : ڊنپ، ميڙ.
"اندر هڪڙو جذبو جُهومي، ٻاهر اُدمن ڊل"
ڊومبُ ج ڊومبَ: ذ. ڊُوم (پکيءَ جو قسم)، لڪڙو پکي.
"ڪوتا لُنب ڪُنبيو پاپي ڊومب پچائيو"
ڊونڊڙو، ج ڊُونڊڙا: ڏوڙو جُهڪيل،نوڙيل.
"ڊُونڊڙو مقتل ۾ ٿيو ڳولين ٿو ڇا،
سِنڌا تنهنجي سرڪشي ڳوليان ٿو پيو"
ڊوهہ ڳَڏڻ: دوکو يا فريب ڊڙڻ، مڪاريءَ کي مات ڪرڻ.
"ڊوهہ ڳُڏٽو آ ڳڏجي تہ ڇو تا ڊِڄو"!
ڊيس: (Dec:) ڊسمبر مهينو.
"ايڪتيهين ڊيس جي سردي بہ آ"

ڍ

ڍارا ڍارڻ: اصطلاح. ڍارن تي يقين رکڻ وهمن تي ڀاڙڻ. ٽوٽڻ ڦيٽڻ تي ويساهه ڪرڻ.

"ڇا تون ڄُهد جتن ڇڏي، ڍارا ڍاريندين"

ڍارَ ج ڍارُون: ث. ريت، خصلت، آسرُ، ڍَر.

"دلداريون دارُون، ڍولڻ جون ڍارُون،
سرتيون شُور سڙي ويا"

ڍانپيل: ڍڪيل، سانديل، لڪايل.

"ڇُنري تي ڪنول ڇاپيل ڇولي ۾ ڀيڻ ڍانپيل"

ڍانئُ ج ڍانئَ: ذ. ٻاهه جو وڏو مچُ، آڙاهه.

"ڍِڍِر سانڊي ڍانئ ڪنول سامهون ڪيئن ٽيان"

ڍانڍو ج ڍانڍا: ذ. ڏاند، ڍڳو ڍور (ڍانڍا ڍور)

"وهڙا، ڍانڍا ڳاڙها تارا، واڇون جهڳ ٽيرا"

ڍِڍِرُ ج ڍِڍِرَ: ذ ڍِڍِ. پيٽ نڪتل.

"ڍِڍِر سانڊي ڍانئ ڪنول سامهون ڪيئن ٽيان"

ڍومڻ: ڍنڍڻ، ڳولا ڪرڻ.

" سارو جڳ جُهومي، منهنجو من ڍُومي،
موٽي آئي بهار هاڻي مون ڏي موڙ مهار پرين"

ڍُونگرو: ماڪ، ٽيڙ، ماٺ، وِلهه، شبنم.

"صُبح وڳو ساز سانجهي گونگو ڍُونگرو"

ڍُنڍڪا : ڍُنڍڪار، اوچنگارون.

"ڳُل ڳُل ڳوڙها، سُڏڪا ڍُنڍڪا"

ڍِيڪ: بڪواس، واهيات گفتو، اجايو ويڻ.

"مان قيد آهيان مارُو ناهن،
ڍائيٽڙا ڇو سهندا ڍِيڪ"

ر

رات ج راتيون: ث. ڏينهن جو ضد، اوندهه جي علامت.

"رات جا ڪُهتي ٻہ آ، ڪُپتي ٻہ آ، ڪُتِي ٻہ آ،
ڪير تو ڪنهن کي سجاڻي،
ههڙي هاڃيڪار رهزن رات ۾"

رازو ج رازا: ذ. معمار اڏيندڙ اوستو.

"شاعرِيءَ جي رمز ۾ ئي شاعرو!
قوم جا ڪُرمي ڪمي رازا ٿيون"

"متان هانءَ لاهين او دلگير دنيا،
اسين تنهنجا هر روز رازا تہ آهيون"

راشون: واحد: راس: چوٽيون ڪرٽا، آسمان ۾ هڪ خيالي گول چڪر، جو پورن 12 حصن ۾ ورهايل آهي، هر هڪ حصي کي راس چئبو آهي.

"سُهڻائپ جي ساک، سِڻُون راشون سج جون"

راشو ج راشا ذ. عام، سادو معمولي ماڻهو.

"گدا شاهه خاشا ۽ راشا هضم"

راڳ روشني ٽيڻ: اصطلاح. راڳ روشنيءَ جي علامت ٽيڻ، راڳن ذريعي شعور جو پکڙڻ.

"راڳ تي روشني بخاري ويا"
راڳو (راڳڻ). ج راڳا: ذ. شينهن جو هڪ قِسم، چيتو.
"راڳي ڪتان راڙ ڪئي، پاٽي ۾ پان پان"
رانديڪو. ج رانديڪا: ڪيڏوڻو دلچسپ خيال، لُڀائيندڙ احساس.
"تو طرز وتي بي ڪا، هر شعر ۾ پوپٽڙا.
هر بند ۾ رانديڪا"
راهون رانئڻ: رستا/واٽون. ڳاڙهيون ڪرڻ. راهون رستا ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ.
واهُون ووڙين وايُن سان،
راهُون رانئين زنده باد!
راهہ ج راهُون: ٿ. آنَ جو ڍِڳ. آنَ جي راهہ.
"داڻو داڻي سان مِلِي نهندي آهي راهہ"
راهہ ۾ رد ٿيڻ: اصطلاح. رستي ۾ ڪاپڻ. وات تي گُم ٿيڻ. هلندي هلندي ٿڪجي پوڻ. رستو متائڻ.
"راهن ۾ ڪو رد، منزل تي ڪو معجزو"
رَتا: رڱيا. ڪامياب ٿيا. سُرخرو ٿيا.
"گرڻ ۾ گتا ڪي، ڪتا ڪي رَتا"
رَتلُ ج رَتلَ: ذ. ڳاڙهو رت هاڻو رچيل، هتلُ.
"رتل ڪيڏو رنگ، جُتيل ڪيڏي جنگ"
رَتڻُ: رڱڻ، رت ۾ ڳاڙهو ڪرڻ.
"ڏڪ پرستن راهہ ويندن کي رتيو"
رُتِي: رُنيِي، هنئِي، لڳائِي.

"ينپ اوندهہ ۾ ڪنهن پڙڪندي
جوت جي روت رڻ ۾ رُتِي"
رَجُهہ ج رَجَهہ: ذ. پَچُ. اکين جو پچي خراب ٿيڻ.
"وينجهر پچي رَجَهہ تنهنجي اکين آ ڪيو"
رُچِي . ج رُچون (رُچيُون): ٿ. پسنديہ وڻت، ذوق.
"ديد تنهنجون رُچون پڙهي تي پئي"
"ساجن سنگت سگهو ڪري رُچيون رنگ رچن"
رچ: مهاڻن/شڪارين جو ڄار.
رَچ پوکڻ: پاڻيءَ ۾ ڄار اڇلڻ. شڪار ڪرڻ.
"پوکن رچ چرن ۾ ڳوڙا، اڏ پوڙها"
رَدڪدُ ج رَدڪدَ: ذ. اجايا بحث. فضول تنقيد. ڳالهہ رد ڪرڻ.
"وينِي وينِي وات جي ردڪد مان ڇا فائدو"
رَڏُ. ج رَڏَ: ذ. رڏِي، هٺ، هوڏ، ضد، انا.
"سوڍا تنهنجي آڍِ ۾ارڏائي جو رَڏُ"
رُڪ رِجائڻ: اصطلاح. لوهہ پگهارڻ. سخت جُهد ڪرڻ.
"پهريان رُڪ رِجاءِ، آڳ ڏڳائي آڳريا"
رڱين رُڪ بنجڻ: اصطلاح: رڱن کي رڪ جهڙو ڪرڻ، اڏول، نہ ٽٽندڙ مضبوط ٿيڻ.
"جي پانيو جُهونجهار ٿيون رڱين بنجو رُڪ"
رُگهہ ج رُگهون: ٿ. اُب، ڪُٺُ پُوسٺ.
"ڪيڏي ڪوڙهي رُگهہ چٽن چيو چيٽ وٺ"
"سرديون پارا، گرميون رُگهہ"
رَلِي تاڻڻ: اصطلاح. بي فڪر ٿي سمهڻ.

خاموش رهڻ، غافل ٿيڻ.

"ٿون رَلي تاڻي سُتين، دنيا اُٿي ويئي"

رمزون ربيع ڪرڻ: اصطلاح. رمزون چيٽ جي فصل جهڙيون ڪرڻ، وڻندڙ رمزون، سهڻا خيال (ربيع: پوکيءَ جي سُندن مان هڪ).

"رمزون سڀ ربيع ڪريان خوبيون سڀ خريف،
تنڌهن بہ تعريف، پتي پُوري نہ ٿئي"

رُمُ ج رُمَ: ذ. ڪارو ڪوجهو بدصورت، بنهہ ڪارو.

"ڪوجها رُم رقيب يا قاصد عشق عجيب"

رمضان هُجڻ: بک بدحالي هجڻ، ڪاڏي پيٽي جي ڪوٽ هئڻ.

"شيخ صاحب شهر ساري ۾ اجا رمضان آ،
تنهنجي گهر ۾ عيش سان عيدُالضُحيٰ آئي ته چا"

رنيڻ: پڪارڻ، ڪُوڪارڻ، ڪُوڪڻ.

"چچي چچي نہ رنيو لاڻ تر سرا، ڪاچا"

رِندُ ج رِندَ: ذ. مست الست، بيباڪ، بهادر جوڌا.

"ڏِرن جيڪي ڏنجهہ ڪي،اُٿن رِند اُهي"

رَنبڻ: روڪڻ، رنڊڪ وجهڻ.

"اڄ رُڃ رنبيا ها تہ ڪٽي بڙڇ اُٿون ها"

رُنگهہ ج رُنگُون: ٿورو، ذرو، چُڪو سوائي، ٿِڪي.

"تون ڏنگ تي ڏنگ ٿو ڏين،
جڻ رُنگ تي رُنگ ٿو ڏين"

رُڃ جو کير: اجائي ڪوشش.

"رُڃ جو کير ٿي مَيچ ولوڙي"

روٽي ج روٽيون: ث. رونبو بيجارو پوکڻ، سلن کي هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ پوکڻ، وهراج.

"پنيءَ اونده ۾ ڪنهن پڙڪندي،
جوت جي روت رڻ ۾ رُتي"

روٽي هوٽي: مانيءَ جي ڪري، روٽيءَ جي ڪري.

"راج رَلي ويا روٽيءَ هوٽي"

رُوح رگهڻ: روح کي سرهو ڪرڻ، دل خوش ڪرڻ.

"بخاري پهتا پرين منهنجو رُوح رگهڻ"

روسيهر: رئيس، وڏيري، سيد، پِير، مشائخ جو مُخفف.

"شتت سڏبين روسيهر تاريخ وٺ"

روشن درد: پرندڙ يا ڏکندڙ درد.

"دل ۾ روشن درد بخاري،
چُلهہ ۾ ڪاندو تانبو چمڪي"

روشنيءَ جا قافلا: ث. شهائي شعور جا ٽولا.

"هليا ڪاڪ ڏي قافلا روشنيءَ جا"

رُونجهي ج رُونجهيون: ث. جهانوري گهٽ ڏسندڙ چُنجهي.

"پالو نُور نِڪور سان رُونجهي تنهنجو جُهور"

رُونگو ج رُونگا: ذ. هڪ قِسم جو پکي، سندس ڪٽيل ڪُوڪ سبب هنج ۾ واسي ان کي گُونگو بہ سڏِين.

"ڪُوڪ ڪٽي تنهنجي،
ڪچهري ۾ مون رُونگي وانگي"

روهاڪي: جابلُو پکي.

"جِيون جهاڳ اَجهاڳ، مان رولُو روهاڪي"
روهہ ج روهہ: ذ. جبل، پهاڙ.
روهي: جابلو جبل وارا.
روهي بنجڻ: اصطلاح. روهہ وارا ٿيڻ جابلو/ جبل وارا بنجڻ، مضبوط بنجڻ.
"روهہ منجهان ٿا روهي بنجن،
يُونءَ پريءَ جو بار ٿين ٿا"
روهيلو ج روهيلا: ذ. پٿريلو پهڻن وارو ڪٺن، سخت ڏکيو.
"وقت هجي روهيلو رڻ پٽ،
ڏينهن ضرور ته ٿوهر هوندا"
رَهسي: راضي ٿي، خوش ٿي.
"هي جو ميل متو رهسي رنگ رَتو ڪجي"
رُهي ج رُهيون: ث. سخت سيءُ، تيز هوا سان سخت سيءُ.
"ڪوسو پيارُ پيارِ ساٿي سِيءُ رُهي"
رَءُ ج رَءُ: ذ. وهڪري واري مِٽي، لَٽُ، ريٽ.
"واهيون ڳورُون ريج رَءُ، ريڙها گجي گاج"

ريٽا رنگ رچائڻ: اصطلاح ڪاميابي ماڻڻ، لال گلال ٿيڻ. (ڳاڙهو رنگ انقلاب جي علامت آهي).
"لات لطيفي سُر سُر مستي ريٽا رنگ رچايا"
رِيڇڪ ج رِيڇڪ: ذ. ريڇڪو پور، رونشو چيڏڪ.
"رُوح ۾ رت جو رِيڇڪ سمجهو
چوريءَ دل جو چيڏڪ سمجهو"
ريشو ريش: ذرو ذرو، ٽوٽو ٽوٽو ڳيا ڳيا.
"نيٺ ته نَو- نيشا، مرنديس ريشو ريش ٿي"
ريکُ ج ريکُون: لڪير. نشان، ليڪ.
"سُرخي ريک ٽِري جي شڪڙي ٿي سائي"
رِينگو ج رِينگا: ذ. روج، راڙو درد، دانهون، رينگٽ.
"رڳ رڳ رينگا راڳ چوان ڪهڙو"
رَينڙ: ث. ڪاري رات.
"رِڻ پٽ تو بِن رَينڙ، مان رڻ پٽ تي پوپِري"

ز

زار: روس جو ظالم حڪمران، ظالم، آمر.
"آمر جابر قاهر ڪل ٿي زار هلاڪُو هٽلر سڏ"
زَبان ج زبانون: ث. بولي.
زَبان ڏيڻ: اصطلاح. ڳالهائڻ جي سگهه ڏيڻ، ڳالهہ چوڻ جي جرئت ڏيڻ.
"جنهن زبان مون کي ڏني آهي زبان"
زَبان رکڻ: اصطلاح. چئني ڏيڻ جي سگهہ هجڻ، ڪڇڻ جي همت هجڻ.

"ڪُڇون ڇو نہ جاني، پُڇون ڇو نہ پيارا،
نگاهُون اٿئون ۽ زبانون رکون ٿا"
زَبان سان زهر پيارڻ: آزاريندڙ گفتگو ڪرڻ، ڏک ڏيڻ، آزارڻ.
"پياري زهر زبان سان تڪيائين ترياق"
زَباني شاعري: لفاظيءَ تي ٻڌل شاعري ۽ بي مقصد شعر.

"ڪجهہ هوائي شاعري ۽ ڪجهہ زباني شاعِري"

زَتُه ج زَتُ: ذ. ڍاڙ، ڦاڪ، ڪوڙ.

"ڪوڙي شڪتي ڪيئن چئون هيڏو زور نہ زَتُ"

زَتِي ج زَتِي: ذ. ڦاڪي، ڍاڙي، ڪوڙو.

"ڪيو ذهن ذليل، اهو زور زتي چڙي"

زُرو ج زُرا: ذ. شڪاري پکيءَ (پياسين اکين واري) جو هڪ قسم. باز زوراور، طاقتور، سگهارو.

"هيڏا هيڏا هنج چو، زُرا زبرا زور"

زِلَ: سخت يا شديد گرم، تتل.

"نہ ڪو پل ڳگاتجي، نہ ڪو زل ڪاڙهو"

زِلزلو: ڀونچال، ڌرتيءَ جو ڌوڏو ڀونڪپ، اجاڙ ويراني.

"جڏهن تهر ڪاوڙ ڪري زلزلو
ڏکي ڏيهہ جر تر اندر ترٽلو"

"پاهران جُهومندو بخاري ويو
دل منجهان زلزلو لنگهي ويو"

زَمين جي شاعِري: ديس يا ڌرتيءَ جي عڪاس ۽ ترجمان شاعِري

"ڪٿ زمين جي شاعِري،
ڪٿ آسماني شاعِري"

زَنجيرُ ج زَنجِيرَ: ذ. سنگهر، قيد، غُلامي محڪومي

"زنجِير ۽ زندان تاڪو بينا تاڪ ۾"

زِندگِي ڏيڻ: دائم قائم ڏيڻ، هميشہ رهڻ، تاحيات رهڻ.

"وات واندي هنيو واءُ نڪرِي ويو
قول مردن ڪيو زندگي ڏي ويو"

زهرو: هڪ گرهہ جو نالو (جو آسمان ۾ تمام گهڻو چمڪندو آهي)

زُهرو جُهڪائڻ: اصطلاح. زهره سيارو پار ڪري خلاس ڪرڻ

"مجي آڻ منگل تا زهرو جُهڪايون"

زِهيري ج زِهيريون: ث. هيٺائپ، ڪمزوري، بيوسِي، بيو مطلب: ڳتي، ڳاراٽو.

"جوين کي سڏيو انڊ و پيرِي کي زِهيرِي"

زهي: ندا (ف) شاباس، مرحبا.

"زهي عشق ذرو جُزي کي جملي ڪري"

س

ساجو ج ساجا: ذ سگهو سٺائو سهارو.

"اهنجيءَ ۾ استاد لئہ ساجو تنهنجو نانءُ"

ساجارو ج ساجارا: ڦ (ساجاهہ وارو) سُجاڻ، ساٿي، سُجاپو جاٺو.

"پهتا جر جايا، ساجارا ٿيا سرخرو"

ساجهر: سويرو.

'صدين کي جاڳاءِ بخاري، سانجهيءَ کان ساجهر'

ساڙڻ: ختم ڪرڻ، باهہ ڏيڻ، پاڙ پٽڻ.

علاج ڳولي لهڻ. (ڪينسر ڏي اشارو)
"توکي نوان ٿورساڙي وجهندا سمنڊ ۾"
ساز سنگيت ڏيڻ: اصطلاح: آواز ڏيڻ خاموشي ٽوڙڻ.
"هر سانجهه کي ساز سنگيت ڏيوا"
ساسُ: ذ. سواس، ساهه دم.
"سرهڻ سڀ فردوس جي سورهيه هڪڙو سلس"
ساعت صديون ڪري مائڻ: هر گهڙي اهم ۽ قيمتي سمجهي گهارڻ، هر پل امر سمجهي گذارڻ.
"تاهِ ئهي نهه بهه ساعت ماڻ صديون ڪري"
ساٿو. ج ساٿا: ذ.ڪاروان، قافلو، ساٿ، قطار لڙهه.
"سهسين ساٿا روز نوان واٽون ساکي وڪ وڪ تي"
سمجهه سچو ساٿو تشبيهان تشبيهه جان"
سال ڪُسڻ: سال گذرڻ،سال ڪُٽڻ.
"سڪندي سڪندي نيڻ سُڪي ويا،
ڏسندي ڏسندي سال ڪُسي ويا"
سامِري: جادوگر جو نالو.
"پار پُهچون پر ڪنارو سامِريءَ واري رَسِي"
ساميائي. ج ساميائيون: ث. جوڳيائي، درد وندي
"اديون رَڙي استاد بخاريءَ
باهه پنيوريءَ ڪاهه ڪوهياريءَ
اڪ آريائي سڪ ساميائي"
سانجَهه: سانجهي، شام.
"هر سانجهه کي ساز سنگيت ڏيو"
سانجهي. ج سانجهيُون: ث. شُنهن مير، سانجهي، سنجهو.
"صدين کي جاڳاءِ بخاري سانجهي کان سانجُهر"
سانوڻ: سارنگ، برسات جي موسم. (ميڙائپ جي منڊ، وصل جي رُت)
"سانوڻ ايندو اوچتو جاڳائيندو جوش"
سانهه. ج سانهه: ذ. سانُ، مينهن چرند.
"سانهن سيڙهن ،سُوئرن پنهنجو ڪيت پٽيو"
سانهستي. ج سانهستيون: ث. فرصت، واندڪائي، وارڪائي، نويڪلائي.
"سانهستي سينگار سامهون سُونهين آنهري"
سائين: سائين جو جمع (رهبرن، سُونهن)
سائين ۾ سيڙهو وجهڻ: رهبرن، سونهن ۾ فرق ڪرڻ.
"سائين ۾ سيڙهو وجهي فيض وٺي نه ڪو"
ساهَه. ج ساهُون: ث. ساري بند جا ڳهه، زيور سڀ شعر سارو تخليقي عمل.
"سونارا اوجار توکان ساهت ساهَه جا"
سائُر. ج سائُر: ذ. درياهه سمنڊ، ساگر، سائر
"تارا ٽُبڪا ڪِرڻا ڪِلڪون سائُر نيريءَ ۾س"
سائِي. ج سائِون: ث. زرقان،ڪامڻ اصطلاحي معنيٰ.
"سائي اُلِي سيم ۾ سمراجي آئِي"
سُبتي. ج سُبتيون: ث. ابتي جو ضد، سڌي، سنئين، سڌي طريقي ۾ پوريءَ درست
سُبتيون پوکڻ: سڌيون سنيون، مثبت بنائڻ.
"پوکي ڏي سُبتيون صديون اُبتيون ڏي پينهين"

سُپاڻو: سڀاڻي، ايندڙ وقت، مستقبل.
"اڄوڪو انبوهه، سُپاڻو سوچيو وڃي"
سَت ـ سَرو: سگهه وارو شراب. پڪو سرو تيارمڏ
"سَتارا سَتا. ساڻي سَت ـ سَري تي"
سِٽو ج سِٽا (سرائڪي): ذ. سَنگ. اصطلاحي معنيٰ اُرهه
"ڪانگڙ ڪانو ڇيلهه سيني سنگ سِٽا ڀِنا"
سِٽون ڇِڪِيون ڪري رکڻ: سٽن کي ٻوٽن جي ڇڪين وانگر پوکڻ. مستقل قسم جي پناهه ڏيڻ. دائمي سڄاڳيءَ جو سنيهو ڏيڻ.
"سِٽون ڇِڪِيون ڪري ٿو يار،
راهن تي رکي چِڏيان"
سَٺ ـ سَنو: سَٺَ سالن وارو.
"سٺ ـ سني انقلابي عزم تحريڪون تتيون"
سپنو اُٿڻ: اصطلاح مستقبل جا خواب لهڻ. آئيندي جا اُڏڪا سانڍڻ.
"موت حياتي بنجي، دوزخ جنت ٿئي،
هاڻ بخاري اهڙو سپنو اُٿندو هان"
سپنو پالڻ: اصطلاح. خواب سانڍڻ. تمنا رکڻ. آرزو سانڍڻ.
سپنو پوکڻ: اصطلاح. خواب ڏسڻ. آرزو سانڍڻ.
"پوکيم پاليم جيوين سپنو اُلري موت لُٽيو"
سِج تي اُڀرڻ: سج وانگر روشن ٿيڻ. هر هنڌ مڃتا ماڻڻ.
"اُڀري سج ٿي پکڙي ٻج ٿي سورج اهڙو سُر"
سِج جيان جئڻ: اصطلاح. سدائين روشن رهڻ. امر تا ماڻڻ.
"جيان سِج جيان، مرڻ سُند ڏسان نه مان"
سَجِهُه ج سَجِهَه: ذ. وڌيڪ. زياده، گهڻو.
"سِڪڻ تيئن سَجِيهه ماريو اهڙي مامري"
سِجُهه ج سِجَهه: ذ. سج. روشني، جوت.
"ڪائن سورهيه سِجهه سوڌا ڌرتي سوجهرا"
سِجهه اُجهڻ: سج لهڻ. روشني ختم ٿيڻ.
"ڦڙڪي ڦڙڪي مامتا مرجهي وئي،
سِجهه اُجهي ويو گُهگُهه اوندهه ٿي وئي"
سُجهندو ج سُجهندا: ذ. سوجهرو. روشني. سُڄاڳي.
"اُجهندو ڪيڏو اندڏ ڪري ته ڀ،
سُجهندو استاد آهي سُڄاڻ"
سَچڻ: ڇُهڻ. نشان ڪرڻ. ٽڪڻ. گسڻ. سلڻ
"نه ڪنهن آگر سچ ڪئي نه ڪنهن دل دغلي"
"مرڻ جيئڻ مامرو سياڻا سمجهي سَچَ"
"سيني سُورن نُوڙ سو تون سور نه سَچَ"
سَرابُ: ذ. رُڃَ. ڏوکو دولاب.
"سراب راهه ۾ آهي ته ساڙجي نه وڃو"
سِرائي: سِري جو رهاڪو. سرائڪي ٻولي ڳالهائيندڙ.
"سِرائي تنهنجا سجڻ، تنهنجا ميت ٽِري"
سُرتِ ج سُرتُون: ث. سائيهه سمجهه. عقل. سُڄاڳي.
"ناهي سُرت سُتي، ڦتڪي باک ڦُٽي پئي"
سَرچي ج سَرچيون: ث. سائو آباد خوشحال. سرسبز.
"اسڪندر آوا ٻاريا سرچي سِنڌ تي"

سُرڙي: ث. ڇڪي ٻاهر ڪيڻ.
"ٻَلڄي ڪِينَ ٻُڪا، سُيون سُرڙيون سوچ رِيَ"

سِرسِلو. ج سِرسلا: ذ. سلسلو، معاملو.
"منزل تي منزل، سڪڻ سانده سرسلا"

سُقراط: طوفان جو فلسفي، مفڪر.
"زهر ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيان تو پيو
سات سُقراط سان ڏيان تو پيو"

سُر نہ ڏيڻ: سنوت نہ ڏيڻ.
"جنهن سِر تہ ڏنو پر سُر نہ ڏنو"

سَرِلو: واءُ، هير، ٿڌي هوا، پاٽي، مينهن.
"الايوس الله، سَرلي سُٽيو سِيير ۾"

سَرمستي اُٿڻ: جوش، جذبو پيدا ڪرڻ.
"ساڃهہ سان سرمستي ويئو اُٿندو هان"

سَرو. ج سَرا: ذ. شراب، مڌ.
"سَرو سُر ۾ سِڻ، واءُ سري ۾ وترو"

سرو: تکو تيز.

سَرِي: پاڻ، پٽي، وٽي.
"سَرِي وٽي سنسار کي هيڪاندي هُبڪار"

سُرهاڻ: سڳنڌ، خوشبوءِ.
"سونهن کي تو رڳو سرهاڻ ئي پاتي هوندي"

سَرها واءُ وِرڻ: سٺائو وقت اچڻ، آجائيءَ جو وقت اچڻ.
"ورندا سَرها واءُ، ايندي مُند بسنت جي"

سُرهڻ: ث. سُڳنڌ، خوشبُوءِ.
"داٽي پاٽي ڪاڻ، سُرهڻ، سونهن ڳيا ڳيا"

سُرهي: ث. خوشبودار ٻوٽي جو قِسم.
"ڀِتر ڦِڪا گُل، سُرهي سَرهي،
ڪوتڪ ڪاندِيري بہ نہ ارهي"

سَڙهيو: قابو ڪيو، وڪوڙيو ڪُٽيو سٽيو.
"تنهنجا ڏچا ڏول سمڪ سڳه سَڙهي سگهي"
"سَڙهيو جو ساٿيهہ سولو سهنجو ڪيئن ٿئي"

سعيو. ج سعيا: ذ. ڪوشش، اُدم، جتن، تدبير.
"جيسين اٿم جند، تيسين سعيو سِندُ جو"

سعيو سِراڻ چاڙهڻ: اصطلاح. تدبير تيز ڪرڻ، جود جتن ڪرڻ. تکڙي ڪوشش ڪرڻ.
"جرڪي جان جهان جي سعيو چاڙه سِراڻ"

سَقو. ج سَقا: ذ. پکالي، بهشتي، پاٽي پيئاريندڙ نوڪر
"ساقي پلي سحرڻ ٿئي مان سات جو سقوئي"

سَڪر. ج سَڪَرون: ث. ستائيون.
"سُرڪيون ۾ سَڪرون، مئخانو مهڪي پيو"

سِڪ سُرندو ڪرڻ: سڪ کي پرسوز بنائڻ.
"سِڪ ڪري سُرندو ڳايم گيت ڪليائڪا"

سِگِري ج سِگرِيون: ث. ڪوئلن ٻارڻ لاءِ لوهہ جو چلهو ۾ گُل، انگيٺي، منگل.
"منهنجي رڳ رڳ تاندن سِگريہ
تنهنجي چِڳ چِڳ پاٽي ڪِنگرِي"

سَمُ: ج سَمَ: ذ. گونج، گل ٻاٽي، زور بار، واڌارو.
"ساڳيا ناهن سَمَ مندون متبيون ٿيون رهن"

سَمراجي: سامراجي.
"سائِي اُلِي سِم ۾ سمراجي آئِي"

شمرٽي (شمرڻ). ج شمرٽيون: ث. ننڍي مالها، تسبيح، جپ مالها.

"تارو تارو نيڻ نظارو
ساري رات شمرٽي سوريان"

سمندر: ذ. ڪوئي جهڙو جانور آتشڪدن.

"سمندر آڳ ۾ سنجري،جئي ٿو"

سمنڊ ٺمائڻ: سمنڊ حوالي ڪرڻ، سمنڊ ڏئي ڇڏڻ، آباد/خوشحال ڪرڻ.

ڪير ڄُمڙ جو ڳري ڪيترو انتظار
سمنڊ ٺر جي هٿن ۾ ٺمائي ڇڏيون"

سميلن: جلسو ميڙاڪو اجلاس.

"ساهت جي سميلن ۾ نئين دور جي ميلن ۾"

سنتري: ذ. سپاهي، رکوالو۔ سنڌو درياهہ جو رکوالو.

"سِنڌُوءَ سنتري، ڪوڻيان توکي ڪوٽ ٿو"

سندرو اُٿڻ: اصطلاح. سندرو ٻڌائڻ، مقابلي لاءِ تياري وٺرائڻ.

"وڻڻ عنايت تنهنجي ڪڙمين جا ڄُونديءَ
جهونجهارن جا سُورهيہ سندرا اُٿندو هان"

سنديش. ج سنديش: ذ. نياپو پيغام، سنيهو.

"ساوڻ ڏينس سنديس برسي منهنجي برهہ جا"

سنڌُ. ج سنڌ: ذ. عُضوي جو جوڙ هنڌ، ماڳ.

"رات جيڪي شاهہ ڏوراپا ڏنا،
سِنڌ جي هر سنڌ ۾ پهچائڻا ٿم"

سنڌ ٽيڻ: ٽُڪر ٽيڻ،وَڍجڻ، ٽُڪيا ٽُڪيا ٽيڻ.

"سنڌ نہ ٿئي سِنڌُ،پنهنجا سنڌ وڌيا تہ ڇا"

سنڌڻ: ث. هڪ هنڌ موجود هجڻ.

"سورهيہ جي سنڌڻ ساماڻي سنگهرون ڏٺيون"

سِنڌڙي انب: سنڌي انب جو هڪ قِسم، (اُرهن ڏي اشارو).

"سِنڌڙي انب هٿن ۾،چپ تي سُڳداسِي"

سِنڌُ لِڪائڻ: اصطلاح. سِنڌ بچائڻ، سِنڌ کي بري نظر کان بچائڻ.

"ڏاڪو ٿا هڻن ڏاڪا، چوڦير لڪين
جماٽا، ڪِٿ سِنڌ لڪايان مان"

سُنسان اُمنگ: اُجڙيل احساس، نراس جذبا.

"راڪاس گهمن ٿا پيا،گهر گهاٽ،
ڳهن ٿا پيا، سُنسان اُمنگ آهن"

سنسو. ج سنسا: ذ. وهم، وِسوسا.

"سوڊا تنهنجي سوچ کي ڀلايو سنسن"

سنگت سوپاري ڪرڻ: ساٿ کي ڪامياب ڪرڻ، دوستي ملهائڻ، ساٿ نڀائڻ.

"محنت ڪندي ميندڙا،سنگت سوپاري"

سنگهہ. ج سنگ: ذ. پوک جو سنگ، (اُرهن يا ٻُبن ڏي اشارو) اُرهہ، ٻُبو.

"تنهنجو سينو سنگ ٻِٽا"

سنگ: مصريءَ جي ٽُڙِ.

"سوچون سُوٽا سامهون سمجهاڻ مصري سنگ"

سنگڻ: دهلجڻ، هيسجڻ، ڊڄڻ.

"موت تنهنجو پٺو پيانڪ موت کان،
سنگندا سڀ، ڌنگندو دودو ويو"

سنگيتاڻي. ج سنگيتاڻيون: ث. راڳ رنگ واريون، ڳائڻ وڄائڻ واريون. (محفلون)

"ڪويتاڻيون، سنگيتاڻيون،
ڪچهريون ڪئين سجايون ٿا"

سنگِينُون ساڙڻ: اصطلاح. ڏاڍ جا هٿيار ساڙڻ، ظلم (هٿيارن سوڌو) ختم ڪرڻ.

"ڦاهيون ڦٽڪائي،سنگينون ساڙي ڇڏي"

سُوٽا پُوٽا: پُورا سارا، پُوراپُنا، زوري پُورا ڪرڻ.

"سُوٽا پُوٽا چونرڙا،سوڙهہ سنگهوڙا در"

سونُو ج سونُا: ذ. ذمو ذميداري، جوابداري، ضمانت وعدو قول، پرڻ.

"تڏهن ڪاٰن سُونهن جو سونُو مِنُو ٿيو"

سُوڌو ج سُوڌا. ذ. صحيح، سالم، سچو درست، اُجرو سهڻو.

"جو بہ بخاري سپنو سوچيو سُوڌو هوندو"

سوجهرا اُپارڻ: اصطلاح. روشنيون ڦهلائڻ، سُجاڳي پکيڙڻ، شعُور جاڳائڻ.

"غرُور باٺ جو ٽُٽي ٿي نہ ٿو هزار سوجهرا اُپاريا سين"

سوچ اوٿر ٿيڻ: سوچ طوفان ٿيڻ، سوچ ۾ جوش اپڙڻ.

"سوچ اوٿر تي ڊوڙي پئي،
ديد منجهر ٿي اٿلي پئي"

سُورج سڏڻ: روشني کي سڏڻ، روشني آڻڻ، انقلاب/آزاديءَ کي سڏڻ.

"اسان تي هي بہ الزام آ تہ،
سورج کي سڏيون چو ٿا"

سُوريون ڏري وجهڻ: ڦاهيون ڦٽڪِي وجهڻ، ظلم جو ڏڪي وجهڻ.

"ٽڙڪا پيا ٿياس ۾، سُوريون ڏري ويون"

سوڙها رشتا: تنگ رشتا، ڏور رشتا.

"تنهنجي ڳل تي ڳوڙها، منهنجي دل ۾ لوڙها،
تنهنجا منهنجا رشتا سوڙها"

سُوسٽ ج سُوسٽ: ذ. شوڪارو ٽڏو ساهہ.

"سُوسٽ پرن صديون،پگهري پون پل"

سوسو ج سوسا: ذ. گهٽتائي، سوسو، ٿورائي، اوڻائي، بخيلي.

"آئون سوسو سهِي،فڪر منهنجا ڦٽڪڙ"

سول(شول): جوهي تعلقي ۾ ڪاڇي جي هڪ باراني ندي يا نئين جو نالو.

"ڳاج تہ آهي ڳاج، صدقي توتان سول مان"

سُولُ ج سُولُ: ذ. ميل، جوڙ ساٿ، راس.

"سوپ تني جي سُول ۾ جن جي سوچ سُجاڳ"

سومهڻي ج سومهڻيون: ث. سنجهو سانجهي، رات جو سمهڻ وارو ٽائيم عشا، سُتي لوڪ آوير.

"سومهڻي جي سُج ۾ ڪير نہ ڪنهن جو سيڻ"

سُونجهہ ج سُونجهون: ث تلاش ڳولا، کوج.

"سارڻ سوجهرو پرين سُونجهہ پسي سگهي"

"شهر سُونجهيو تہ شام سان هوندو"

سونارو ج سونارا: ذ. سون وارو شاعر، اديب، تخليقڪار.

"سونارا اوجار،توڪان ساهت ساهہ جا"

سُونبو ج سُونبا: ذ سُنبو ڇُهنبدار لوهو اوزار.

"هٺي سُوٽا سُونبا، اوهان جِنس جاچيو"

سونڪو ج سونڪا: ذ. ڪُتڪو خوف، ڊپ، هِراس.

"اُتو چرڪ ڇتيو سونڪو سوتو ساڻ هئي"

سُونهين ج سُونهيون: ث. شاخ، ڪِسي، ننڍڙو واٽر

"درياهہ ڪي سونهين تي وهڻ ڪونہ آيو"

سَهم، سَهمُون: ث. مهٽو طعنو ڏوراپو جهڪيٽڪ.

"هڪ جا سَهم سڙهي گهڙيءِ ٻي جا ٻاجهہ ٻَکي"

سَهو ج سَها: ذ. سَيهڙ ڪمزور هيٺو.

"هي فيصلو هرڻ گِبُ، ڦاڙها سَها ڪندا"

سِهو سِها: ذ. وجهہ آسانگو موقعو امید، سجاٽيہ

"سُڪهڙي جو سنهڙو سِهو ڪونہ هو"

سُهڻي جوڙ جوڙڻ: خوبصورت تعلق ڳنڍڻ، مضبوط ناتو جوڙڻ.

"هٿ ۾ پرين هٿ ڏئي، جوڙيون سُهڻي جوڙ"

سُهڻي ۽ ميهار: ٻہ رومانوي ڪردار، نيم تاريخي داستان جا ٻہ اهم ڪردار.

"سهڻي ۽ ميهار ميلا ٻيلي جهول ۾"

سُهڻي: رومانوي ڪردار محبوبہ.

"آڳ جي درياهہ ۾ ٻوڙي ڪَڏان،
هُن ڪناري تي اگر سُهڻي هُجي"

سويرو ٿيڻ: روشني ٿيڻ، سوجهرو ٿيڻ.

"دل چوي ٿي اج سويرو ٿي پوي"

سِيارو ڪرڻ: نارڻ، سُڪون ڏيڻ، سياري سردي واري موسم بنجڻ.

"مُند تنهنجي مرڪ ۾ ۽ ڳُرڪ ۾،
چاهي سيارو چاهي اونهارو ڪرين"

سيري ج سيريُون: ث. ڪاڇي ۾ سٺو جريبن ڪان مٿي ايراضي ڪي آيل بند واري زمين سيري سڌبي آهي، ڳلي.

"ڏال نشاني ڏاڍ جي سِتم جي سيري"

سيسَرُ ج سيسَرَ: ذ. واڳهہ، ظالم، وحشي، دشمن.

سيسَرُ کي ساٿي ڪرڻ: ظالم کي سنگتي ڪرڻ، دشمن کي دوست بنائڻ.

"مانگر ٿي مارِيَو سيسر کي ساٿي ڪري"

سِير ج سِيرُون: ث. سِيسَرات ڏار.

"واءُ اُتر جو ٻُت ۾ ٿو سِيرُون وجهي"

سيڙهو ج سيڙها: ذ. وِٿي، وِيري، سَنڌو اختلاف.

"سَنڌا ۽ سيڙها محبت نيٺ مِٽي چڏيا"

سِيڙ ج سِيڙُون: ث. ايذاءُ، تڪليف.

"سِڪڻ ڳُڙ جي سِيڙ، ملڻ سان مانار ٿئي"

سيڪ ج سيڪَ: ذ. تَو گرمي، ظلم، دهشت.

"شهر شهر کي نگر نگر کي سيڪ پيو سيڪي"

سِيلُ ج سِيلون: ث. سُني رَوش، سُنو تعلق يا لاڳاپو.

"جو تو سان رکي سِيل، پلي پيل هجي ڪو"

سيلُهہ ج سيلَهہ: ذ. ٻاٻري ڪنڊو درد، سور.

سيلهہ ٿيڻ: آزار بنجڻ، ايذائيندڙ ٿيڻ، عذاب بنجڻ.

"ڏُجهڻ اڳئي ڏوجهرا سجڻ ٿيا سيلهہ"

سيلهو ج سيلها: ذ. ٻٻُر جو ڪنڊو زخم، مرض.

"جيون ڳُل سان جيجل شامل سيلهو آ"

سيمابُ. ج **سيماب:** ذ.پارو. چمڪندڙ
تجليدار دل لُڀائيندڙ.
"سون جو ڇهرڪو سدا سيماب هو"
سِيمر: ث.سيمون ڳوٺ جي پسگردائيءَ
وارو علائقو. علائقي سان موسوم جهنگ،
سنڌو دنگ.
"وندبخاري ورچي ڏيو پيئي جيئي ساري سِيمر"
سينڌو. ج **سينڌا:** ذ. دوست. يار ساٿي.
"سويرو سينڌو هوندو لڪ لنگهي ويو"
سينڌِي ج **سينڌيون:** ث. سَهيلي.
"مکجي پئي ميندِيءِ
مهڪي لال ڳنوار ۾
پچري پئي سينڌي"
سينگو. ج **سينگا:** ذ. ساٿي، سرتو سڄڻ.
"ڇاجو ڊهڪو ڊاءِ جي تو سينگو سوجهرو"
سيھڙ: هڪ قسم جو جانور خرگوش سنهيءَ
کل وارو جانور (سهو)
"ڪانئر سيهڙ کل شينهن سان سامهون نه ٿي"
شاعري: شعر. شاعر جي تخليق، (محبوبه
ڏي اشارو)
شاعري چُمڻ: اصطلاح. محبوبه کي چُمڻ،
مِٺيون ڏيڻ.
"هڪ شاعري چُمين تو پيو
بي شاعري ڪرين تو پيو"
شاهُه : سيد. (شاعر جو پاڻ ڏانهن اشارو).
"وتي عقل، مت، شرم ٽِٽي نهوڙيو.
انهي شاهه کي شهر سارو سُڃاڻي"
شبو: هڪ گُل جو قِسم (Tuberose)
"موکي تنهنجي مُک ۾ شمع، شبو پئي"
شدادُ: خدائيءَ جي دعويٰ ڪندڙ هڪ
مشهور حڪمران (جنهن بهشت نهرايو هو).
"شداد جي بهشت جا رازا مزور آهيون"
شرنايون سونهڻ: اصطلاح. خوشيون ڏيڻ.
"شادين کي شرنايون سونهي،
پيڙُن کي پُو ڪارون ڏي"
شُشڪارڻ: ڀڄڻ، ڀڄ ڪرڻ.
"شُشڪاري شيطان. ڪارا ڪُتا موڪليا"
شماع شل ٿيڻ: ڪِرڻن جو پکڙجڻ.
"ارتو روئن اوندهون. شماع ٿين شل"
شماعي: ليزر شماعن واري. بارودي
"جهنم کان شماعي جنگ بدتر آ"
شعبو. ج **شعبا:** ذ. (اداري جو) حصو. ڀاڱو.
تعليم گاه ۾ هر علم لاءِ جدا انتظامي
کاتو.
"مون جو ٿوٺُو گمُريو تو چيو هل هلون.
شوق شعبو گمُريو تو ادارو ڏنو"
شعر ۾ شرناءِ هجڻ: شعر ۾ واڃو هجڻ،
شاعريءَ جي ناموس.
"هيم ته شعر ۾ شرناءِ پر نه ٿي ڇيڙيم"
شملا ٻچڻ: تائيدا ڏيڻ. اشتعال ڏيارڻ.
ڇيڙائڻ.
"ڳارائين تو راڳ،
شملا ٻچيئي شهر کي. ڳوناٿن ڏي آڳ"
"بانگ جي لائوڊ تي شملا ٻچيا"
شملا تيز ڪرڻ: پڙڪائڻ. جوش وڌائڻ.
"تون آيو آن منهنجا شملا تيز ڪرڻ"

شعلو شام (هجڻ): ٽڏو جذبو. هلڪو احساس.

"منهنجو شعلو شام تنهنجو پڙڪو باک جو"

شعور ٻارڻ: اصطلاح. سڄاڳي ڦهلائڻ، سڄاڳي آڻڻ، فڪر ڦهلائڻ.

"ڏسو ڪو ترورو اُٿيو يا نہ،

شعور شوق ٻول ٻارياسين"

شفق اوڙهڻي: خوبصورت ٿي اچڻ، شام جي شفق جهڙي ٿي اچڻ.

"هر شام شفق اوڙهي آ ايندي مون ڏي"

شقي: بدنصيب، نياڳو، ڪمبخت، بدبخت.

"ظلم سان شمري شقي جي دوستي"

شِڪاري: ج شِڪاري: ذ. شڪار ڪندڙ وحشي، ظالم.

"شڪاري تاڙين ٿا آميون ۾ ڦاپيون"

شمع ج شمعُون: ث. ميڻ بتي، موم بتي.

"شمع پجري وئي، پتنگا ويا پچي"

"موکي تنهنجي مُک ۾ شمع شبو ٻئي"

شوشو ج شوشا: ذ. افواهہ.

"اِهو شوشو شور آ تہ ڪوڻن آهہ ڪتيو"

شوق ٻارڻ: اشتياق ڦهلائڻ يا وڌائڻ.

"ڏسو ڪو ترورو اُٿيو يا نہ،

شمر شوق ٻول ٻارياسين"

شوق کي شباب اچڻ: شوق جو عُروج تي پُڄڻ، شوق اڻ جهل ٿيڻ.

"جتي بہ شوق کي شباب ايندو آ

اُتي وڏو انقلاب ايندو آ"

شُوڪڻ: شوڪارو ٻرڻ، ڏک پريا ٿڌا ساهہ کڻڻ.

"نرم نرم بسترو جنهن رات چُپائي ڪندا،

شوڪندي شعر جا گجرا ٺاهيون مرڪندي"

شهپر وٺڻ: پرواهہ نہ ڪرڻ، خوف نہ کائڻ.

"چپائين تہ خنجر نپيندا وتون ٿا،

چيم پو بہ شهپر وٺيندا وتون ٿا"

شِيڪو ج شِيڪا: ذ. موشو، حجاب، ماٺو ڪاوڙ.

"شڪي شِيڪو دُور ٿيو

بچيو شوق شباب"

شِينهون ج شِينهان: ذ. ڪُتي جو هڪ قِسم.

"شوق برابر شينهن بخاري،

شهر بچايا شينهان"

ص ـ ض

صديون پيارڻ : صدين تائين جيارڻ امرتا بخشڻ.

"اڄ رات پاڪ ڏاري،
صديون ڇڏيون تو پياري"

صديون جاڳائڻ: صدين/سون سالن جي سجاڳي پيدا ڪرڻ.

"صدين ڪي جاڳاءِ بخاري،
سانجهيءَ ڪان سانجهي"

صدين جو سوداءُ: صدين جو فِڪر، صدين جي سوچ.

"ڀڏ ڀڏ ۾ ڀڙلاو
اڄ ڪلهہ تنهنجي نظر ۾،
صدين جو سوداءُ

صديون سجايون ٿيڻ: زمانا ڪارائتا ٿيڻ، وقت شعلا ٿيڻ.

"صديون سجايون ٿيون پلڪ پيو هي ڀَل"

صدين سان سرگوشي ڪرڻ: زمانن سان ڳجهيون ڳالهيون ڪرڻ.

"صدين سان سر گوشيون منهنجون، ٻاٻاڻا ٻول"

صديون سلجهائڻ: صدين تائين شعور ورڇڻ.

"دمن جو مهمان صديون سلجهايان پيو"

صديون ڳرڻ: صديون گذرڻ.

"سورج هٿان رجهي رجهي صديون ڳري ويون"

[ض]

ضو: روشني، انصاف.

"ظل الاهي ضُو نہ پر ظلمت تہ هو"

ضِياء . ج ضِيائون: ث. چمڪ، تجلِي، رونق.

"آسمان تنهنجي ستارن ۾ ضِيا آئي تہ ڇا"

ط

طالعُ ج طالعَ: ڀاڳ، سڀاڳ، اُڀرندڙ ستارو.

"اهڙو طالع تو، صدين ۾ ساماڻجي"

طائفو ج طائفا: ذ. گروهہ، ٽولو ڳائڻ وڄائڻ وارن جو ٽولو فنڪارن جو ٽولو.

"يا تو ۾ ڪو طائفو يا طرحدار ٿمُ"

طرحدارُ ج طرحدارَ: ذ. وضعدار، سليقي وارو، سهڻو خوبصورت.

"يا تو ۾ ڪو طائفو يا طرحدار ٿمُ"

طريقا: نمونا، انڪلون

"حبيبو طبيبو طريقا ڪيو
لڳا تہ ڪليجي ۾ ڪوڪا ڪيو"

طناب ج طنابُون: ث. تنبوءَ جي رسيءَ، زمين ماپڻ جي رسي، نوڙي، ڏوري

"پنجوڙون، سوٽا، ڏڦا طنابون بہ تيار"

طوطي واري ٻولي هجڻ: ٻئي جي ٻولي ڳالهائڻ، درٻاري هجڻ.

"تنهنجي ٻولي طوطي واري،
تنهنجي روزي چُوري واري"

طوعاً ڪرهاً: خوشي ناخوشي،دلئون يا بي دلئون، هر حال ۾.

"طوعاً ڪرهاً مچ، وو جا واٽ وجُود جي"

طورُ ج آطوار: ذ. انداز نمونو چال چلت.

"هن دور نرالي جا،سڀئي طور نرالا"

طُوفان [1]. ج طُوفانَ: ذ. اوتر، خطرو، نقصان، مصيبت، آزار.

طُوفانُ [2]. ج طُوفانَ: ذ. اوتر، زوردار هوا.

"طُوفان ئي طوفان سائي سنبران زندگي"

"جَھونڪا طوفان ٻنبا،هُو ڏس ٻنجن پيا"

طوفان ڇيڙڻ: هلچل مچائڻ، تحرڪ آڻڻ.

"هِير ڇيڙيم هَونس تي طوفان ڇيڙيندو وتان"

طوفانن ۾ ٻرڻ: مصيبتن ۾ روشني ڪرڻ، ڏاڍاين ۾ مقابلو ڪرڻ.

"طوفانن ۾ ٻرندا آهيون ڏاڍا اوڪا ويڙها آهيون"

ظ

ظرف زمان: زماني جو مالڪ هجڻ، وقت تي وس پائڻ، حالتن تي قابو پائڻ.

ظرف مڪان: جو وارث هجڻ.

"ظرف زمان ۽ ظرف مڪان جو وارث ماڻهو هوندو
جان ۽ مان جو امن امان جو جو حافظ ماڻهو هوندو"

ظِل: پاڇو،ڇانءُ.

ظُلمت: اونداهي،ناانصافي،جبر.

"بادشاهي پويان پاڇا تي لڳي،
ظل الاهي ضُو نہ پر ظلمت هُئي"

ظُلمت ۾ زلزلو آڻڻ: ظلم ۾ ٿرٿلو مچائڻ، ڏاڍ خلاف هلچل تيز ڪرڻ.

ظُلم چِتي: ڏاڍ جي چِتي، (ظلم جو سهارو بڻجڻ وارا)

"نيرو شمرو زار، مدد،
چَڪ چَڪ تي ويا ظلم چِتي"

ضو: روشني.

ظل الاهي ضو نہ ظلمت هئي.

ع

عجابي: عجائبي، عجب جهڙو اچرج جهڙو.

"رت گلابي رنگ، مارڳ کي ملجي ويو
عجابي استاد ٿيو آئيندو انگ انگ"

عَدل: انصاف، مساوات، برابري

"عشق عمل جا، عيش عدَل جا،
توڙي ڏينهن ٻہ چار، هينئڙي هيج هزار"

عَدُل اُپائڻ: انصاف قائم ڪرڻ، انصاف

پيدا ڪرڻ.

"جهانُ امن جو جڳ مڳائي تہ پيو
نئون عَدُل آدم اُپائي تہ پيو"

عدم بحر: نيستيءَ يا نابوديءَ جو ساگر.

"اوندھ عدم بحر ۾ توسان تار تران"

عرض: ہي شئي تي مدار رکندڙ عارضي خاصيت.

"آئون ئي عرض آهيان،جانب تون جوهر"

عزم صالح: نيڪ ارادو، روشن سوچ، صالح ارادو.

"نئون دور اوندھ ۾ رنگجي تہ چو؟
اٿيو عزم صالح اُجالو پري"

عشق – آڳ: (مرڪب لفظ) عشق جي آڳ، محبت جو مچ.

"محبت جو معجزو يا ڪرامت شباب جي،
استاد عشق–آڳ ۾ گهمندو ڏنو اٿم"

عشق پوڳڻ: عشق جا آزار سهڻ، عشق جون تڪليفون برداشت ڪرڻ.

"عشق پوڳيندو وتان ٿو
حُسن ماڻيندو وتان ٿو"

عشق سلامت هجڻ: عشق زندھ هجڻ، عشق قائم هجڻ.

"ڪئي ڪاڪ محل خاڪ خزانا ٿي ويا،
هڪ حُسن پيو عشق سلامت آهي"

عصا: لٺ،سهارو.

"نابين کي تہ ڪا نہ ڪا آڌر عصا کپي"

عقل: ساڃهہ، شعور، سوچ

"جُهور عقيدو اُبڙي پيو آ،
عقل جوانو اُگهڙي پيو آ"

عقل ڏڪجڻ: هوش خطا ٿيڻ، سوچ موڳي ٿيڻ.

"عقل مت شرم ٿئي ڏڪجي پيا"

علاءالدين: بادشاهي لقب، هندستان جو حُڪمران علاؤالدين، ظالم حاڪم.

"علاءالدين انڌو اجل ٿيو اچي"

عقيدن ۾ لِڪڻ: وهمن، وسوسن/ اجاين خيالن ۾ ويڙهجڻ، عقيدن جو لباس پائڻ.

"ڪي مسيتن،ڪي عقيدن ۾ لِڪا"

عُهدن ۾ اٽڪڻ: عهدن جي لالچن ۾ ڦاسڻ، وڪامجڻ.

"آزادي اعلان، عهدن ۾ اٽڪيو رهيو"

عيدُون ۽ ماتم: ڏک سُک، غم خوشي.

"عيدُون ۽ ماتم،بخاري جي روبرو"

عيشن ۾ اُلڪو هجڻ: خوشي ۾ کُٽڪو هجڻ.

"الا ڙي استاد کي عيشن ۾ الڪو"

عُنقا: هڪ خيالي پکي جو نالو حقيقت کان پري تصورن جي دنيا ۾ رهندڙ (شاعر).

"پنهنجا شاعر پيا گُهرن سِنڌُوءَ جو پاڻي ميرڙو
هُو هميشہ ٿا رهن عُنقا، هُما جي تاڙ ۾"

عيلي عيلي: علي علي، نعرو هڻي ڪاهي پوڻ، جوان مردي حق، مڙسي ۽ همت جو نعرو.

"عشق چيو استاد اُٿي پئو
عيلي عيلي ماشاءالله"!

غ

غارڪرڻ: گم يا غارت ڪرڻ.

"غيرت ڪج نہ غار بوتو پيندہ پُريو تہ چا"

غاليچو ٿيڻ: وڃائو ٿيڻ.

غاصبن لئہ ڏوهہ ٿي ڪوڙو بہ ٿي،

گاهہ جو ڪِن لاءِ غاليچو بہ ٿي"

غَب غَب: ڪاڏيءَ جو چُگهہ (خوبصورتيءَ جي نشاني)

"ڪي ڪريا غَب غَب جي گهَري ڪوهہ ۾،

ڪي لڪا زلفن جي گماٽي جهنگ ۾"

غَريبڙو: مسڪين، سادو عام.

"وينجهر تنهنجو فنُ، غَني ٿيءِ غَريبڙو"

غزل چيڙڻ: سونهن جو ذڪر ڪرڻ،حُسن بابت گفتگو ڪرڻ.

"زندگي قيدن ۾ آزادي جو ناد،

ديد سان گونگا غزل چيڙينِ پيا"

غَشِي. ج غَشيُون: ٿ. بي هوشي بي خبري مدهوشي.

"موت ناهيس پر غَشِي آهي"

غمٽار: ڏک ٽاريندڙ.

"سوڳ سينگار، غم بہ غمٽار تو محسوس ٿئي"

غَنِي: سخِي، مالا مال، تونگر، دولتمند.

"وينجهر تنهنجو فن، غني ٿيءِ غريبڙو"

غَنِيمُ: لُٽيندڙ حملو ڪري ڦُريندڙ حملي آور.

"گولا هيليڪاپٽر،توبون بم غَنِيم"

غلِيظُ ج غليظ: ذ. ناپاڪ، پليت، گندا.

"ڇا بدن شفاف ڇا غندا غليظ

ڇا ٻيا حساس ڇا ڇرڪا رزيل"

غيظ: سخت ڪاوڙ ڏمر، غصو غضب، ڪوپ، قهر.

"غرق پنهنجي غيظ ۾ غفلت تہ هُئي"

ف

فرزانو. ج فرزانا: ذ. عقلمند،ڏاهو،سمجُهو.

"فرزانا فڪري پٺ،مرگهي مستانا"

فرعون: مصر جي قديم بادشاه جو لقب، مغرور، ايماني، سرڪش، هٺيلو.

"دنيا ۾ فرعونن آهن ڪاٺي موجون ماڻيون"

فسانو. ج فسانا: ذ. هٿ جو گهڙيل قصو ناهيل ڪهاڻي، داستان.

"ڪسانن فسانا، مزورن ڪهاڻيون

ٻنين تي مِلُن ۾ ڪنيون تنهنجون منهنجون"

فرهاد: شيرين فرهاد رومانوي داستان جو ڪردار، مشهور عاشق (شيرين جو عاشق) جنهن جبل ٽاڪيو هو.

"لڪين تيشن، لڪين فرهاد،

پارن جي ضرورت آ"

ڦَق ٿيڻ: هيڊو ٿي وڃڻ، بي رونق ٿي وڃڻ، حيران ٿيڻ.
"ڏنم نئين سنڌ کي ڦَق ٿي ويس في الحال"

ڦيٹر ڪرڻ: سنوارڻ، سُڌارڻ، درست ڪرڻ.
"پنيان پاڻهي نقاد ڦيٹر ڪندا پيا،
تون رف جهڙو تهڙو لکي وٺ،لکي وٺ"

ڦ

ڦاڙهو. ج ڦاڙها: ذ. هرڻ جهڙو وڏن ڇ شاندار سڱن وارو جانور.
"هي فيصلو هرڻ،گب، ڦاڙها، سَها ڪندا"

ڦاڪَ ج ڦاڪون: ث. ڦان ذرو ڏرتيءَ جي ڦاڪ. (سِنڌ ڏي اِشارو)
"وقت ڦوڙُو سا ڦباڻڻ جي ڪري تو
جا مقدر ڪان مِلِي هڪ ڦاڪ آ"

ڦامي ڦتڪائڻ: ڦامين کي ڦتڪائڻ، ظلم جي نشانن کي متائڻ، ڏاڍ جي علامتن کي ختم ڪرڻ.
"اٿي ڪو استاد جو ڦامي ڦتڪائي"

ڦَتڪا ڦُٽڻ: ڦتڪن /ڪوڙن جهڙو درد پيدا ٿيڻ.

ڦتيل: زخمي
"تهڪين ته تڙن موتيا، سُڏڪين ته ڦُٽن ڦتڪا"

ڦَتيل ڦڪر: زخمي
"ڦَتيل ڦڪر ڏايل،ڏُڏل ڙيل ۾"

ڦَريرو. ج ڦريرا: ذ. عَلم، جهنڊو.
"انگاس ارادن ۾، شمرن جي ڦريرن ۾،
اعلان اجمل ڦڙڪي"

ڦِڦڙيل ڦٽ: ڦڦڙن جي ڦٽ ۾ گهيريل، زخمي ڏتڙيل، بدحال.

"ٻهران صاف پلستر ٻڌجن،
منجهر اندر ڦڦڙيل ڦٽ"

ڦِڪت ج ڦِڪتون: ث. دوستيءَ ۾ ڦيٽاڙو اڻبڻت، ناسازي، ونجوڳ، جهيڙو ڪٽپٽ، ڪلڪل.
"عشق فرمايو ته فطرت
سان ڦِڪت کهڙي ڪري"

ڦَڪڙُ ج ڦَڪڙَ: ذ. هٿ ڦاڙ نه پهه جٺي ڏيندڙ سرويچ.
"آئون سوسو سِهي، فِڪر منهنجا ڦَڪڙ"

ڦِڪو ٿيڻ: لجي ٿيڻ، ڊڄڻ.
"ٻاٽ کي ٻاٽ چئي پيو ٿئي ڪو ڦِڪو"

ڦندو اُڇڻ: سُرڪڻ جوڙڻ، مصيبت کڙي ڪرڻ.
"پنهنجي هٿ سان پنهنجو ڦندو اُڇندو ها"

ڦَلُوٹو. ج ڦَلُوٹا: ذ. ڦُلڪٹو لِڦ، ڦلوٹڊو
"هٿ ۾ تيشو وات ۾ مُرلي ڦلوٹا پير ۾"

ڦِنڊَڪ. ج ڦِنڊڪون: ث. هلڪو ڏڪ، ٺونگو معمولي ڏڪ
"درد جا دوڏا ڦِنڊَڪ سان ڦاٽي پيا"

ڦوٽ : لوڏ، ڦتڪار، لعنت، نفرت جو آواز.
"ڦوٽ ڦُٽي ٿي ڦوٽ مان جيءَ جو جيءَ جواب"

ڦوڙو. ج ڦوڙا: ذ. ڳٽُ ڦَٽُ، زخم.

"ڄڙي پوندا ڇيھ تي، ڦِسن جيئن ڦوڙا"

ڦُونڊو. ج ڦُونڊا: ذ. ذرا ذرا، ليڙو ننڍڙو ٽڪر، ريڙ.

"ھِت ڇت ڦُونڊا،ھَت آنند،
ڦيڪو فڪر تہ ڦورُو ڦند"

ڦُول مالھا: ھار، گلن جا ھار.

"گلدستا ڦول مالھا پريات جي تقاضا"

ڦُوڪڙ: بلا،نانگ،ظالم،جابر.

"ڦُوڪڙ ڦُوھ ڪري ڦُنڊي سانگين پئي ساھ"

ڦوھ:اوج، بلندي،جوڀن.

ڦِيٿو. ج ڦيٿا: گول چڪرو (جنھن تي گاڏي ھلي).

ڦِيٿا ڦٽڪائڻ: گاڏين (وارن) کي جنجھوڙڻ.

"ڦيٿا ڦٽڪائين، پاڇاريون پياريون ڪري"

ڦيرڦار: تبديلي، انقلاب.

"نہ ٿي جي ٿئي ڪا وڏي ڦيرڦار،
تہ موسم ڦرڻ تي لکي وٺ لکي وٺ"

ڦيڙھو. ج ڦيڙھا: ذ. ڪڪڪ يا سارين جي ول جو ڍڳ، ڍن.

"ڏوڪي چنئريون، ڏوڳمي - ماريا،
ڦـيـڙھي ڏِيـن ڦـيـرا"

ڦيڪو: سڄيل، سُوٽيل، ڦوڪيل، آڦريل.

ڦيڪو فڪر: اجايو نظريو، ڪمزور فڪر.

"ڦيڪو فڪر تہ ڦورُو ڦند"

ڦيھُ. ج ڦيھُون: ث. مار ڪُٽ.

"ڪوگھر ڦِٽو ڦُوھ تي ڪنھن کي ڦيھ ڦِٽو"

ڦينٽي. ج ڦينٽيُون: ث. پَٽڪِي، پڳڙي، عزت.

"ھر ڦورُو ڏي ڦينٽي لھسين"

ق

قاعدو. ج قاعدا: ذ. اُصول، دستور، ريت.

"فرد توڙي قوم لئہ ھي قاعدو
جُھد جيڏو جو ڪندو جيئندو پيو"

قاھِرُ. ج قاھِرَ: ذ. قھار، قھر ڪندڙ، ظالم.

"آمر جابر قاھر ڪُل ٿيي زار ھلاڪو ھتلر سڏ"

قِتالُ. ج قِتالَ: ذ. جنگ جدل، خونريزي، قتلام، لڙائي، ويڙھ، يڌ، جُڌ.

"ناڻا تنھنجي نانءِ ڪيڏا ڪِيس قِتال ٿيا"

قَصابُ. ج قَصاب: ذ. ڪاسائي، وڍيندڙ.

"ڪامل عشق قصاب ڇو ڪامل عشق ڪباب"

قطرو: ڦڙو ذرو.

"معجزو قطري کي ٿو ڏارو ڪرين"

قلات: بلوچستان جي اڳوڻي رياست جو نالو (جتان جي موسم خوشگوار آھي).

"ڪاڇي قلات وانگر مون زندگي گذاري،
بعضي جَھڪون ءِ جھولا بعضي مزا بھاري"

قُلزُمُ. ج قُلزَمَ: ذ. سمنڊ، ساگر، بحر.

"قُلزم ۾ ڪُرڙي جڳ ۾ منھنجي جنڊڙي"

"قطرا قلزم ٿيو پون، پاڻي ڪا پستي"
قُلزم ڪرڻ: گهڻو ڪرڻ، ججهو ڪرڻ، سمنڊ بنائڻ، بحر بنائڻ.
"قلزم مان ڪولاب، قطري مان قلزم ڪريون"
قِلعو. ج قِلعا: ذ. ڪوٽ، لکڻ وارو قلم قيدوبند.
"قلعا ۾ لوڙها جُهونجهارن جموري وڏا"
قلم. ج قلمَ: ذ. ڪلڪ، لکڻ وارو قلم، (اشارو قلمڪار ڏانهن)
"هر قلم، پانا، اُتو وٽون هٿ ڪيو"
قلمَ تي ڪتار لڙڪڻ: لکڻ تي بندش هجڻ، تخليق تي پابندي هجڻ.
"قدم قدم تي ڪمند ڪڙڪي،
قلم قلم تي ڪتار لڙڪي"
قُم بِاِذنِي: اُٿي منهنجي حُڪم سان (قرآن).
"ڪِرڻو ڪِرڻو قول تنهنجو،
قُم باِذنِي حُڪم تنهنجو"
قول ڪِرڻو: روشن گفتگو اُجري ڳالهه.
"ڪِرڻو ڪِرڻو قول تنهنجو
قُم بہ اذني حُڪم تنهنجو"
قومي انگ: قومي رنگ، قوم جو ذڪر.
"راڳ هجي يا رنگ هجي ان ۾ قومي انگ هجي"
قٿي ڪرڻ: اُلٿي ڪرڻ، اڻ وڻندڙ ۾ فضول بيان نشر ڪرڻ (T.V ڏانهن اشارو)
"روز ٿي وي رات جو قٿي پٿي ڪري،
خلق سا اُلٿيون چٿي لٿي پٿي ڪري"

ڪ

ڪاتي. ج ڪاتيون: ث. وڍڻ جو تکو لوهي اوزار (وڍيندڙ ڪاسائي)، ڏاڍو.
"تاڪيدان تاتيون، گابا گابيون شوق سان،
ڪوناٿي ڪاتيون هٿن سان هڪلي ڏيون"
"ڪاتي ڪير ڪُهي ڪاتيءَ ڪُنا ڪيترا"
ڪاٽ. ج ڪاٽون: ث. وڍ ٽُڪ.
"ڪيڏي تارين ڪاٽ تي ڪيڏي چوڏن چِل"
ڪاٺُ. ج ڪاٺَ: ذ. قيد، سزا، جيل.
"مارُن ماٺ مُني، اديون ناهيان ڪاٺ مُني"
ڪاپُ. ج ڪاپ: ڪپ، چاقو خنجر.
"پيار آ يا پاپ، قرب آ يا ڪاپ"
ڪاپڙي ميڙڻ: ڪاپڙي ڪوسو بهادر شخص/ جنگجو گڏ ڪرڻ، ويڙهاڪ تيار ڪرڻ.
"تون بہ تنبُن جا پلي در هيٺ ڪر،
مان بہ ڪوسا ڪاپڙي ميڙيان پيو"
ڪاڄُ. ج ڪاڄ: ذ. وِهانءُ، خوشي ڪاميابي.
ڪاڄ ڪرڻ: پاڻ ملهائڻ، ڪامياب ٿيڻ.
"حُسين ۽ حلاج ڪُسي ڪاڄ ڪري ويا"
ڪاڇو. ج ڪاڇا: ذ. ماپ، ڪاٺ تڪ تور.
"ڪاڻان ٿي ۾ ٽيڻيون ڪيتر،
ڪير ڪري ڪاڇا"

ڪاچو: دادو ضلعي جو جبل جي ڪڇ وارو علائقو اُجاڙو ويران، سنسان، بيابان، ڏک ڏولائو.

"ڪاچي قلات وانگر مون زندگي گذاري
بمضي جمڪون ۽ جمولا بمضي مزا بهاري"

ڪارا صاحب لوڪ: انگريزن کان پوءِ جا حُڪمران (پاڪستاني آمر)

"پڇي ويا پورا صاحب لوڪ،
اچي ويا ڪارا صاحب لوڪ"

ڪار ڇيا: ڪاري زبان وارا، نياڳا، وائي آئائي ڪندڙ

"ڪار ڇپن ڪالينگن کي هڻ،
ڪاريهر ڪوراڙن کي هڻ"

ڪارو، ج ڪارا: ذ. ڪارو رنگ، رات وارو رنگ

"روح منهنجي کي گُهربو نئون رنگ هو،
ڪنهن تي ڳاڙهو ڏنو ڪنهن تي ڪارو ڏنو"

ڪاڙون : پڪارون، سڏ، آواز احتجاج.

"تيستئون نالڪام ڪاڙون ڪامياب آئي چڙيان"

ڪاري: ڪتاري، زيري ڪتان موت مار تکو اوزار.

"ڪٿين ڪلڪ ڪاري ڪتاري ڪتي"

ڪاري ڪين: نانهن، ڪاري اونده.

"ايڏهن ڪاري ڪين،
ايڏنهن ڪنڏي ڪاند ڪا"

ڪاڪ: رومانوي ڪردار مومل جو ماڳ، عشق ۽ حُسن جي دنيا، ڪاڪ ندي

"ڪنل پيئل ڪيتري ڏُٺل ڏوليل ڪاڪ،
پوءِ ڪڪوريل ڪاڪ هرڪنهن سن ۾ سُرخرو"

ڪالينگ ج ڪالينگ: ذ.ڪار منهون، بدڪار، لچ، بدمعاش

"ڪارچين ڪالينگن کي هڻ،
ڪاريهر ڪوراڙن کي هڻ"

ڪامُ: ذ. نفسياني خواهش، شهوت

"جذبن تي ڪام جو قبضو"

ڪامهَ: ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ کان لڳندڙ زور هوا.

"ڪامهه ۾ ڪهرام، موسم ۾ پتڪو پيو"

ڪانا وڄڻ: مچائڻ، وڏائڻ، پڙڪائڻ

"خارن جون خبرون ڏئي دل جا اُگي ٻري تي پئي
چوتي وِجهين منجهس ڪانا"

ڪانڊو: ڪنڊيءَ جو.

"دل ۾ روشن درد بخاري،
چُلهه ۾ ڪانڊو تانڊو چمڪي"

ڪانڊو، ج ڪانڊا: ذ. گهٽ، لانئون، ڪنڊو.

"ڪيئن برابر ٽُرندو، ڪانڊو لائي ساڻ"

ڪانڊيرا وچڙڻ: ڪنڊا وچڙڻ، ڏک وڪوڙڻ، آزار ملڻ

"گهُريم گل دستا اچي وچڙيم ڪانڊيرا"

ڪانگڙ: ڦڪي جُوئر جو قِسم، جنهن جو ڪانو ڊگهو ٿئي، سنهو قد (عورت جو).

"ڪانگڙ ڪانو جيلهه سيني سنگ سِتا پِتا"

"تنهنجي هائي ڪانگڙ ڪانو
تنهنجي چاتي سنگ پِتا"

ڪاوا ڇُپڻُ: وڏ پوڻ، چير پوڻ

"ڇا سونهن جي ڪيم دعويٰ،
سوچيو تہ ڇپيم ڪاوا"
ڪاوڙجا لوڙها: ڪاوڙجا اورڻ يا اورهڻ.
"ڪاوڙجا لوڙها هر هر هانءَ چڙهيا اچن"
ڪائين ڪرڻ: موشو ڪرڻ، ٿارو ڪرڻ،
ڪسي ڪرڻ، ڪمزوري ڏيکارڻ.
"سونهن سڪڻ جو مان مٿي ٿئي،
ڪيس نہ جيسين ڪيندو ڪائين"
ڪايو: ڪائو شيشو ٽٽندڙ ٿاڪئون.
"عزم پنهنجي قوم جو ڪايو آ چو"
ڪَبِتُ ج ڪَبِتَ: ذ. بيت، نظم، ڪهڻ،
ڏکمو قصو ساراهہ.
ڪبت ڪهڻ: وڏو بيانُ ڪڻ، قصو ڪڻ.
"جاني جوت جهان جا ڪهڙا ڪبت ڪهان"
ڪپيون ڪائڻ: درد ۾ وتجڻ، ڏک ۾ ٻيٺو
تيٺو ٿيڻ.
"تہ بنگلا شهر باغ ڪائن ڪپيون"
ڪِتابُ ج ڪِتابَ: ذ. ڪتاب، لکيل
پنن جو جلد، ڪاپي.
"ڪتاب تي نہ اچو چو تہ قاڙجي نہ ويچو"
ڪتي: نکٽ، خريف جو فصل
ڪيتڪي: گل جو هڪ قسم.
ڪتِي ـ ڪيتڪِي: آسمان زمين،
(اصطلاحي معني)
"محفل چا تِي جُهولي ڪتِي ـ ڪيتڪِي".
ڪتيءَ مان ڪهڪشان ڪڻ: آسمان ۾
تارن جو ميڙ ڏسي، ڪهڪشائن جو
اندازو لڳائڻ.
"ڪتيءَ کي ڏسي ڪهڪشائون ڪتيون ٿا"
ڪٽڪُ ج ڪٽڪَ: ذ. لشڪر، فوج.
"مچرجي مڙسن ڪيون ڪٽڪ تي ڪاهون"
ڪٽ: ميڙ ميلاپ.
ڪٽ ڪرڻ: گڏجڻ، محفل ڪرڻ.
"تڏا ساهريري هتين ڪانڪيئي ڪاڪٽ"
ڪُپتيو ج ڪُپتي: ذ. خراب ساک وارو،
مڪار نڳ، نالائق
"ڪُڏن ڪُپتين ڪانئرن وڏو چار وتيو"
ڪُپٽِي ج ڪُپٽِيون: ٿ. دولاب وارو،
دغاباز ڏوڪيباز.
"رات جا ڪُهتي بہ آ، ڪُپتي بہ آ، ڪُپتي بہ آ"
ڪَڄُ ج ڪَڄَ: ذ. ڪاج، رچ، ڊيءَ ڍَڪ.
"اداڙي استاد جو ڪلاڪاري ڪَڄَ"
"ڪوئن ۾ نہ تہ گھونگھٽ ڪَڄَ ۾"
ڪَڄُ ڪٽڻ: ڪوڙ يا دوکو ختم ڪرڻ.
"لوڪو ڪج ڪٽيو اُٿو سچ سگھو ڪيون"
ڪُچڻ کي ڪوڪا لڳڻ: ڳالهائڻ تي
بندش هجڻ.
"ڪُچڻ کي ڪوڪا لڳا، پچڻ کي ٿاڪا"
ڪدوچ: مئڪدو شراب جو دڪان.
"موکي هد ڪدو ڪيڏي سُونهن سُگِند اوا"
ڪُڏڪار: ٽِپ، ڪوڏ، خوشي.
"ڪُتن جا ڇهڪار ۽ خفتين جا ڪُڏڪار"
ڪڏو ج ڪڏا: ذ.هٺ، غرور، جهيڙو
فساد، ڪاوڙ غصو چِڙ.
"جهيڙو ويڙهہ جتي ڪتي ڪوئن هوڏ ڪڏو"
ڪرپ، ج ڪرپُ: ذ. ٽِکو رنبو، وڏو

ڳنڊو سيلهہ.

"ڦنجي ڦڙڪياسين،
پوپٽ ها، يا ڳرپ ها،
ڇلَ پٽي پڪڙياسين"

ڳرٽ ج ڳرٽ: ذ. آرو، ڪارائي.

"ڳرٽ خوشبوءِ مٿان هي ڪٿان جُون رِٽان"

ڳرسو: ناراض، ڪاوڙيل، ارهو.

"ڇيو تون چانبڪا، ڳرسو رهندين ڪيستائين"

ڳرِ: چُلهہ جي رَک، ڏلهيان ڪيرِي

"موت ڪيي ڪوري، ڳاري ڪاريءَ ڳرِ ۾"

ڳرُ ج ڳرُ: ڳل، نسل، خاندان، بڻياد.

"ڪوجهو ڪج نہ ڳر، پلي اُچ پرم جي"

ڳرڙي ج ڳرڙيون: ث. مٺي پاڻيءَ جي مڇي جو قِسم، (پُر امن ماڻهو ڏي اشارو).

"ڳرڙيون پڪڙائين، واڳون سيسر وچ ۾"

ڳِرمچي ج ڳِرمچي: ذ. هڪ پسارڪو وکر، قرمچي رنگ، گلابي ڳاڙهاڻ مائل) قرمزي

"شرم پيلو تہ شوق ڳاڙهو آ،
ڪرمچي رنگ ۾ رچان تو پيو"

ڳرو: ڌرتي، دنيا، (ڪره ارض).

"ڳري ۾ ڪيهاٽ، ٽيليويزن ٺهڪڙا"

ڳرُو: جبل جو نالو.

"ڪيم ڪوڪ ڪڙو چڙهي لوڪ چيو لبيڪ"

ڳرو: چو؟

"ڪونيون ڳرو ڪج ڪهون ڳنڌو ڪيترو"

ڳرومُرو. ڪوماڻيل، مُرجهايل.

"پارِي ڦولهاري، ڪا ڪا نار ڳرو مُرو"

ڳريتو ج ڳريتا: ذ. اڻنگو، خراب، بي ريت.

"ڳوقتو ڳريتو نہ تو موت ڳهرجي"

ڳڙا: ڪسارا، ڪوڙا، ڪارا.

"درد دل مان ڪڙا تو ڪيان،
جو تہ منهنجو مِنو تو اچي"

ڳڙپ ج ڪڙپون: ث. جوئر يا ٻاجهر جا وڏيل شڪل ڪانا.

"ڪڏهن ڏهر ۾ ڪڙپ ڪانا ڪٽي،
ڪڏهن شهر ۾ ڪارخانا ڳٽي"

ڳڙپاٽ ج ڳڙپاٽ : ڪڙڪاٽ، آواز گهوڙي جي سُنبن جو آواز.

"ٺهر ڪن ڪڙپاٽ، ڏڏڙ اُٿي دوڏ جي"

ڳڙمي ج ڳڙمي: ذ. هاري، پورهيت.

"شاعري جي رمز ۾ شاعرو،
قوم جا ڪڙمي، ڪمي، رازا ٿيو"

ڳڙهڻ: درد رکڻ.

جو ڪاچي تر جي ڪاڻ ڪڙهي ......،
سو خان تہ ڇا خانان جٺي"

ڳڙهي ج ڳڙهيون: ث. مڇي ڦاسائڻ واري پِيي يا چار، طاقت، سگهہ.

"ڏاڳو ڏاڳي سان ملي نهندي آهہ ڳڙهي"

ڳسڻ: قتل ٿيڻ.

"حُسين ۽ حلاج ڳسي ڪاچ ڪري ويا"

ڳشا ڳش: تڙ پيڙ، زور.

"زير، زبرن جي ڪشاڪش، شد مد جي
ڪشمڪش ٿي آهي پنهنجي زندگي"

ڳڪڙي ج ڳڪڙيون: ذ. ڳاڙهسريءَ

سونهري

"سونهري لون لال لڳن تي،
ڪڪڙي سنهڙي ٻوند ڳلن تي"

ڪڪوهه: شرابُ، منڌُ.

"پوري ڪاڪ ڪڪوهه جي،
ڪنهن کي ناهي ڪل"

ڪڪڻ: ڏنگڻ، چڪڻ.

"ڪٽي ڪر ڪڍي ڦڻ ۾ بگڙي پيا هِن،
ڪڪڻ لاءِ ڪن جي سنبري پيا هِن"

ڪلالي [ڪلال]: شراب ناهيندڙ ۽ وڪڻندڙ جي.

"ڪاڪ ڪلالي ڪُوءِ ڪاف ٻنهي پر ڪوڏ جو"

ڪلا ـ ڪوهه: ڪلا جو جبل، ذات جو پهاڙ.

"ڳرندي پون ۽ بدن جي ڪرندو ڪلا ـ ڪوهه"

ڪلتارُ: ناهيندڙ جوڙيندڙ تخليقڪار، شاعر.

"عشق ڪيئي ڪلتار بخاري،
تو پر آ نه ته طاقت ڪهڙي"

ڪلرُ ج ڪلرَ: ذ. لوڻياٺي زمين، زمين جو مٽيون ڪارو ٿيڻ ڪاري مٽي.

"وڻون ڪِٽ وڪوڙيون ڪاري زهر ڪلر"

ڪِلچڻ: ڪِلڪائڻ، صاف ڪرڻ.

"اَنَ ڪِلچي پيو، حق ناحق کي الڳ ڪري پيو"

ڪِلڪِل: ڪِر ڪِر، گهِپي، ٻائيتال.

"ڪُچين چو نه ٿي دل، چلن وار اوچا،
نه ڪيهون نه ڪِلڪِل"

ڪلاڌاري: ڪلا واري فنڪاره، ڪمادي، ڪنواري، حسين عورت.

"ڪلاڌاري ڪُماري، نرتڪي يا ناٽڪي،
اڄ اتائي ڳائڻي، ڪلهه بڪاري"

ڪلا قطارڻ: فن يا ڏاهپ ساڻ ڪٽڻ.

"وِچا ڪي وَچائي، ڪلا ڪي قطاري"

ڪلياڻڪو ج ڪلياڻڪا: ذ. وڻندڙ لُڀائيندڙ امن پريو شانتي وارو.

"سِڪ ڪيم سُرندو ڳايم گيت ڪلياڻڪا"

ڪليجي پر ڪاتي هجڻ: اندر پر آزار هجڻ، هنئين پر ورڏ پوڻ.

"چا پتو ٿئي ته ڪليجي پر ڪا ڪاتي هوندي"

ڪمرو ج ڪمرا: ذ. مختلف رنگن وارو، چتڪبرو.

"هن جو پيلو هن جو نيلو
ڪنهن جو ڪارو ڪنهن جو ڪمرو"

ڪم نيرڻ: ڪم اُڪلڻ، ڪم پورو ٿيڻ.

"نه ڪم نيريو نه غم نيريو
جو نيرِي ويو سو دم هُوندو"

ڪمندُ ج ڪمندَ: ذ. واڙ، رسو، قيد، بندش.

"قدم قدم تي ڪمند ڪڙڪي،
قلم قلم تي ڪٽار ڪڙڪي"

ڪمِي: مزور پورهيت شاعر.

"شاعري جي رمز پر ٿي شاعرو،
قوم جا ڪڙمي ڪمي رازا ٿيو"

ڪِنارو ج ڪنارا: ذ. ساحل، سهارو آٿت.

"آهي ڪو جو اُلري ڪنارو ڏئي"

ڪنارو ڳولهڻ: آنت لهڻ، ماهيت معلوم ڪرڻ.

"ڦُڙو مينهن جو آهي اهڙو بخاريءِ
نه ٿو ڪيرا ن جو ڪنارو شڃاڻي"
ڪنا ڪڻ: ڪناتار ٿبتار.
"ڪُپو ڪنا ڪڻ آڇيو اُٿلين ايترو"
ڪنتري: شراب.
"ڪشتو جوڙيون ڪنتريءِ ناهيون نيڪ نرو"
ڪنتار: ڪنار ڪنارو ساحل (ڪلفتن ڪنتار: ڪلفتن جو ڪنارو).
"ڪلفتن ڪنتار هيرون ويرون روشنيون"
ڪِنجهڪر: ڪنجهه ڪنجهڪار درديلي آهه.
"پونگن ۾ برڙات بچن جا،
پوڙهن ۾ ڪِنجهڪر"
ڪِنجهڻ ڪڪڪوُ: آهستي ڪنجهڪار ڪرڻ.
"سگها ناهيو جي اگها، ڪِنجهوءِ ڪُڪڪو"
ڪن چنيون: سونيون سونهري.
"چانديءَ وانگي چمڪن ڏُٽيون،
ڪن چنيون ڪڪڪون"
ڪُندَ: لوهه جو ڇُهنبدار اوزار قنداق (ڪنداق)
"ڪهڙي موسم مند،
جڏهن دشمن سامهان،
ڪنيم قاتل ڪُندَ"
ڪڻ ڏيڻ: ڏيان ڏيڻ.
"ڳاڏي پُهتِي سن،
ڪُوڪ ڪئي ڪُهسار ڪا،
ڪاڇي ڏنا ڪڻ"

ڪنڊا چٽڻ: اڏيتون ڪڙيون ڪرڻ، مصيبت ڦهلائڻ.
"ڪنڊا نه چتيو مکڙيون ته ڏسو"!
ڪنڊي ج ڪنڊيُون: ث. هار.
"انڌ، اونداهي جي انڌي ميڙ ۾،
ڏُنڌ جي ڪنڊي وڏي ڏمتال ڪي"
ڪن ڦاڙ جوڳي: ڪنن ۾ وڏا والا پائيندڙ جوڳي اهڙا جوڳي جن جا والا پائڻ سان ڪن ڦاٽل هجن، باشعور فرد.
"سوچيو ڪن ڦاڙ جوڳي سوچيو
مَڻ ڳِهي سوگهي ڪئي واسينگ نانگ"
ڪِنگري ج ڪِنگريون: ث. پاٽيءَ لاءِ نِڪر جي لوٽي.
"منهنجي رڳ رڳ تاندن سگريءِ
تنهنجي چڳ چڳ پاٽيءَ ڪِنگري"
ڪنهار: ڪڻ ڪڻ بونداباريءِ ڦوهار.
"ڪنهار جي ٿِمر ٿِمر ۾ وڻ واءُ جي چِمر چِمر ۾"
ڪوازو ج ڪوازا: ذ. جاءِ جي پٽ جي اوساري ڪڻ وقت ڏاڪڻ وانگي اڏيل تختو جنهن تي رازو چڙهي ڪم ڪندو آهي، ڦاسيءَ جو تختو.
"ڪرنگهو ڪوازو هو ڪو ڪوٽ ڪلور ۾"
ڪوبڪو: ڪڏو ڪڏ.
"ڪُو ڪندو تجان پٽائي سان بخاري ڪُوبڪُو"
ڪوپ ج ڪوپُون: ث. اونداهي ڪڏ ڇُر، غار.
"سامهون ويجهي سوپ،
اڳتي تاٿيو ڪونڌرو،
پويان ڪارِي ڪوپ"

ڪوتڪ: ٻوٽيءَ جو قِسم.

"پَتر ڦِڪا گُل، سُرهي سَرهي،
ڪوتڪ ڪاندېري ٻہ نہ ارهي"

ڪوٽ ڪَٽڻ: پناهہ ڊاهڻ، حملو ڪرڻ.

"پاٿر پيٺر پيڙا ٿيو ڪوٽو بيٺو ڪوٽ ڪَٽي"

ڪوجها رُمَر: ڪارا ڪِٽ، ڪارا ڏونهَن.

"ڪوجها رُمر رقيب يا قاصِد عشق عجِيب"

ڪوچو. ج ڪوچا: ذ. ٿوهہ، ڪوجهو، خراب.

"ڪاري ڪوچي لوٽ ۾ ڪارو شُور لِڪو"

ڪوڏُ. ج ڪوڏَ: ذ. سرهائي، چاهہ، محبت، خوشي.

"ڪاڪ ڪلالي ڪُوءِ ڪاف ٻنهي ۾ ڪوڏ جو"

ڪور: انڌو، نابين، سُوداس.

"اکين وارا سڀ اکر، ڪِتي ڪوہ نہ ڪور"

ڪور. ڪسور: بچيل سچيل، گهٽ ماپ، توري.

"ڪن ڏي ڪور ڪسور، ڪن ڏي تور آتور چوءِ؟"

ڪُور. ج ڪُورُون: ث. ڪڙيو نياڻ، ننڍو واهہ. (ڪُورُون الهندي ناري ڪان نڪري ڪاڇي ڏانهن وهنديون هُيون، جن تي ماڻهو پوکي راهي ڪندا هُئا).

"واهيون ڪُورون ريج رَءُ، ريڙها گجي گاج"

ڪُور - ڪُور: ڪُتي کي ٽُڪر ڏيڻ لاءِ سڏڻ جو آواز لالچ ڏيڻ.

"اِمير ڪُور ڪُور ڪئي فقِير جاڳي پيا"

ڪوڙو. ج ڪوڙا: ذ. سِينو چاتي، پکيءَ وغيره جو ڪوڙو.

"لِڱ اڙايئہ لڪ، ڪوڙو ڦاٿو ڪوڙڪي"

ڪوشش جي قطار لڳائڻ: ڪوشش پويان ڪوشش ڪرڻ.

"اسان ڪوشش جون قطارُون لڳايُون"

ڪُوَقتو: آويلو بي وقتو بي مهلو.

"ڪُوَقتو ڪُريتو نہ ٿو موت گهُرجي"

ڪُوڪ ڪَٽڻ: آواز دٻائڻ، دانهن دٻائڻ، رڙ روڪڻ.

"ڪوڪ ڪٽي ٿم پيري پيري"

ڪوڪا ڪيڻ: درد مِٽائڻ، سور ختم ڪرڻ، آزار ڇڏائڻ.

"حبيبو طبيبو طريقا ڪيو
لڳا ٿم ڪليجي ۾ ڪوڪا ڪيو"

ڪولابُ. ج ڪولابَ: ذ. وڏو تلاءُ، وڏو ڪُنب.

"قلزم مان ڪولاب، قطري مان قلزم ڪريون"

ڪُوءِ: گهِٽِي، ڳلي، جاءِ.

"ڪاڪ ڪلالي ڪُوءِ،
ڪاف ٻنهيءَ ۾ ڪوڏ جو"

ڪويتائي ج. ڪويتائيون: ث. شاعرائيون، شاعريءَ جون

"ڪويتائيون، سنگيتائيون
ڪچهريون ڪئي سجايون ٿا"

ڪَهہ ج ڪَهُون: ث. وڏو ڪشالو ڏکو سفر، مسافري

"ڪامڻ ڪهہ ۾ ڪُوڪي
سهڪي، ڪيچي ڪوهستان"

ڪَهہ ج ڪَهُون: ث. چوڻ يا چوٽي،

ڪهاوت، ڪهاڻي، ڪٿا.

"پهه کي روڪ نہ پئيند جي،

ڪهہ کي ڪهڙي ڪٿ"

کُهَرَ. ج کُهَرَ: ذ. ڪوهيڙو ڏُنڌ، غُبار.

"اک نہ ٿي اک کي ڏسي، ڇا کُهر آ"

کُهٽي. ج کُهٽيون: ٺ. خوفناڪ، خطرناڪ، ڀيانڪ، ڀوت جنات واري.

"رات جا کُهٽي بہ، کُپٽي بہ آ، کُپٽي بہ آ"

ڪيتڪي. گل جو هڪ قسم، ٻوٽي جو قِسم.

"ڪتڪتايون ڪڏي آس جي

ڪيتڪيءَ کي سدوري صبا"

ڪِيتو. ج ڪِيتا: ذ. نتيجو ڪيل عمل جي سزا.

"ڪانئرتا ڪِيتا، لومبڙ ٿي لوڙهيو مٿان"

ڪيڏارا ڪيڪاڻ: جَنگِي گهوڙا.

ڪاهي پيا ڪلياڻ محل پر، ڪيڏارا ڪيڪان"

ڪِيرٿ. ج ڪِيرٿون: ٺ. وارتا، حڪايت، ڪهاڻيُ، روايت، ڪٿا، ساراهہ واکاڻ.

"ڳائي ٻسڙ ڊاڳ ڪِيرت، قُطب ڪهڪشان"

ڪيرو. ج ڪيرا: ذ. آنُ ڪِلڪاٽڻ کان پوءِ نڪتل، آنُ گاڏڙ ڪچرو، چانورن جا ننڍا ذرا، جيڪي ڪٽيءَ ۾ رهجي ويندا آهن.

"هي ڏيگ ڏير ڪٽيءَ جو ناهي،

جو نڪري پئي ڪيرو"

ڪيري. ج ڪيريون: ٺ. ڇاڙِ ڦُلهير، رڪ

"هر ويري ڪيري ڏيري آ"

ڪِيس ڪاتا ڪرڻ: ظلم ناس ڪرڻ.

"ڪِيس ڪندا ڪاتا، جوڏا پنهنجي جُوءِ جا"

ڪيس لڙڻ: وڪالت ڪرڻ، پئيرائي ڪرڻ، حق لاءِ آواز اُٿارڻ.

"ايوانن ۾ انڌير مگر، ڪيس لڙان ٿو پيو"

ڪيڪڙو. ج ڪيڪڙا: ذ. سرطانُ، ڪينسر. (سمنڊ جو جانور).

"ڳنيس توکان ڪيڪڙا،

ٿون ڪينئن ٿئُ طبيبُ"

ڪِيل: ٻوٽي يا گاهہ جو قِسم.

"ڪِيل قالِينَ گهرا گلابي وڇايا پٽن تي"

ڪِينرو. ج ڪِينرا: ذ. گهِپي، ڪِر ڪِر.

"ڪڪڙا ڪِر ڪِر ڪِينرا، باقِي ڦُرب ڪِپاهہ"

ڪِينرو: ساز جو نالو.

ڪ

ڪاتو: ڪاپيو هارايو.

"ڪنهن ڪاپايو ڪو ڪاتو"

ڪاتي: ڪاپيل، هارايل.

"تي ڏور ٻڌيسين تہ اچا ڪيڏي بہ نہ آ،
نزديڪ ڏٺيسين تہ هُو ڪاتي نڪتي"

ڪاجا ـ ڪدر: پير خُواجہ خضر.

"تنهنجي منهنجي وچ ۾ ڪاجا ـ ڪدر پير"

ڪاڏ ڪاڻ: خارش ڪرڻ، ڪُجلي ٿيڻ.

"ڪاڏ ڪاڻ، ڇُهنديون پائن هنڌ وهاڻا ڇو؟"

ڪاڏو: ڪاڏِيءَ، ڄاڙي، ڪڌ، ڪُوبو

ڪاڏو ڪوڙڻ: ضعيفيءَ سبب منهن پر ڪِرڻ.

"وچوڙو سوگهو ونگي، ڪوڙائيندءِ ڪاڏو"

ڪار: ڪارل، ٻن نسلن جو ميلاپ يا ڪار، ٻسر، گٻر، گاڏڙ [خاص طور ڪتو]. رقيب.

"عاشق ۽ معشوق مٿان تا، پونڪن کهُرا ڪار"

ڪار: ٿ. خار، ساڙ، حسد، ڪاوڙ.

ڪار ڪائڻ: سڙڻ، حسد ڪرڻ، ڪاوڙجڻ.

"عاشق ۽ معشوق مٿان تا، کَهرا ڪائن ڪار"

ڪارڪ. ج ڪارڪون: ٿ. ڪجيءَ يا ڪجور جو شڪل ڦَلُ. ڇُنهارو (خيرپورميرس جي اديبن ڏي اشارو).

"ڪِيڪاريم ڪارڪ، سَگ سچائي سنڌ جو"

ڪارُو. ج ڪارُو: ذ. ساڙ سڙيو. خارباز. بدخواه. ويري

"ڪارُو خار ڪسينلو سانِ زوري پيار وتبيندو سانِ
پيچو ڪين چِٽينلو سانِ آئون انسان آئون انسان"

ڪاڪڙ: گرا گنجا، للوپنجو خسيس، يا گهٽ.

"پيڙ تي پڙڪي اٿيا، ڪاڪڙ تي نہ ڪتا"

ڪامڻ: پچڻ، سڙڻ، جلڻ.

"ڪام نہ جانان، سونهن ۾ سڪ جي،
راند رتيءَ ۾ مان ٿو ڪامان"

ڪانپاٽي. ج ڪانپاٽيون: ٿ. جهار هڪلڻ جو اوزار، سُٽ جي ٺهيل گُليل، جنهن ۾ مِٽيءَ جو ڳوڙهو يا پٿر وجهي جهار هڪلبي آهي، تاهيندڙ اُڏاريندڙ.

"ڳوٺ سچو تي پيو آ، جهار،
اڪ سندس ڪانپاٽي آ"

ڪٿوري هڻڻ: خوشبوءِ لڳائڻ، سُرهو بنائڻ، پيار ڪرڻ.

"آءُ هڪبئي کي خوش تي ڪٿوري هڻون"

ڪَجُور. ج ڪَجُورون: ٿ. ڪَجِيءَ جو ڦَلُ، ڏوڏو.

"ڪيڪاريم ڪجور، مرڪي ماڪي ميٺ سين"

ڪدڙو. ج ڪدڙا: ذ. هيجڙو، نامرد، ٽِين جنس بي ثمر، بي لائيہ

"ڪِن ڪيو پر سو بہ کهڙو احتجاج،
جهڙو تهڙو جڻ تہ ڪدڙو احتجاج"

ڪَڙو: ذ. بيٺو بيٺل

"گهڙي پهر ڪڙو رڳون روح رڏيو وڃين"

ڪِسر پُسر [ڪِسر ڦُسر]: سُر پُر، چُٽيُڻ، ڪَڙ ڪَڙ چُرپُر.

"سنڌ شڪل پن پيرن هيٺان ڪِسرپُسر ڪڙڪن"
ڪِلڪڙو. ج ڪِلڪڙا: ذ. ٺهڪڙا.
"مالوارن جون تنوارون واهوا،
ساڳ ڪانبن ۾ خوشين جا ڪلڪڙا"
ڪلڪو ڪنڊ: ڪنڊ جهڙا، منا ٺهڪڙا.
"هيڏي ڪلڪو ڪنڊ، هيڏي سڏڪا سنڪيو"
ڪلول: نموناءِ، شور، هل، گهمسان، ڌمچر.
"اڪيون بنجن چار ڪلول بادل ڪنوٽيون"
ڪَلِي. ج ڪَليون: ث.ڪنهن ننڍي حلال
ٻڪر يا هرڻ جي کَل مان پاڻي لاءِ ٺاهيل
سانداري، مشڪ، اوئي
"اُج صحرا سُج ۾ آتو ڪري،
"شوق تنهنجو جڻ ڪليون ٿم شربتي"
ڪنگهڻ ڪُرڪڻ: ڪنگهي سجاڳ ڪرڻ،
وجود جو احساس ڏيارڻ، زندهه هجڻ جو
تاثر ڏيڻ.
"ڪنگهوءِ ڪُرڪو جيئرا آهيو يا مئو؟"
ڪَنهجڻ: ڪانجاٺو ٿيڻ، خراب ٿي پوڻ.
"دل جي ڪَنهجي ٿي ته درستي ٿي ٿئي،
مِير صاحب جي . نه ڪنهن مزدور جي"
ڪَهرو، ج ڪَهرا: ذ. سخت، پٽيندڙ يا ڪائيندڙ.
"چا بدن نازڪ ءِ چا ڪَهرو ڪَتو"
ڪَهرو، ج ڪَهرا: ذ. تيز پاڻياٺو ڏنگو
چيڙاڪ. [ڪُتو].
"عاشق ءِ معشوق مٿان تا پونڪن ڪَهرا ڪار"
ڪُهجڻ: ورچڻ، ٺڪجي پوڻ.
"ڪُهجن ڪي ڪونئيون او
جيڏيُون ڪُهجن ڪي ڪونئيون"

ڪِنياتو. ج ڪِنياتا: ذ. ڪينءَ (خير) جي
خبر ڏيندڙ ڪانگ، نياپو نيندڙ.
"ڪٿي وڃ هي خير جي خبر ڪِنياتا"
ڪولانڌر ج ڪولانڌر: ذ ضامِن، نميدار، جوابدار.
"بهادُر بيباڪ ڪولاندر تر ـ ڪيج جا"
ڪوهاڏو. ج ڪوهاڏا: ذ. نار يا هُرلي لاءِ
ڪوٺيل ڪڏ/ڪڏو
"ڪوهاڏي تي نار هي دنيا ڪوهاڏي تي نار"
ڪوهَيل: ڪُتل بُج بُج ٿيل.
"پيلا ٻارڻ ٻاريا پڪي ڪوهيل پَر"
"اُڏرن ڪوهيل ڪنپ اوٺر اٿيو اوچتو"
ڪُوهه ڪاروڪرڻ: مزو وِڃائڻ، محبت
بدران نفرت وڌائڻ.
"تون ٻه منهنجي چاهه ڪي ڪوٺو چٽي،
لوڻ ٻُرڪي ڪُوهه ٿو ڪارو ڪرين"
ڪيجُ. ج ڪيجَ : ذ. خوشي . مزو، فرحت
ڪيج ڪيرا ٿيڻ: خوشيون ساٿيون ٿيڻ، مزو
ختم ٿيڻ.
"ڪيج ٿيا ڪيرا هيج سيئي هج ۾"
ڪير ٿر: دادو ضلعي جو مشهور جبل
ڪيرٿر نه ڪيڻ: اڏول ءِ بهادر شخصن جو نه
وڪجڻ، جونجهارن جو نه جهڪڻ.
"تي ٿو سگهي پٿر ڪي ترازي ۾ تورجن،
بازر ۾ ڪير ٿر ته بخاري ڪَتو نه هو"
ڪِير جان ڪِلڻ: ڪِير جهڙو اجرو مُرڪڻ،
وٽندڙ انداز ۾ ڪِلڻ.
"ڪن جي چنگهن ۾ گهڙيون زنجير جان،
ڪي ڪُچن ڪندون ڪِلن ٿيون ڪِير جان"

ڪِينءَ: خير خوشي خير سلامتي سک، آنند
"ڪونيو رنج ڪُيين،
ڪوهيو ڪِينءَ جهڃين ميان"

ڪِيئو ج ڪِيئا: ذ مخمور، متوالو، خُماريل.
"سک ڏک جو سامان، ڪيئا نيڻ ڪنيو وتن"
"خيرن ساڻ ڪِيا، موڪِي موک متارا"

گ

گاج: دادو ضلعي جي هڪ اهم "نئن" جو نالو.
"تئين گاج ٿِي، ڪاڇي تي لهين ٿِي بياري"
گاج. ج گاجُون: ٿ. ڪڇ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جي ڪٽڪ، تيلي ٻج جو قسم.
"گاجون گُل ڦُل گاهه، هُڳاءِ هُل هُئڻ جا"
گَتِي ج گَتِيون: ٿ محتاجي ڪاڻ حاجت، مطلب.
"ڪنهن ۾ شايد آهه گَتِي،
ترپي ٿي پٽي روح رتِي"
گجگاهه ج گجگاهه: ذ. گهاٽو ٻيلو جهنگ.
"درياهه ويو گجگاهه ڪي لوڙهي اهڙو
جو ڏار ته ڇا ڏار جو ڇوڏو نه مليو"
گُجَ ڪرڻ: گُجي پرڻ، ڏو ڪرڻ، پيٽ پرڻ.
"سرٽين، گجهن گُج ڪيا،
ڪاج ڪيا ڪانگن"
گِدرو ٽيڻ: نرم ٽيڻ، لذيذ ٽيڻ، قربان ٽيڻ.
"قوم اڳيان گدرو به ٿي، مِنڙو به ٿي،
غاصبن لئه تُوهه ٿي، ڪوڙو به ٿي"
گَڏُ ج گَڏَ: ذ. هڪ جهنگلي ٻڪريءَ جو قسم، جنهن جا سڱ مضبوط ٿيندا آهن، جن مان ڪرناءِ ٺهندي آهي.
"هي فيصلو هرڻ گڏ، ڦاڙها، سها ڪندا"
گَرِي ج گَرِيون: ٿ. ميري، بدشڪل.
"ڪنهن گري گرهڻ ۾ ڦاٿا،
منهنجي تر جا ماهرو؟"
گُڙائڻ: وڄائڻ، پُرائڻ، اطلاع ڏيڻ.
"گهر گهر گهنڊ گُڙايان،
ڪلف ڪڙا ڪڙڪايان"
گشو. ج گشا: ذ. ڏٿو، ڪوڙو آسرو.
"ٺلها سڪٽا نڳ، ڏينهون ڏينهن گشا نوان"
گفتگُو پئڻ: وٽندڙ يا منيون ڳالهيون ڪرڻ، خمار جهڙي گفتگو ڪرڻ.
"گفتگو دل تي سڄي رات ٻنهي پئي بيتي"
گُلگَشتُ ج گُلگشت: ذ. باغ جو سير، باغيچو گهمڻ.
"ءِ هُو به ڏِسِي چِڏ نه وِسوڙيل ويڳا،
گُلگشت گُهمايا ٿي وڃن ته به ارها"
گلو. ج گلا: ذ. (اُنن جو) ڌافلو.
"نه ڳورڙها ٿا ڳاڙيون نه لالون ٿا لاڙيون،
وهن پيا گسن تان غمن جا گلا ڙي"
گلگُون: گُل جي رنگ جهڙو ڳاڙهن ڳلن وارو، ڳاڙهه ڳلو، گلرنگ، گلفام.

"اڇين ويسين عينڪين، گلگُون گلابي"

گلابي جذبو هجڻ: رنگين احساس.

"رنگ آس جو سونهري، جذبي جو گلابي آ"

گلابي گفتار هجڻ: رنگين گفتگو هجڻ، وڻندڙ ڳالهه ٻولهه.

"گلابي گفتار بخاري جي ياڳ ۾"

گلاب لفظ ڪيرڻ: سهڻي گفتگو ڪرڻ، سچي يا ڪَري ڳالهه چوڻ.

"گلاب لفظ ڪيان، تي پون رڳو ٽانڊا"

گلدستو. ج گلدستا: ذ. گلن جي مُٺ، گلن جو ڇڳو.

"گلدستا، ڦول مالها، پريات جي تقاضا"

گلدستا گهرڻ: گُل گهرڻ، گلن جهڙيون ڳالهيون/پيار گهرڻ.

"گهريم گلدستا، اچي وچڙيم ڪانديرا"

گلچينُ ج گلچين: ذ. گُل پٽيندڙ يا چنيندڙ مالهي، باغبان.

"سنيال گلچين، نهار مالهي،
ڪلي ڪلي تي نه پٽي ڪتاري"

گنگهر گهوٽڻ: ڏُک ڏرڻ، ظلم مِٽائڻ.

"گهوٽ گنگهر جا گهوٽن گهوٽا،
دنگن منگن ڏنڊا موٽا"

گُنُ ج گُڻ: ذ. گُڻ، ڳُڻ، خصلت، خوبي.

"قرب ـ ڪشش ۾ اُپ ۽ پُون،
گردش ۾ ٿي آهي گُن"

گورُ ج گورَ: ذ. ڇڙواڳ، ٻي لغام، ٽاهڙ (ڍور).

"گهر گهر چري گور ٿيو جُوءِ سچي جمدُوت"

گوڪُ ج گوڪَ: ذ. خيال، پُور، پهه، ويچار.

"ٽارن جي جهر مر ۾ منهنجا، جُهومڻ وارا گوڪ"

گولُ ج گولَ: ذ. ڪوه، ڌرتي، جهانُ.

"عشق عقل جي اور، سُر پُر ساري گول ۾"

گونجائڻ: ٻرائڻ.

گونجڻ: ٻرڻ، پڙاڏو ڪرڻ.

"گونجڻ ناهه گُناهه، اڃا عاشق آسرو"

گُونگا غزل چيڙڻ: اشاري ۾ راز نياز جون ڳالهيُون ڪرڻ، ميڇُن ۾ عشق محبت جون ڳالهيون ڪرڻ.

"ڍِيد سان گُونگا غزل چيڙِينَ پيا"

گُونگي ج گُونگيون: ٺ. ٻي زبان، خاموش، غافل، سُتل، غلام.

"گونگيون قومون ڪيتريون،
ٿهري ڏاڍ ڪٽيون"

گؤشالو ج گؤشالا: ذ. ڳئُن/ ڳاين جي رکڻ ۽ پالڻ جي جاءِ، ٻي زبانن جو هنڌ

"گهنگهر گهيريو گائون گائون،
گُونگن جو گؤ شالو"

گيت جي جيت ٿيڻ: گيت جي فتح ٿيڻ، گيت جو ڪٿي وڃڻ، شاعريءَ جي سوڀ ٿيڻ.

"رات ٿيو استاد ذات ذات جو جهيڙو جيت آخر گيت جي ٿي ڪامياب آئون آهيان"

ڳيتن کي گرمي ڏيڻ: شعرن ۾ جوش ڀرڻ، شاعري ۾ ولولو سمائڻ.

"گيتن کي گرمي ڏيان، رڳ رڳ ٻاري آڳ"

ڳيت ڳجهي وڄڻ: گيت گونجڻ، شاعري

مشهور ٿيڻ.
"او پيارا شاعر، تنهنجا گِيت گَجي ويا"
گيت گلزار ڪرڻ: گيتن کي باغ بنائڻ، شاعريءَ کي وڻندڙ ۽ دلچسپ بنائڻ.
"گِيت ڪيم گلزار، برپٽ باغ بهار ٿيا"
گِيت ۾ جُوڻ وڃڻ: شعر جي روپ ۾ جيئڻ.
"جسم ٻي جُوڻ گيت ۾ ورتي،
شعر تي شهر ۾ گُهمان تو پيو"
گِيرٻُ ج گِيرٻَ: ذ. هٺ، غُرور، تڪبُر، مغرور ۽ گهمنڊ، غرور، ايمان.
"غريبي پنهنجي گيرب ۾ ائين هلي تي پئي
جيئن ديري تي هلندو آ نواب آهستي آهستي"

گيس: گيسي توبهه بان.
گِيس چاڙهڻ: گِيسي ڪرڻ، اُٺ پير بنائڻ.
"چابي ويا ڪئي ڪاڪ جي گسن مٿان گِيس"
گيندائڻ: ڏوندائڻ، ڏانڏولڻ، لوٽڻ، جهڳورڻ.
"وڻ وڻ وارن ڪان جهلي گيندائيا گهمسان"
گيندار: غفلت، ڪاهلي.
گينوارجڻ: غافل ٿيڻ، ڪاهل ٿيڻ، ڳهرجڻ، ننڊاکو ٿيڻ.
"گينواري گيسر، ناري ننڊ نياڳ جي"

ڳ

ڳاڏي ج ڳاڏيون: ث. نار يا خُرلي جو هڪ انگ، وهٽ کي هڪلڻ لاءِ ويهڻ جي جاءِ. نار جي وڏي چڪر مٿان پرچل ۾ لڳل سايا ڇهه هٿ ڊگهو تختو.
"آڏي آ وانڊا لُڙهيا، ڳاڏي ڳائي ڳَم"
ڳاڙهاڻ پڙهڻ: لالاڻ پرکڻ، ڪاوڙ پرکڻ، جوش جو اندازو لڳائڻ.
"جو پن پن جي پيلاڻ پڙهي،
جو ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ پڙهي سو منهنجو ادو"
ڳاڙهو ج ڳاڙها: ذ. رتائون، سرخ، لال.
"روح منهنجي کي گُهربو نئون رنگ هو
ڪنهن تي ڳاڙهو ڏنو ڪنهن تي ڪارو ڏنو"
انقلاب يا **ڳاڙهو ڳيچ:** روشني جو گيت، سُجاڳي جو شعر.
لاک لاهيو سج جي ابتو تنگيوس،
باک، ڳاڙهو ڳيچ هن ڳايو آ جو؟"
ڳاڙهي چُڪي: شراب، خمار ڏيندڙ شيءِ.
"هوا ۾ هبڪار چانڊوڪي ڳاڙهي چُڪي"
ڳاڳون: ڏٿ جو هڪ قسم، ٻير جهڙو ڳاڙهو ميوو.
"تنهنجا جلوا ڳاڙهيون ڳاڳون،
منهنجا جذبا جمول"
"ڳاڙهيون ڳاڳون چپڙا، ڳلڙا"
ڳالهه ڳڻائڻ: ساک بحال رکڻ، ڳالهه ٻيهارڻ.
"منگين مٿان منگتا، ڏيئي ڳالهه ڳڻاءِ"
ڳالهيون ڳاڙها گل ھجڻ: ڳالهيون وڻندڙ

هجڻ، دلپزير گفتگو هجڻ.

"ڳالهيون ڳاڙها گل سوچون سرهيون هيرڙون"

ڳاھُو ج ڳاھُو: ڏ. ڳاھہ ڳاھڻ وارو،هاري.

"خان ڪٽ تي تاس جي رس ۾ رتو

ڳاھہ ڳاھو باھہ ۾ ڳاھي پيو"

ڳاھَہ ج ڳاھُون: ٺ. ڳجهارت، ڪنهن قصي يا ڳالهہ ۾ ڪو موقعي جو بيت

"منهنجا ڳوڙها ڳوڙهيون ڳاھُون"

ڳڀرُو جذبو: جوان جذبو تازو توانو احساس.

"استاد جو جذبو ڳڀرو آ"

ڳڻو ج ڳڻا: ڏ. ڪارتوسن جو پٽو مُچو.

"جو اوهين چاهيو ونو سون چاندي جو سڳو

سلڪ، ڪاڏي جو وڳو ڪارتوسن جو ڳڻو"

ڳَپَلُ ج ڳَپَلَ: ڏ. وڏو حصو ٽڪر، گهڻو ججهو وڏيڪ.

"جيڻان جيڻن تنهنجا لکان ڳڻ ڳپل"

ڳڳ: نريل.

"ڳڳ ڪيئين جون چوٽيون نري نَنپ ٿيون"

ڳڳاڻجڻ: نرڻ، ٽڏو ٿي وڃڻ، مخمور ٿيڻ.

"نہ ڪو پل ڳڳاڻجي نہ ڪو زَل ڪاڙهو"

ڳڳيل سوچون: ٽڏيون سوچون، نريل سوچون، ماٺار جو شڪار ٿي ويل سوچون.

"پلي سيڪيو اوهان پنهنجون ڳڳيل سوچون"

ڳلو: آڙهہ در

ڳلا جاڳائڻ: در در سُڃاڳ ڪرڻ، گهر گهر شعور ڦهلائڻ.

"موت جي ننڊ آهي منهنجي شهر کي،

ڳوٺ جون ڳليون، ڳلا جاڳائڻا ٿم"

ڳمُ ج ڳمَ: ڏ سست، ڪاهل غافل بي اُلڪو.

"آڏي آوانڏا لُڙهيا، ڳاڏي ڳائي ڳم"

ڳمڻ: ڍرو ٿيڻ، سست ٿيڻ، ڳهرڻُ.

"ڏلهڙيا بہ هلن ٿا ڳمندا ڳمندا"

ڳنيڊڻ ڳائڻ: ڳائيداپي جا گيت ڳائڻ، ناتا نيائڻ، ڳنيڊڻ جون ڳالهيون ڪرڻ.

"ادڙن سان استاد ڳنيڊڻ ڳاتا ها"

ڳنيڊ کُلڻ: ڳالهہ کلڻ، راز پڌرا ٿيڻ.

"ڳالهاءِ کُلن ڳنيڊون،اک لاءِ ڦِٽن تنبون"

ڳُڻن جو ڳُتڪو هجڻ: ڀهڳڻيون گهڻين خصلتن وارو.

"تنهنجو گل بہ لڳي گلدستو

ڳڻ بہ ڳُڻن جو ڳُتڪو آهي"

ڳُڻوانُ ج ڳُڻوانَ: ڏ ڳُڻن وارو خصلتن وارو

"شهريچن سينن سان سانڍي،

ڳوناٽن ڳڻوانن ڳولي"

ڳوپ: چڪي ڀڏل، مضبوط ٿيل.

"ڇُڙنديون ڇڇنديون ڪين ڪي، ڳوپ ڳنڍيون ڳُوڙهيون"

ڳوپ: سادا، معصوم، گگدام.

"جي ڳاھہ ڳهن پيا ڳوٺن ۾،

تن ڳوپن، ڳوڏن جي آهي،

هي سنڌ سپوتن جي آهي"

ڳوڙي ج ڳوڙيُون: ٺ. ڳوڙهيُون، ڍيريون.

"پيبت انشاالله ڳوهينديس ڳوڙيُون"

ڳوڏو ج ڳوڏا: ڏ. جوڌو پلوان، سورمو.

"استاد اتاهان ٿيا ڳوڏن جا ڳاتا"

"ڳاڙهو ماس ڏئي جنهن ڳوڏيءِ
مٿي تنهنجو رنگ ڦٽايو"

ڳوڙها ڪڙهڻ: لڙڪ پڇڻ، لڙڪ رجهڻ.

ڳوڙها ڳيتڻ: لُڙڪ پيئڻ.

"ڳوڙها ڪڙهن اکين ۾، ڳيتي وڃون يا ڳاڙيون"

ڳُوڙهي ڳالهه ڳنڍي وڃڻ: فڪر يا گهري سوچ ويچار سان سلهاڙجڻ.

"اديون عشق انڌيءِ مون کي نُور نئون ڏنو،
هٿڻ حال وندي، ڳُوڙهي ڳالهه ڳنڍي وڌي"

ڳُوڙهيون ڳنڍيون: سخت/مضبوط ڳنڍيون.

"ڇُڙنديون ڇڇنديون ڪين ڪي،
ڳوپ ڳنڍيون ڳُوڙهيون"

ڳُوٽين کان ڳورو {محاورو}: وڏو بار، بي انت آزار.

"ڳُوٽين کان ڳورو سر تي سور ڪنيو وتان"

ڳِيءِ هڻڻ: ڳيءِ هڻڻ، جاڙي هڻڻ، بڪ ڪرڻ، وات هڻڻ.

"ٺڪي جڏهن ٺاٺريو هڻي ڳچ ڳِيءِ"

ڳيرو ج ڳيرا: پکيءَ جو نالو امن جي علامت ڳيرو.

"ڳولي ڪڙڪي ڳيرو ٽُورو
موڳي ٺاري جُهومي تي پئي"

ڳيڙهه (ڳيڙ): سست، ڏٻرو، اپرو، ڪمزور، ضعيف، هيڻو.

"اٺي جهد جهاد ڪر، ڳري تي نه ڳيڙهه"

گھ

گهاتڪ . ج گهاتڪ: ذ. گهائيندڙ گهاتي، فنا ڪندڙ، ماريندڙ نابود ڪندڙ قاتل

"گهايل ڳولن گهٽگهُرا، گهاتڪ ڳولن گهٽ"

گهاتُو ج گهاتُو: ذ. گهات لڳائيندڙ شڪاري، توبو، مڇي ماريندڙ ميربحر، سمنڊ جو واقف.

"گهاتو نڪرن گهِتِ مان،
ڌاتون نڪرن ڪک مان، تون مان ملنداسين"

گهاگهائڻ: ڪلڻ، مشڪڻ، نچڻ، ڪڏڻ، ڏوڪڻ، همت ڪرڻ، وک وڌائڻ، سرسهائڻ.

"گهاگهائيندو پيو گُهمي، ويچارن وَٽ"

گهاڻو ج گهاڻا: ذ. تيل پيڙڻ جي ڪل، چيچڙو.

گهاڻو گهائڻ: ڏاڍ جي آزار کي ختم ڪرڻ، ظلم جي علامت کي ختم ڪرڻ.

"سوڍا سِنڌ سُڄاڳ جا، گهائيندا گهاڻو"

گهاڻو گهمڻ: ظلم ٿيڻ، ڏاڍ ٿيڻ.

"گُهمي پيو گهاڻو پيڙي ساري سنڌڙي"

گهائُو: گهاءُ ڪندڙ گهائيندڙ زخم ڪندڙ تيز تکو.

"هر جنين جي هٿ ۾، گهائُو جن گهوبا"

گهِپيون: ث. کُتيون، ٽُبيون.

"پرتي موڙ نہ پاڻ، گُهوڙُون گُهپيون رهن"

گُهتِ ج گُهتُون: ث. پاڻيءَ ۾ ٽُٻي، گوهي.

"گهاتو نڪرن گُهت مان،
ڏاٿون نڪرن ڪُڪ مان"

گهپ: گهاتي اوندهہ. ڪارِي اونداهہ.

"گوري ٻوڙِي ڪاري جهنگ ۾
بجلي چمڪي گُهپ ڪڪر ۾"

گِهچلي: ث. ميرِي، گندي، ڪِني.

"گهچلي واچ ڪنديڙيو گهنتئين، گهاتين گند"

گهر گهر جاڳڻ: هر گهر جو سُجاڳ ٿيڻ، ماڻهو ماڻهوءَ جو جاڳڻ

"مان دردر گيت چوان نہ چوان
سُڻ پڙڪو گهر گهر جاڳي ٿو."

گهڙيون گهڙڻ: پَلَ سنوارڻ، وقت سجايو ڪرڻ، وقت کي تبديليءَ لاءِ ڪم آڻڻ

"گهڙين جي گهڙڻ سان صديون ٿيون سنورجن"

گهمنُ ج گهمن: ذ. بهادُر،پهلوان، جوڌو، جُنگ

"ڪانئر جي تون ڪوبري؟
يا تون گهوٽ گهمن؟"

گهنگهر. گهوٽ: ڏُک ڏيندڙ ظُلم مِٽائيندڙ گهنگر (مصيبت) کي گهوٽيندڙ/ناس ڪندڙ

"گهنگهر۔گهوٽ اسان جونالو
پيڙُون پٽا پيڙيندا آهيون"

گهنگهڻ: جيت جو قِسم. سُرو.

"گهنگهڻ لاتڻ کي پيو کائي،
چار ڪري چمڪار"

گهٽاڻ: گهٽائِي، ججهائي.

"هي گهڻ وٺي تہ ٿي پر گهڻ جي گهٽاڻ ۾،
ڪِيلي تہ ناهي ٿاٿي، ماڪي مِڻاڻ ۾"

گهوٻو ج گهوٻا: ذ. زمين کيڙڻ لاءِ هر ۾ ڪم ايندڙ لوهہ جو اوزار ڦار.

"هر جنين جي هٿ ۾ گهاڻُو جن گهوٻا"

گهوٽو ج گهوٽا: گهوٽيل شيون [ڀنگ، ٿاڌل يا پسارڪيون شيون]. ڏڏريل ڏک يا ظُلم.

"گهوٽ گنگهر جا گهوٽن گهوٽا"

گهور گُليلي هجڻ: گهائيندڙ گهُور، گُليل جهڙي تيز نظر.

"ٽاڙي پٽي ٿي ڪنهن ماريءَ جي،
گهُور گُليلي ماشاءَ الله"

گهور ٽُٻائڻ: ڊِيڊ پرڻ، ڊِوَ تي ڏسڻ.

"صورت جو تون ساگر،
تو ۾ گهُور ٽُٻايم گهاگهر وانگر"

گهور ۾ گُهمڻ: اکين ۾ رهڻ. سامهون هجڻ.

"مان جو تنهنجي گهُور ۾ گُهمندو وتان"

گهوڙائُون: گهوڙن جي اچڻ جو آواز. گهوڙا گهوڙا، دانهن ڪُوڪ.

"گهوڙائُون گُهوگهمٽ. وو وو وائيون واءَ ۾"

ل

لابارو لاهڻ: سڀ ڪجهه لٽي وڃڻ، گهائڻ.
"لاباري تي ويندي ويندي لاهيندي وٺي لابارو"
لات: قديم عرب جي ٽن بُتن [لات، منات ۽ عزا] منجهان هڪ بُت.
"اجان پيو لات، مناتن جو احترام ٿئي"
لاٽ تي لڪڻ: روشني تي لڪڻ، جوت تي لڪڻ، جوهر تي لڪڻ.
"سونهن جو جلوو ڏاٽ۔ٿئي جي لاٽ تي لڪجي"
لاٽ ڪرڻ: روشن ڪرڻ، شجاڳ ڪرڻ، شجاڳي ڦهلائڻ.
"گهر گهر ڪري لاٽ، هڳون ها تہ ٻچون ها"
لاٽڻ ج لاٽڻون: ٿ. گهر / ڇپر جي وچين ڪام، شهتير، ڪاڄڻ.
"گهنگهرڻ لاٽڻ ڪي پيو ڪائي،
چار ڪري چمڪار"
لاٽي ج لاٽيون: ٿ. اُٺ جي نڪ ۾ مهار ٻڌڻ لاءِ پيل ڪاٺ يا لوهہ جي ناڪيلي، پابندي، تسلط
"زيري زور جتن هَنئين، لوءِ لوءِ ڪي لاٽي"
لالانگهرو، ج لالانگهرا: ذ. آسرو سهارو.
"لاڪيٽا لانگاهہ لکين تو لالانگهري"
لال صُبح: ڳاڙهو صبح، روشن صُبح، (انقلاب ڏانهن اشارو)
"تيڙُو تيتر ٽاٽ،
جيتر پُهچي جُوءِ ۾،
لال صُبح جي لاٽ"

لامارو: جهپ، جهٽ، والارو، ڦيرو.
"هٽ ۾ ڏانو ڪچ ۾ ڪارو
وِڪ وِڪ لک جو لامارو"
لامَ، ج لامون: ٿ. وڻ جي سنهي ٽاري، شاخ، ڏار (سج جي لامَ: سج جو لاٽُو).
"سانجهي ڏاري سج جون لامون ڏينديون لَمَ"
لانڍ، ج لانڍون: ٿ. قطار اينگهہ، سنگهر، ڊيگهہ، طوالت.
"چنتائُن آ ناهِي چت ۾، ڪِيلِيُن وارِي لانڍ"
لاوا: Lava ٻرندڙ جبل مان نڪرندڙ پٿر جو گرم رس، ٻاهہ.
لاوا ڦٽڪڻ: ٻاهہ ڳهڙُ، آگ اندر ۾ اوتڻ.
"ڇا سونهن ڪيم سرتي،
سمجهو تہ ڦٽڪيم لاوا"
لاهارِي: لهوارِي، هيٺ، هيٺانهين ۽ ڏانهن.
"حيرت جي اونهي دريا ۾، لُڙهندي لاهارِي"
لاهُوت: صوفي درجي جي چوٿين منزل، ڪراچيءَ کان 36 ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ زيارت گاهہ. هڪ مڪان جو نالو جوڳي فقيرن جو قسم، سنياسي، سيلاني، لوڪ تياڳي (هتي اشارو: انقلابي).
"مهاڄڙن ميڙا، لارايا لاهُوت تي"
لاهُوتي: لاهُوت پيتيندڙ.
"لئي تار وڃائي لاهوتي،
هر رات ڪي گهربل گيت ڏيو"

لاهيارو ج لاهيارا: ذ اُجرت تي لاڀارو ڪندڙ

"هٿ ۾ ڏاٽا، هوڪارا، لاهيُون لاٻُون لاٻارا،
لاءِ ڪَنِهِن جي لاهيارا"

لاٽو ج لاٽا: ذ. ڳسو صفا ننڍو گهٽ، هيٺ.

"ڪيئن برابر ٿرندو آخر لاٽو ڪانڊي سان"

لايو سجايو ٿيڻ: اُميد پوري ٿيڻ، محنت ثاب پوڻ.

"لايو سجايو نيٺ ته ٿيندو نينهن جو"

لايِي [لاٿِي] . ج لاٻُون: لاباري عيوض اُجرت وارو حصو يا ڀاڱو.

"لاهيُون لاٻُون لاٻارا"

لٽا پٽ: ڏک ۾ ڪپڙا ڦاڙڻ، ڪپڙا پٽڻ.

"پيار پتوڙي پاڻ کي، پندبو لٽا ـ پٽ"

لُجهڻ: ڪڙهڻ، سڙڻ، جلڻ، تانگهڻ.

"پاهڻ پندبو اڇلي ڇنڊجي،
لالڻ جي لئه جي نه لُجهي ها"

لُڇ. ج لُڇُون: ٿ. تڙڦ، تڙپ، تانگهه.

"تون ته پنهنجون لُڇون لڪائين ٿو"

لُڇڻ لَپ: ٿوري لُڇ پُڇ، تڙپڻ جو ذرو.

"لوڪو لڇڻ لَپ، ڏيان جي هن ڏيهه کي"

لُڏو: هڪ روشن تاري، نکٽ جو نالو (لُڏا لالڻ اُپرين) ڳڏو: ڪنو خراب، نيچ، بي مهابو.

"جيترو شوق لُڏو ايترو ڪردار ڳڏو"

لُري ج لُريُون: ٿ. سخت سردي، شديدُ ٿڌ جي لهر.

"ٻاهر لُريون پوريي، بدن ۾ باهُون"

لَطيفي رابطو: لطيف جو تعلق، لطيفي فڪرِ جو رابطو.

سِنڌ ڌرتيءَ سان ۽ سرتيءَ سان بخاريءَ جو ڪجهه بِلالي، ڪجهه لطيفي رابطو آهي

لَفظن چا لاش جياري: لفظ سنوارڻ، متروڪ لفظ مُروج ڪرڻ، لفظن کي نئين معنا ڏيڻ.

"تو لاش جياريان لفظن جا،
مان جان وِجهان تو جُملن ۾"

لَفظ ٽانڊا هجڻ: ڇڙ ۽ ڪاوڙ وارِي ڳالهه ڪرڻ، باهه جهڙي ڳالهه ڪرڻ.

"هر شخص جهڙو شعلو هر لفظ جهڙو ٽانڊو"

لَفظ ڳولڻ: سوچي ڳالهائڻ، ڏاريائپ ۽ موشي سان گُفتگُو ڪرڻ، لفظ چُونڊي ڳالهائڻ.

"لفظ چا لاءِ يار ڳولين ٿو
مون سان ڳالهاءِ دوستن وانگي"

لَفظن مان ڳالهائڻ: بيباڪ اظهار ڪرڻ، لفظن ۾ بيباڪي پرڻ، سگهارو اظهار ڪرڻ.

"چرڪين تو چالاءِ،
پَڌ پَڌ اندر ڇپ رکي،
لفظن مان ڳالهاءِ"

لَڪ اڪرو: لکن ڳڻن وارو وڏي وِچا وارو لکن لهڻن وارو لک لکڻو.

"اُمي لک اڪرو صاحب عِلم عمل"

لَلهنگ ج لَلهنگ: ذ. پهلوان، سگهارو.

"لَهر آهي هارَ للهنگ هانءَ نه هاريو"

لَمُ ج لَمُ: ذ. لمڪارو، ٽيڙ، ٽپو.

"سانجهي ڏاري سج جون لامون ڏينديون لَمُ"

لَمُ ڏيڻ: لماٽڻ، لوڏو دوڪو.

"دوست تہ ڏٺي ويندا ٿي آهن،

دل بہ ڏٺي وٺي ٿم لَم سمجهو"

لَمو: هيٺاهون، (سِنڌُ جو ڏاکڻيون حصو) لاڙ.

"ڪڇي ڪان پڪي تائين اُپي ڪان لمي تائين"

لُنبہ ج لُنبَ: ذ. رولاڪ، پٽڪندڙ رولُو لفنگ، پيناڳ.

"ڪوتا لُنب ڪنيپو پاپي دومب پچائيو"

لُنڊِي ج لُنڊِيون: ث. زهريلي بلا، بي پُڇي.

"ڳوهُون، لُنبيُون، ڳورپٽ، سوئر ناهِر سؤ"

لنگهہ ج لنگهہ: ذ. رستو، ڏڳ، چارو، واٽ.

"لاڙيچا لانگاهہ، لينن ٿنهنجي لنگهہ تي"

لنگهڻ: فاقو بُکَ.

"ڪِنجهن مَنجهہ لنگهڻ،

سامهون ٿر جون سُورميون"

لنگهڻو ج لنگهڻا: ذ. بُکيو.

"پاڳل لنگهڻي چَنڊ ٽڪيو پٽي"

لوٽ پوٽ: اُٿل پُٿل، تبدِيلي.

"رات ۾ ڏينهن جي لوٽ پوٽ آ وڏي"

لوچ لاڇڻ: درد ڏيڻ، تڙپ ڏيڻ، تانگهہ بجڻ.

"تِرَ تانگهہ نہ ترسائين تي لوچ لُچي لاٿين تي"

لوڙ [لوڙهہ]. ج لوڙُون: ث. گهرج، ضرورت، طلب گتي.

جلد ڪر تڪڙو بخاري دوڙ دوڙ

سِنڌُ ڪي هِن وقت آهي سخت لوڙ

لوڙُون هڻڻ: ڏاڙو هڻڻ، ڦُرڻ، ظُلم.

"لُتاڙيو لوڙهو جوڙن تي لوڙون هٽي"

لوڙهو [1]. ج لوڙها: ذ. خاردار لوڙهو ڍنگهرن جو لوڙهو قيد، جيل.

"ڏولاوا ڏوڙا، قلعا ۽ لوڙها،

جهونجهارن جهوري وِڌا"

"ڪروڙ ظلم جي لُوڙهي ۾ واڙجي نہ وڃو"

لوڙهو [2]. ج لوڙها: ذ. ڪنبا، رَهڙُون (درد، ڏُک)

"تنهنجي ڳِل تي ڳوڙها، منهنجي دل ۾ لوڙها"

لوڙهو[3]. ج لوڙها: ذ. پناهہ لاءِ ڍنگهرن جي واڙ پناهہ، حفاظت، مُحافظ

"هِتي هاڻ لوڙها تا پوڪن ڪي ڪاٽن"

لوڙهَ ج لوڙهُون: ث. لنيُون، سوڙيُون.

"حق ڪي لوڙهون، لٽون، ڦاهيون لڳيون"

لُولهٺُ ج لُولهٺ: ذ. ڪُتي جو مالڪ آڏو خوشامدي آواز خوشامد، چاپلُوسِي، مِنٿ ڪرڻ.

"ڪُتجن ڪوڪٽ،

لُتجن لُولهٽ، داد ڏٺي ڏاڙيل"

لوگهو ج لوگها: ذ. ڳِڙڪڙا، سوراخ، وِٿي.

"چوطرف گهيرو هو لوگهو نہ هو"

"لاٽ ڪيو لوگهو ترڪيو اڇي تيج سان"

لوها پيرَ: مضبُوط ۽ مُستحڪم قدم.

"لوهن پيرن ڪڙين سان لوڪو هلو لتاڙي"

لُوهَ ج لُوهُون: ث. سَٽ، جِهپِي.

"ٿانءِ پريو ٽوڙيو هڪڙي لُوهَ لهرجي"

لوءِ لڄائڻ: ديس جو مانُ وڃائڻ، ٽڙ کي شرمسار ڪرڻ، وطن لڄائڻ.

"جو شخص وڃي لوءِ لڄائي نہ وڃي"

لوئيارو. ج لوئيارا: ذ. لوءِ وارو، ديس واسي، ڌرتي وارو، مارُو لوڪ.

"لوئيارن کي لائڻ ليڪ،
ويڙهيچن ۾ آهي ويڪ"

لوئي لُٽجڻ: عزت لهڻ، مانُ ڪسجڻ.

"لُٽجن لويون، ڪنڌڙن ڀِٽڪا"

لئي تار وڃائڻ: سُر سان ساز ڇيڙڻ، ترتيب ۽ تنظيم سان ساز وڃائڻ

"هر سانجهہ کي گيت سنگيت ڏيو
لئي تار وڃائي لاهوتي"

لِيرِ. ج لِيرُون: ٿ. اڳڙي، ڪپڙو.

"ماني، لِيرِ مڪان، ڪارڻ حيلا ڪيترا"

لِيڪ لائڻ: لِينگهو لڳائڻ، داغ ڏيڻ، بي مانو ڪرڻ، ٽڪو لائڻ.

"لوئيارن کي لائڻ لِيڪ،
ويڙهيچن ۾ آهي وِيڪ"

ليکو. ج ليکا : ذ. حِسابُ، ڪتاب.

"ليکن ھنجهہ لِکِين، سو ٿون ڪِيئن نہ سِڪِين"

ليلَهرُ. ليلَهرَ: ذ. ڦيڦو ڍرو ڍِلو موڳو.

"لفظ کي مجبُور ليلهر فلسفا"

لِينگهو. ج لِينگها: ذ. ڪارنهَن، عيب، داغ.

"مئخاني کي مُهتمِم لينگها لاتا ها"

لِيو. ج لِيا: ذ. ليکو گيهو (پيڙي هلڻ سان پاٺيءَ تي نهيل ليکو)

"لهرن وِچ لِيو هينئر هوت وڃي ٻيو"

م

ماتابُ: مهتاب، چند، روشني، آتشبازي.

"محلاتين ماتاب، ڏُوڏُو ڏمر نعرا ناچ"

ماتم ڏيڻ: ڏک ڏيڻ، روڄ راڙو ڏيڻ.

"يا پهچي ڇيرون ڇم ڇم ڏيو
يا وچڙي واڪا ماتم ڏيو"

ماتمي. ج ماتمي: ذ. ماتم يا سوڳ وارو ڪارو (لباس)

"ماتمي لٽا متان ڪرين مٺا،
ڏيهہ جي نظر ۾ تي نہ پئون ڏنا"

ماتو: مون اُتو مون چيو.

"هڪ پچرو پيو پر بہ ڪتياسين،
هاٺي مري وياسين ماٺو"

ماٺو. ج ماٺا: ذ. مٺ، متڪو.

"ميخانو هر گهٽ بنيو، ماٺا گهيريا موت"

ماٺ. ج ماٺون: ٿ. ماڪ، شبنم.

"پاند پکيڙيو مُکڙيون گلڙا، ماٺ تي لڪجي"

ماٺ وسڻ: خاموشي ڇانئجڻ.

"گهٽن جي گهرن ۾ وسيو گوڙهو
اسان جي اڱڻ تي وُٺي ماٺ هُئي"

ماٺورو. ج ماٺورا: ذ. مٽڪو متڪو.

"آچي ماتورو موکي مرڪ نه ايترو"

ماڃي. ج ماڃي: ذ. ڪنواريتا، ڪنوار جي طرف جا آيل دعوتي، ڄاڃيءَ جو ضد.

"مڙيئي ماڃي، موکي، مٺخانو ٿئي"

مار: ذ. نانگ.

"ڪڏهن هار قطار ۾، ڪڏهن مالها مار"

مارڪا: معرڪو، محفل، ڪچهري.

"ڪُڇڻ مان ڪلياڻ ماڻين سگهنديِن مارڪا"

ماڙو. ج ماڙا: ذ. مضبوط، پهلوان، بهادر سگهارا.

"مڃ وڏيون واڇون، ماڙا مڙس ڳهيو وڃي"

"ماڙا ماڙا مڙس مري ويا،
ڳاڙها ڳاڙها ماس ڳري ويا"

ماڙ: ث. واهر، سهائتا، مدد، رهنمائي.

"تاهم عشق عقل جي ماڙ مدد مجبي"

ماڪ کي مينهن ميڄڻ: هڪ کي ٻيو ميڄڻ.

"چاڪاڻ ماڪ مينهن ميڄون؟ ڪجهه ٻڌائجو"

ماڪ وسائڻ: روئڻ، لُڙڪ لاڙڻ.

"پيو تو يار وسائيان، ماڪ چئو يا مينهن"

ماڳ. ج ماڳ: ذ. ٺاڪ، علائقو، ڌرتي، وطن.

"آ ئون استاد ڌوڙ جو داٿو،
ماڳ جي مِهر موکيو آهيان"

مالٺهور. ج مالٺهور: ذ. مليءَ ۾ اسلام ڪوٽ جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو ماڳ، مڪان.

"ميلو نانگن جو متو ماڳين مالٺهور"

ماموري: ج ماموريون: ث. وچڙندڙ بيماري، مهلڪ بيماري.

"مڙئي ماموريون، پکڙيون پاڙُ پٽ تي"

مانجڻ: مانجڻ، ڌوئي صاف ڪرڻ، ملڻ، چمڪائڻ.

"اُوءِ اچي استاد جي، ميريون مانجيا هُو"

مانڊوو. ج مانڊوا: ذ. مانڊو، سائبانُ، شاميانو، وڏو تنبو.

"پانيون مُنڌي مانڊوو سوچون سُورج رَڇُ"

مانگ. ج مانگون: ث. سِينڌ، ننڍ کي ڄهلڻ لاءِ وارن ۾ اٽڪايل ڳُهه.

"جڻ ڌُهاڳڻ جا ڪِري پيا هار مانگ"

مانگر. ج مانگر: ذ. پاڻيءَ جو جانور، وڏو مڇ، مانگر مڇ، ظالم.

"مانگر تي مارُيق سيسر کي ساٿي ڪري"

ماوو[مائو]. ج ماوا: ذ. نيرو سُرمائي.

"چمر: چڊڙا ڪارڙا، ميرانجها ماوا"

ماهو. ج ماها: ذ. قتل، جنگ، خون، مصيبت، ڪوس، موت پوڻ، ماهي مال جي بيماري.

"مايا جا ماها، ڪايا ٿهر ڪَلُور ۾"

"وِڪوڙي وادي ماموري ماها ڪري"

مت ڏکجڻ: عقل خطا ٿيڻ، مت منجهڻ.

"عقل مت شرم ٿئي ڏکجي پيا،
پاڻ تي استاد وار ايڏو نه ڪر"

مت ڏيڻ: مشورو ڏيڻ، راءِ ڏيڻ.

"موکي تو ماري وڌا، مت ڏئي متارا"

محرم ٿيڻ هجڻ: ماتم مچڻ.

"مظلُومن جي گهر ۾ تر ۾،
سال سڄوئي محرم ٿئي ٿو"

مُحرقو ج مُحرقا: ذ. وڏو بُخار سخت تپ.

"موسم وتو محرقو وِقلي پيو وايو"

مَحشر ڪٿڻ: وڏو هُل ڪرڻ، زور شور سان وڙڻ.

"گوڙ ڏاڍو آهہ آڏو مان چوان
تو پاڻ سان محشر ڪٿو"

مَحلُ ج مَحلَ : ذ. ماڙي، وڏي عِمارت. (امِيرن ڏانهن اشارو).

"مان راڳ ڪٿي ويس مَتَهن ڏي،
ماتام مچي ويو محلن ۾"

مچن تي مستان ٿيڻ: اندر ۾ آتش ٻرڻ.

"من ۾ بارج مچ، يا مچن تي مستان ٿي"

مچُ ج مچَ: ذ. مانگر، واڳون.

"مچ موت بچي تنهن کان اڳي ڪيس مُڇون ها"

مچ مُچڻ: مانگرُ مارڻ، ظالم کي ناس ڪرڻ.

مُچڻ: مُنيڻ، مارڻ، ختم ڪرڻ.

"سيڻي مچ مُچان، ڪلاچيءَ کان ڪونڙي"

مدو سوچڻ: خراب سوچڻ، برو سوچڻ، منفي سوچڻ.

"مدو سوچڻ مار شوڏو مار شڏار جو"

مُرادون مهمان هجڻ: اُميدون عارضي هجڻ.

"مُرادون مهمان، لُڇي ڇيڇ رِجهي وبون"

مرجاتِ: ث. عزت، لحاظ، عزت وارو ورتاءُ، مريادا.

"ماڻهو جي مرجات نہ مرڻي، ماڻهو موڪيندو"

مرجانُ ج مرجانَ: ذ. قِيمتِي ڳاڙهو پٿر. (اصطلاحي معني: اُتم سوچُون، معيارِي شعر).

"مون آچيا مرجان، ادب سان اتهاس کي"

مرڳ، ج مرڳ: ذ. مرگ، موت، ڪال، اجل، شهادت.

"وه وٺيو وينگس مرڪي پنهنجي مرڳ تي"

مرگهٽ: موت گهاٽ، مُقام، مساڻ شمشان

"ميخانو مرگهٽ بنيو، ماٺا گهيريا موت"

"ماٺ مُنجي مرگهٽ، متان موت مري وڃون"

مِسلول: سِلهہ ورتل.

"ملستر مِسلول ڪو اسڪول ۾ سهڪي بہ ڇو؟"

مُرڪ ڊِڪڻ:[1] بظاهر خوش نظر اچڻ، مرڪي درد لڪائڻ.

"ٻاهر مُرڪ ڊِڪڻ اندر دلڙي ڊيگڙي"

مُرڪ ڊِڪڻ:[2] مُرڪ اوڙهڻ، مُرڪ کي اوٽ بنائڻ.

"مُرڪ ڊِڪي پيو وار ڪيائين،
حُسن پرست بہ سڏجين ٿو"

مُرلي ج مُرليون: ث. وات سان وڄائجندڙ/ ڦوڪ وارو ڪنگور مان ٺهيل ساز. هڪ سان جاڳرتا جي صدا.

"موڳيون مُرليون جوڳي جتہ،
ڳلي ڳلي کي سوگها ڳتہ"

مرڻ مُند نہ ڏسڻ: ڪنهن بہ وقت مرڻ، مرڻ لاءِ موسم نہ ڏسڻ.

"ڇيان سِج ڇيان، مرڻ مند نہ ڏسان مان"

مِرون: سُوئر، خنزِير، گهائيندڙ.

"مِرُون کي مُهلت ملي، وانا ونرائين"

مزا نسرڻ: لُطف وٺڻ،لذتون اچڻ،خوشي ملڻ.

"مزا پيا استاد جي نس نس ۾ نِسري"

مسهري: پلنگھ

"مهڪي مسهري هتي، مون پانيو مون وٽ"

مُسڻ: مُرجهڻ، مرجهائڻ، ڪومائجڻ.

"ٻوڙن دل ۾ ڊاءَ،متان مهڪ مُسي وڃي"

مسهُو: نـ سهندڙ ساڙولو.

"ساٿ ڀرپور ڏي حياتي تون،

موت مشهور آ تـ مسهُو آ"

مشال، ج مشال: ذ. مشعل، روشني، سُجاڳي.

"نوان مشال، نيون روشنيون، نوان شعلا"

مڪتب، ج مڪتب: ذ. لکڻ پڙهڻ جي جاءِ، عِلم جو ادارو ابتدائي اسڪول، ڪتاب

"مئخانا مڪتب، ٽوٽيون ٽنب اُتي پيا"

مکڻ چاٽو: مکڻ جو ٽيرو (چاتين ڏانهن اشارو)

"مکڻ چاٽا هٿ ۾، چپ تي ماکي لار"

مگر: پر، ليڪن، چوندو تـ سڀ ڪو آ ليڪن اها ڳالهه مڃائڻ لاءِ مگر کپي ٿو.

"چئي هرڪو ڏينلو آ، مڃائڻ لئہ مگر گُهرجي"

مگر، ج مگر: ذ. چارا، رستا، واٽون.

"گهر ٽڙ تاسارا،ماڻهو مگر اُڃ ۾"

مگهہ ج مگ: ذ. دالين (اناج) جو هڪ قسم مگ جي وزن جيتري زٽيءَ جو ڇوڻون حصو.

"منهنجو حصو مُگ، قصو مختصر"

مَلُوڙ. ج مَلُوڙ: ذ. مَلُول، مغموم، غمگين، اُداس.

"جي ٿو ڪوليان سِنڌ جا سڀ بخاري شور،

ساگر ٻڙڪن ديڳڙا، ٺڪر چڪنا چُور،

ملائڪ مَلُور، قادر تو هي چا ڪيو"

مَلِي، ج مَلِيون: ث. گلي جي بيماريءَ جو هڪ قسم.

"ڳِري پوَندوَ ڳلڦڙا،موذي مرض مَلِي"

مُلڪ مسيت ٿيڻ: ملڪ مسجد وانگر پاڪ هجڻ، نيڪ ڪمُ لاءِ پُڪارڻ وارو هنڌُ.

"مون لئہ ملڪ مسيت ٿيو وانگي بانگ وڃان"

مَنات:قديم عرب جي ٽن بُتن [لات،منات ۽ عزا] مان هڪ بُت جو نالو (اصطلاحي معنيٰ:اَمير ماڻهو).

"اڄان پيو لات، مناتن جو احترام ٿئي"

مَنجهہ: راز،ڳُجهہ، ڀيد

"ڏُجڻ منجهہ نـ ڏيج، ڪو سجڻ سَل عذاب"

مندر: جيڪڏهن بہ پٽون ڪنهن ڪنڌ تي پاڻ ۾ گڏيل هونديون تـ انهيءَ گڏيل هنڌ جي وچهو هيٺاهينءَ زمين جي ڀاڱي کي 'مندر' چئبو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ٻن پٽن جي وچ ۾ گهٽو مفاصلو نـ آهي ۽ زمين بہ ڪجهہ وارياسي آهي تـ اهڙي ٿوري وارياسي سوڙهي زمين واري ٽڪر کي "مڙهو" چئبو آهي (تاريخ ريگستان ص

24 پاڱو بيو)

"مڙهو مندر ترتلي آفاتن تاڙيو"

مُند جو ميوو ڪائڻ: جوڀن جو واس وٺڻ.

"توڙي ڇِيون ڇُهور ميوا ڪاڌم مُند جا"

مندا دليل ڏيڻ: ڪمزور دليل ڏيڻ، اجايو رد ڪد ڏيڻ، جڏا دليل ڏيڻ، فُضول بحث ڪرڻ.

"ڏيو نہ هڪبئي سان لڙڻ جي واسطي،
محترم ايڊيٽرو مندا دلِيل"

منصُور: حسين بن منصُور حلاج، جوڏو جُنگ جوان.

"منصُور سپ جُلُوس ۾، حملو ڪري هليا"

منگهٽو، ج منگهٽا: ڏ. ماکي لاهڻ لاءِ لوٽو يا ڪِنگري، جنهن ۾ ڏونهون ڪڄجي.

"چنگ، ڪهاڙيءِ منگهٽو
سيٽهہ سپ ڪنهن ساڻ"

منهن ج منهَن: ڏ. ڇپرُ (ڇپر وارا، عام عوام).

"مان راڳ کٽي ويس منهَن ڏيءِ
ماتام مچي ويو محلن ۾"

مُنَ لاهڻ: بيعزتي ڪرڻ، گهٽتائي ڪرڻ، زور گهٽائڻ، مانُ لاهڻ.

"مس مس مارا تنهنجا لاٿا، منهنجي ماڙن مُن"

مهائين: ڏ. مٿيرن، بهادرن.

"مهائين ۾ مچ، ڪاسائين ۾ ڇيلڙا"

منهن مڏ اُٿڻ: عام خاص جو جاڳڻ يا سُجاڳ ٿيڻ.

"اٿيا منهن مڏ، چارا چڻ نڪ ڊُڪي پيا"

مڻ ج مڻيون: ٿ. نانگ جو مُهرُ، ڏيا، هشمت، جوت، مٽيو موتي، مٽڪو.

"سوچيو ڪن ڦاڙ جوڳي سچيو
مڻ ڳهي سوگهي ڪئي واسينگ نانگ"

مٺهيارُ ج مٺهيارَ: ڏ. مڻ وارا، ڏيا وارا، همت وارا.

"جي پانيون جوڳي تيون مڻ وارا مٺهيار"

مٺهيارو، ج مٺهيارا: ڏ. مٺهيارِي وارو، سينگارُ يا زري وغيره جو سامان وڪڻندڙ.

"ڪوڏيون مٽڪا ماڻڪ لال،
پيش پرين جي ههڙا حال،
مارونڙن جو مٺهيارو"

مٽيا: ٿ. ڏيا، هشمت، جوت، همت.

"ماهيا کير مکڻ مُنهن ۾ پوبہ مٽيا گهٽي"

موت حياتي بنجڻ: موت کان پوءِ زنده رهڻ، نالو رهڻ، امر بنجڻ.

"موت حياتي بنجي، دوزخ جنت ٿئي،
هاڻ بخاري اهڙو سپنو اُٽندو هان"

موتي: خوبصورت خيال، فڪر انگيز شعر.

"وينجهر تنهنجي وس برسيا موتي ماڳ تي"

موڏو: مٿي ڪوريل، پنا سِگَن جي.

موڏن: ڏ. ٻڙڪ نہ ڳڻيندڙن، جوڏن، دليرن.

"جن بانا ڪاڏا بوتا تي،
تن توڏن موڏن جي آهي"

موڙ، ج موڙ: ڏ. پکيءَ جو نالو سهٽو (اصطلاحي معني: مورڙي جا بهادر

پاڻ جوڙا).

"مانگر پنهنجا مور ڳهي پيو
ڪنڌيءَ جي ڪوڪار"

مور: مورڙو (مورڙو مانگر مڇ داستان جو آڏول ڪردار).

"مور وانگر مانگرن جو پيٽ ڦاڙي ٿا وجهن"

مُورُ ج مُورَ: ذ اصل رقم مورڙيءِ پونجي بنيادي

"سوئي مُور مدار بخاري جي پُونءِ جو"

موريا:[1] مورجڻ: گونج ڪيڻ، گُونج ڳڻيا، ڦُٽا، ساوا ٿيا.

"مِينهن وَسِيءِ پيا وڻ موريا"

موريا:[2] ٻهاريا، خوش ٿيا، موهيا.

"اچان ماڪ تي پاڻ، موريا وتون ٿا"

مور نچائڻ: اصطلاح. (مور ماڻهن کي) خوشي ڏيڻ، خوش ڪرڻ.

"پرچي مور نچايئه پرُ تي باز بچايئه"

موسيقي ماکي لڳڻ: سنگيت مُڌر لڳڻ، آواز مِٺو لڳڻ.

"چپ ٽين جي چار موسيقي ماکي لڳي"

موشو ج موشا: ذ ڪِنارو گوشو حجاب.

"غُصا گُٽن گاڏٺان، موشا ماکي ميٺ"

موڪ ج موڪُون: ٿ پاڻيءَ هيٺ آيل، جالارويا جام پاڻي، ٻنيءَ کي واهن رستي ڏنل پاڻيءَ هيٺاهين زمين، جنهن تي پاڻي وهي، ڪڙيي، ڪسيءَ مان ٻنيءَ کي کليو پاڻي ڏيڻ.

"هيڏو سِنڌُو دريا ڇڇندو
ڇڇندو تي ويو موڪ"

موڪي: شراب ڇڪائيندڙ مد وڪڻندڙ آزادي ڏياريندڙ نجات ڏيندڙ.

"نِپٽ ناڪامي، مِڙي موڪي ڪِينءَ ٿيا"

مولمُ ج مولمَ: ذ اوپر جي هوا.

"مولم ۾ ماتام، "وووو" واهوندن ڪيو"

مومل ماڻڻ: اصطلاح. مقصد ماڻڻ، ڪامياب ٿيڻ.

"ڪاتي ڪنڌي ڪاڪ جي تنهن ڏي تاڻي ڪو
مومل ماڻي سو مومل، مومل ڪن ڳهٽا"

موه ۾ وهنجڻ: پيار ۾ وهنجڻ، مُحبت ۾ پچڻُ.

"وهنجان تنهنجي موه ۾ هڻ ڪو مينهن مٿان"

موئڻ[موهڻ]: ڳيهه شربت يا پاڻي ۾ ڪا شئي ملڻ يا ٻوڙڻ.

موئيل، مِني پاڻي يا پاڻي ۾ ٻوڙيل، مُحبت ۾ پگهل.

"ڪيتري موهي مِني اٿسين ڪئي"
"بينون باجا، پينون پانا، محبت ۾ موئيل"

مھا چَڙو ج مهاچَڙا: ذ مثل ٻار جي مٿان چاول، روئڻهارکي ٻچڻو ڪمزور دل.

"اُڪو عقل مهاچَڙو اُڪو عقل آنانُ"
"مهاچڙن ميڙا لارايا لاھُوت تي"

مُھارو ج مُھارو: ذ ڪموٺ ڪُنوار جي پهريُن ۾ تي راتين گڏ گهارڻ جي جاءِ.

"چنڊ ملهائن مرد مُھارو پيارو پنڌ هوا ٻولار"

مھا ساتو ج مھا ساتا: ذ وڏي وبائي بيماري

"ماهو هو يا ڪو مها ساتو، مَريءِ
جو جنازو نڪتو گهر گهر منجهان"

مها ڪوي: وڏو شاعر (شاهہ لطيف ڏانهن اِشارو).

"گهيري ويا گوڏا، مها ڪويءَ ڪنڌ ڪي"

مهاڳ. ج مهاڳ: ذ. آڳ،اڳيون پاسو، شروعات، آڳياڙي.

"پيا ملائن سُر پنيان هڪ ڇڪي اڳ پر مهاڳ"

مهانگ. ج مهانگ: ذ. ڳرو آگهہ ڏُڪار، ڪوٽ.

"ماريو آ غيور مردن جي مهانگ"

مهٽ. ج مهٽ: ذ. عزت، مانُ.

"هر عزم اُچي ڪي مهٽ مِلي"

مهتمم. ج مهتمم: ذ. مُنتظِم، بندوبست ڪندڙ.

"مئخاني ڪي مُهتمِم، لينگما لاتا ها"

مِهري. ج مِهريون: ث. مِهَر ڪندڙ مهربانُ، محبُوب، معشُوق، عورت.

"مِهريءَ ماڪي بعضي آڙُ انڊو ڪري"

مهلَو: سُوئر جو زمين کي کُڏڻ، کوٽڻ، فصل خراب ڪرڻ (تنهن سبب سونهن جو بگڙڻ يا خراب ٿيڻ).

"خُشڪ ٿڏين خنزير هوائن،
سونهن سُڳنڌ کي مُهلي ماريو"

مهل ملهائڻ: موقعي موجب نِڀائڻ، وقت تي بهادري ڏيکارڻ.

"پل پل جي پُوڪار، لوءِ لوءِ جي للڪار،
ڪير ڪنائي، مهل ملهائي"

مُهم. ج مُهمُون: ث. مشڪل ڪم، ڪارنامي جهڙو وڏو ڪم.

"ماٺهو مُهم مهان تي،هتڪيو ناهہ هٿن"

مهمائون ڳائڻ: ساراهون ڪرڻ، وڏايون بيان ڪرڻ.

"ڳائن ڳوٺ ڳليون مهمائون هن ماڳ جون"

مهوڙ: ڦوٽ جو جواب، ڦوٽ، ڦِٽڪار، نفرت، ڪِروڌ.

"ڇُنڊڙي چور پچور،
ڪونيون جنهن کي ڦُرب مان.
مِلي موت مهوڙ"

مهوڙُ ج مهوڙ: ذ. زور،جوپ،زياده.

"ڇپائين شين جون بهائون مهوڙ"

مِهمانُ. ج مهمانَ: ذ. ٻَل کَن لاءِ ترسندڙ ٻاهران آيل، ڏاريو.

"مهمانن جي گوڙ ءِ تڏ تي،
گهر جا پاتي جاڳي پياهِن"

مهونگڙا[مُنهن گڙا]: ذ. ڇُنڊڙن جا در.

"ٻوڙي متن مهونگڙا،ناريون توڙي نر"

مئخانو [1]. ج مئخانا: ذ. شراب خانو مُقابلي جي جاءِ

"مئخانو ماٺي، هاٺي جوان جَري هليا"

مئخانو[2]. ج مئخانا: ذ. شراب خانو.

"مئخانا، مڪتب، ٿُوٽيون ٿنب اُتي پيا"

مئو، مئو: ذ. نشو،خُمار، موج، مستي.

"محفل مد مئو مستي ٿنبُ ٿنبُور"

مُئل بيت: غير معياري، بي مقصد يا آڪارج شعر، زنده نہ رهندڙ شاعري.

"هڪ زندهہ گيت ڀلو سئو مئلن بيتن کان"

ميا: ماپيا، اندازا ڪيا.

"ماري مُنڍ ڳَٽيو ڌرين،ماڙو تو نہ ميا"
ميد: قبيلو جنهن سڪندر مقدونيءَ تي لڪن وٽ حملو ڪيو.
"ڪاٽي سڪندر ڪاٽي ميد. لڙيا مگر"
ميس. ج ميسُون: ث. خواهش، تمنا، سِڪ، اُڪير، سگھہ، موھہ، نفساني خواهش.
"مُٺي پوپہ نہ ميس، ماهر سي مرٽا ڪتي"
ميل: ساريال علائقو [خاص طور ميهڙ، نصيرآباد وارو علائقو].
"پُورهيت مايون ميل جون. ولوڙن واهڻ"
مينهن متيڻ: لُڙڪن جو ليکو ڪرڻ، روئڻ جو اندازو لڳائڻ، وسڪارَ ماپڻ.
متيڻ: ماپڻ،اندازو ڪرڻ.
"مُحبت سهٽا ميان تہ چا،مِينهن نہ ٽا مئجن"

ن

ناٽڪ. ج ناٽڪ: ذ. ڊرامو.
"دنيا هيڏي سُهٽي پياري،
عُقبا ڪيڏي نالي واري،
هي هڪ ناٽڪ، هُو آکاڻي"
نارَ وهائڻ: روئڻ، لُڙڪ لاڙڻ.
"نار وَهائڻ مان چا ورندو، پيو ٿو پُور پچايان"
ناس: نہ آسَ، نِراسُ، نااُميدي، نِراسائي.
"ناس نهوڙي وو، نيندي آهي ناهہ ۾"
ناسُوري: بيحد شوقين، خفتي، نہ ڇڏڻ وارو، سختﹸگهايل ناسور وارو
"ناسُوري استاد جي، لوري ڪنهن نہ لَڳي"
ناسجَڻ: چنڊ جي اُيرڻ جو وقت، چنڊ اُيرڻ ڪني ڪيڻ
"ناسجَڻ ٿئي نيندِ، سنبري سجڻ ويهجان"
ناطق چيتو: ڳالهائيندڙ چيتو يا گھمائيندڙ وحشي ماٹهو.
"ناطق چِيتن چڇريو چِيريو
هيءَ جي هرٽيون، مگيون نہ پرٽيون"
نافتہ ج نافتُون: ث. مصيبت، تڪليف، عذاب.
"توڙي جو اِنهيءَ نينهن ۾ نافت آهي"
ناهَن: عَدم، نيستِي، نابُودي
"ناهيان ناهَن نِسِي وجان آهيان آنهَن اڏول"
ناهَن جي نِنڊ ڏيڻ: عدم ۾ اُجلڻ، نيستِي ۾ گُم ڪرڻ، نالو نشان نہ رهڻ.
"سُمهاري سامِي ،نِنڊون ڏيندين ناهن جون"
ناهَن سان لِکڻ: ڪُجھہ بہ نہ هُجڻ واري احساس تحت لکڻ، نيستِي مان گُذري لکُڻ
"لکبو تہ ناهَن سان لکبو"
ناهرُ. جَ ناهرَ: ذ. بگھڙُ، گھمائيندڙ
"ڳوھُون لُنڊيُون ڳورپت،سُوئر ناهر سَوُ"
ناهيرو. ج ناهيرا: ذ. نهرو کير ولوڙڻ لاءِ زمين ۾ کوڙيل ڪاٺي،جنهن ۾ چاڙڻي ۽ ماندڙاٹي سوڳهي ڪجي.
سورج جو ناهيرو کوڙي،
رُج جو کِير ٿي سُج وِلوڙي

ناءَ: نہ آءَ، نہ آءٌ.

"نِندَ آگَهوڙي ناءَ، جاني مُنهنجي جهول ۾"

ناٿُو: ناٿون مل، ڪُڏو تاريخي ڪردار، جنهن سِندَ سان غداري ڪئي، ڏوڪيباز، غدار.

"ڇُوندبيو جو ڇندُ ،هوشُو ناٿُو اُهو ٿئي ٿو"

نايڻ[نائڻ]: اوتڻ، لاهڻ، سمائڻ.

"سمنڊ کي گهاگهر ۾ نايان تہ ڇو؟"

نايو: نہ آيو.

"جَڳ ۾ تہ نظر نايو آ. جڳپال مون کي سانجهہ نايو صبح ايندو صبح نايو شام من ڀُهچي"

نِيارُ ج نِيارَ: ذ. نِجُ، اصلي، صاف، سَچو کَرو.

"تقدِير ۽ تدبِير،پانهيُون،نِينهن نِيار جون"

نَپيسر: ٿر واري علائقي [عُمر ڪوٽ ضلعي] ۾ هڪ ڍِنڍ ۽ ڳوٺ جو نالو.

"سِيني تي پٿُون سهٽيُون،
چولي تي وليُون سهٽيُون، نظرن ۾ نپيسر آن"

نَتِيجو نَتائِڻ: نتيجي ڪان لَنوائڻ، آوس ٿيڻ ڪان مُنهن موڙڻ.

"نتِيجو نَتائي، ڪٽي لڪ لَنوائي"

نِپُٽو ج نِپُٽا: ذ. بي اولاد، جنهن کي پُٽاٺو اولاد نہ هجي، نِياڳو بدبخت.

"سِٽ ڏاران تہ ـ سِٽا،
ٻئي جي گهر بي گهر جِئين ـ
نَر ـ نارِي نِپُٽا"

نَپڻ: ڳنڍڻ، ملائڻ، جوڙڻ.

"سهڪُون يا سُس پُس ڪريُون،
يا ڇَپ نَپي ڇُهٹُون"

نَڇيھُ: ذ. گهٽ،تورو.

"ڇيڻ ڇيئن نَڇيھ،ڏينهون ڏينهن ٿئي"

نَحس ج نَحس: ذ. نِياڳو.

"لُون ءَ لُون ءَ جي لِچ پُچ کي آچين نَحس نشا"

نِڏَڪُ ج نِڏَڪَ: ذ. پڪو ڏڪڙول، بي خوف، نرچو بي ڇيو بي وسيلو.

"نِڏَڪُ نَنگو نِينهن،وَڏَڪ ووڙيندو وَتي"

نِرَنگو ج نِرَنگ: ذ. بي رَنگ، بِنا رنگ، نِرالو.

"نِينهن نِرنگو رنگہ پرکڻ سان پکڙيون وڃي"

نِرواڻُ ج نِرواڻ: ذ. ڇوٽڪارو نِجات.

"نِرهہ وَٽان نِرواڻ پرايمہ گرڻ مَنجهاران گسُ"

نِرچو[نِرلَچو]. ج نِرچا: ذ. بي حَيا، نَڪ جو ڏاڍو اڻ پَليو.

"نِرچا نِگهبانُ،سمجهين پو بہ مُڙين نہ ٿو"

نِرهُ ج نِرهُ: ذ. نِراس،اُداس،مايُوس.

"ڪِري نِرهہ نِڪُونجَهہ ۾، گهورن مانجهي گهيرَ"

نُسخا ڪيڻ: عِلاج ڳولڻ، حَلُ تلاش ڪرڻ، ڇوٽڪارو جاچڻ.

"هي ڌرتي لڳاتار بيمار آهي،
ڪي ڪايا پلٽ يار نُسخا ڪيو"

نِسنگہ ج نِسنگ: ذ. بي ڊپو،نِڊَرُ بيباڪ، بهادُر.

"چارئي پار چمڪ، نِڪري نينهن نِسنگ جي"

نِسرڻ: پڇڻ، پڇي وڃڻ، سُسڻ، گهٽ ٿيڻ، ختم ٿيڻ.

"ناهيان نانهَن نِبِي وجان، آهيان آنهَن اڏول"

نِشانُ چُٽڻ: مُقابلو ڪرڻ، مُنهَن ڏيڻ.

"وات ڦاڙي حادثا بيشڪ اچن،
سچ پُڇو نيشان چُٽڻ ۾ ا مزو"

نَشِئِي ناڪئا: غافل، ناسمجھ يا بي شعُور اڳواڻ.

"ٻُڌن پيا پيڙا،تِڇن نَشِئِي ناڪئا"

نَقشا جوڙڻ: تعمير لاءِ رٿابندي ڪرڻ.

"تہ جنت جا جوڙيندا نقشا تہ اهيون"

نِڪُونجُھ[نِڪُونج]: ڪُنُ، پِنوَرُ اُونهو پاڻي.

"ڪِرِي نِرھ نِڪُونجھ ۾،
گُھورِن مانجھي گھيرَ"

نِگار: معشوق، محبُوب، تصوير، چِٽ.

"ڪڇين چيلھ ڪٽار تِڇين پيلھ نِگار سان"

نِگُرو [نِگُرو=نِہ + گُرو]. ج **نِگُرا:** ذ. بي گُرو نِڌورا، نِياڳا، خطرناڪ، ضِدِي، نہ ڇڏيندڙ.

"ڪانئر هرڻ ڪيترا، ناهِر نُگرا سُورَ"

نِگِي: ث. نِڪتِي، ٻاهر آئِي.

"ٻوءِ گُل مان نِگِي تہ ٽنڪِي هُئي"

نِمرو. ج **نِمرا:** ذ. چڱو ڀلو تندرست، تازو توانو.

"ٽٿون نِمرو نُور،وهلو سُور وَڍِي سگهي"

نِناٿو [نِناٿون] ج **نِناوان:** ذ. بي نانءَ، ٻُچڙو، ڪراهت ڏيندڙ.

"ڏِيري ڏِيري تي ويا،نِناوان ناسُور"

نِنڊ. ج **نِنڊُون:** ث. سمهڻ واري حالت، گھيرٿ، ناسمجھي، بي شعُوري.

"نِنڊ آ ڏاڍي نِڌوري،نِنڊ ۾ ڏاڍو نِياڳ"

نِنڊ جا ڦِيٽا روجهڻ: غافل بنائڻ.

"شاعري آهي سُجاڳيءَ جو پيامُ
نِنڊ جا ڦِيٽا متِس پڙهبا تہ ڇا؟"

نِنڊ جون ٿيلهيُون لڳائڻ: غافل ڪرڻ، بي شعُوري ۾ مبتلا ڪرڻ.

"نِنڊ جون ٿيلهيُون لڳايُون ٿيون وڃن"

ننڍڙا ڳِدرا: گدريون (اُرهَن ڏي اشارو)

"ننڍڙا ڳِدرا هٿ ۾،چَپ تي چاهِين ڦاڪ"

نَوان ٿُور: نَوان نَسُلَ، پوريان، پوچ.

"توکي نَوان ٿُور ساڙي وِجهندا سمنڊ ۾"

نَوازش. ج **نَوازِشون:** ث. مهرباني، اِحسانُ. [طنز طور چِيل ۽ اشارو ظُلم ڏانهن آهي].

"تاتارين جي سِنڌ تي نِت نِت نَوازِش"

نَوان گِيت ڦُٽڻ: نئين ۽ معيارِي شاعريءَ جو جنم وٺڻ. [بُخاري جي دؤر کان پوءِ جي شاعِري ڏي اشارو].

"ڪي نَوان گِيت،نَوان چيٽ ڦُٽا هوندا"

نَوَ-نيشا: نَوَ ڏندا، خطرناڪ، ظالم.

"نيٺ تہ نَوَ-نيشا،مرندين ريشو ريش تي"

نوتو. ج **نوتا:** ذ. پيغام،خط،نياپو.

"ناز مُڪو نوتو آيو گُهرجي اوچتو"

"نِت نِت پِئِي نوتا، پِرھ مون ٻاران ڏجان"

نُوٽڻ: ٻُوٽڻ، بند ڪرڻ.

"نہ تہ نُوٽي نيڻن کي،اونداهو اولو ڪبو"

نوحا ڳارائڻ: ڏُکن جو ذڪر ڪولرائڻ، سُورن جي پچار ڪرڻ.

"خاموشي جي مُهر لڳي چو محفل کي،
نغما ناهن نوحا ٿي ڳارايو"

نُورُ نِڪور: چٽي يا تيز نظر، نئون تيز فهم (روشني)، روشن شعور.

"ڀالو نُور نِڪور سان، رُونجهي تنهنجو جُهور"

نوڙُ ج نوڙ: ذ. نوڙ ڏيڻ کي ڪُٽي نرم ڪري ٿُلهو رَسو ناهڻ. جيڪو جهار هڪلڻ جي ڪم اچي، پاهه.

"هھڙي ڳُهٽ ۾ پُوسٽ ۾ ٿيا ننڍڙا وڏڙا نوڙ"

نوڙ ڇنڻ: ڳاروتوڙڻ، ڦاهو اُڇلڻ، غلامي غار ڪرڻ، بغاوت ڪرڻ.

"ڪا ڳالهه وڏي ناهه ڇڪي نوڙ ڇنان ٿو"

نوڪ نَڪِير: قبرُ ۾ پڇا ڳاڇا ڪندڙ (منڪر نڪير) ملائڪن جي پالن جي نوڪ.

"هِن هُن جا طعنا تِڪا نوڪ نڪير کان"

نُوڪو ج نُوڪا: ذ. هلڪو آواز.

"دردن جو ننڍڙو نُوڪو،نودن جي در ناد"

نُونَ: نُون اکر،نيستي،عدم وجُود،نابُودي

"نُونَ منجهان هي[هه]نڪتي نِسرِي"

نئون نادُ: نئين صَدا، نئون فِڪر،پنهنجي دَور جي صدا.

"شاگرد پِٽائي جو هُونئن اُستاد آهيان،
هِن دَور جو آواز نئون ناد آهيان"

نئون نُور: نئين ڏِيد،نئون شعُور،نئين ساڃاهه.

"نئون نُور نِڪاريُم انڌن ۾"

نَئين چيز چوڻ: مُنفرد اظهار ڪرڻ،نِرالو شعر چوڻ.

"ساڳيا راڳ نه ڳاءِ،چئو ڪا چيز نَئين"

نيت ج نيتُون: ث. رَوش،ريت،هَلَت.

"وِڪ وِڪ تي هي بہ جي پيڪي، پائو ناهي نيت"

نيزاري ج نيزاريُون: ث. التجا، آزي، ڪمتري.

"رَڳُن مان روڙي ڪئيون،نِبل نيزاري"

نيش[1] ج نيش: ذ.اُٺ. بگهڙُ يا ڪُتي جا گهائيندڙ ڏندَ، ڪاٽيتا.

"گهيتن کي گهايو وجهن،نيش هَٽي ناهِر"

نيشُ[2] ج نيش: ذ. زَخمُ،گهاءُ.

"عيشن کان عاشُورن تائين،
نيشن کان ناسُورن تائين"

نياپا چُمڻ: پيغام دل سان قبُول ڪرڻ.

"تنهنجا نياپا چُمان چپن وانگي"

نياريون: نراليون. **نياريون مُرليُون ڪڍڻ:** مُنفرد سُر ساز ڇيڙڻ. جاڳرتا جا نرالا انداز اختيار ڪرڻ.

"مُرليون ڪڍي نياريُون،جوڳي جَوان ايندا"

نيارُ ج نيار: ذ. چشمو تلاءُ.

"هِڪڙي نيڻ نِهار ۾،سوين نينهن نيارڻ"

نينهن نَبي ٿيڻ: نينهن جو نبيءَ وانگر اعليٰ درجو ماڻڻ، عشق جو وڏو درجو ماڻڻ، عشق بُلنديءَ تي پهچڻ.

"نينهن منهنجو بہ ٿي نَبي ويو آ"

نيڻ چار ٿيڻ: دِيدُون ملڻ، نظرن جو نظرن سان ملڻ، مُلاقات ٿيڻ.

"نيڻ ٿين جي چار،نَچن بادل کِنوِٽيون"

نيڻ لاهيارا هُجڻ: نيڻن جو قاتل هجڻ، گهائيندڙ نيڻ هجڻ.

"نيڻ لاهيارا،ڀرون ڏاڍا تِکا"

نيهي ج نيهِي: ذ.ڳاهہ ڳاهڻ لاءِ ٻار جي وچ تي کوڙيل سگهي ڪاٺي 'نيهہ' سڏبي آهي ۽ نيهہ سان ڳنڍ ٻڌل ڏگو نيهي سڏبو آهي، جيڪو ٻين سيني ڏگن کي ترتيب ۽ تنظيم ۾ وهڻ تي مجبور ڪندو آهي.

مطلب: مضبُوط پڪو پختو.

"نيهي ناتا ها،منهنجا توسان ماٺيا"

و

وات تي اُڪرڻ: ماڻهن جي زبان ڳالهيون رهجي وڃڻ. ماڻهن ۾ تذڪرو پيدا ڪرڻ، نالو بيهارڻ، مڃتا ماڻڻ.

"هر وات تي اُڪري تون
هر گهاٽ تي گُونجي تون
گجهہ تو ٻہ ٻڌو هُوندو"

وات تي بات بيهارڻ: ڳالهہ تي پڪو بيهڻ، پاڙ مچائڻ.

"وات تي بات بيهارڻ سولي نہ آ"

وات لُغت: گُفتگو لاءِ لفظن جو ذخيرو ڳالهہ ٻولهہ وارا.

"لوڪوأن جي وات لُغت ۾ ڇو ناهي ڇاڪاڻ"

واتوڙيا واتُوڙيو: وات هڻندڙ.

"واتُوريو وهِمي، مولا مُهري موڪلي"

واتُون ڪرڻ: رستا ڪيڻ، حل ڳولڻ.

"ترتيب ۽ تنظيم سان واتُون ڪريون"

وات واسِينگ هُجڻ: خطرناڪ راهہ هُجڻ، مُشڪل پيچرا هجڻ.

"واسِينگ آهي وات، ڪوئي ڊوڙي ڪيترو"

وائو ج وائا: ذ. مِرُون مارينڌڙ شوئر جو شڪاري، ڏاڍي سان لڙندڙ وٺ ڪندڙ

وائا وٺرائڻ: مِرُون پڪڙيندڙ کي پڪڙائڻ، ڏاڍي سان لڙندڙ کي قيد ڪرائڻ.

"مِرُن کي مُهلت مِلي،وائا وٺرائين"

واجهہ ج واجُهون: تلهي رسو، نوڙ، وجهہ (واجهائڻ مان واجهہ).

"وهمن واري واجهہ ڪيئن تي ٻُوجهہ ٻجهي"

واڍِ ج واڍون: ث. رَسِي، نوڙي، ورت، ڳارو.

"گهنا ڦهر ڪڙيندو نيٺ،
وقت نِڪوري واڍِ وَٽِي"

واڍا ڪيڻ: وڍيندڙ هڪالي ڪيڻ ظالم کي تڙڻ، ظُلم ختم ڪرڻ.

"بخاري وجي پهريان واڍا ڪيو"

واسُ ترڻ: خوشبوءِ رهڻ، نالو رهڻ، نيڪي بچڻ، ڪردار ڪم رهجي وڃڻ.

"ميهر جو ٻُڏي ماس ويو واسُ تريو آ"

واڪا ڳيتائڻ: آواز ڳهائڻ، آواز گهُٽڻ

"نيٺ واڪا ڳوٺ ڪان ڳيتائبا ۾ ڪيتري تائين"

وامڻ: طُوفان وقت ٻيڙيءَ کي ٻُڏڻ کان بچائڻ لاءِ اُن ۾ پيل مال، سامان لاهي

پاڻيءَ ۾ اُڇلڻ، بار گھٽائڻ.

"واڄ ڀنا وامڻ،ڪندو ڪهڙو ناڪئو"

واند: ث. واندڪائي، فُرصت.

"واند ناهي، وقت آهي ڪِٿ مگر"

وانئِڻي ج وانئِڻيُون: ث. ڄَمنڊِي بانٺڻي

"واڪا واڄا وانئِڻيون،ڏُوڏُو ڏُم ڏَڙي"

واهڻ وِلوڙڻ: ڳوٺ ڳوٺ ووڙڻ، ڳوٺن ۾ ولوڙ ڪرڻ، سخت محنت ڪرڻ.

"پورهيت مائُون ميل جون،وِلوڙن واهڻ"

واهو، ج واها: ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وکر، زهرِيلي ٻوٽي، ڪوڙو زهرُ، ڏَنجهہ

"وقت ڏِٺي واها، اوتيو ذات اُتار ٺَئي"

واهُون ووڙڻ: رستا ڳولڻ، حل تلاش ڪرڻ.

"آهي ڪوجو آهُن عيوض واهُون ڪي ووڙي"

واءَ تي ڇٽ ڇڻڻ: اجائِي ڪوشش ڪرڻ، ناڪام ڪوشش ڪرڻ.

"ڇيو لڪ: واءَ تي ڇٽ ٿو ڇڻِين پاڳل، ڪو بادل آسمان تي ڪيترو ٻيهي؟"

واءَ لوئيو هُجڻ: اڻ پليو واءُ هجڻ، لوڏيندڙ ۽ خراب ماحول هجڻ، ناسازگار حالتون هجڻ.

"چاپڙُون ڳوٺ جون واءَ لوئيو ذليل برساتون"

وائري: جهاز ۾ خلاصي جي ويهڻ واري جاءِ.

"ويهي اندر وائرِي، سوچيو خلاصِي"

وِٿُہ ج وِٿ: ذ. سٽُ، زور، سگھہ.

"عُمِر اڻ ڪٽ وقت ۾، ويرم جيڏو وِٽُ"

وِٿَ: ذ. ساهي، فرق، وِٿي.

"وِڏو وِٽ وِجود ۾،ويڏن وِلوڙو"

وَٿُہ ج وَٿَ: ذ. وَڪُڙ،وَرُ.

"واٿون ڪاريهر جا وَٿَ"

وَڄائڻ: ڏُک ڏيڻ، درد رَسائڻ.

"وَڄائُون نہ ٿا پر وَڄِي ٿا وَڄون"

وِڄا وَڄائڻ: عقل ڪم آڻڻ، سوچ سمجهہ هلائڻ، دانائِي ڪم آڻڻ.

"وِڄا کي وَڄائي،ڪلا کي قطاري"

وِڄا وَڏڻ: سوچ يا ساڃهہ ڪٽڻ، شعُور يا سمجهہ ڪپڻ، دانائي ڪسڻ.

"وِڄا وِويڪ وَڏائي ڇڏيو اگر وڏجي"

وَڄڻ:هاڪاري لڙڻ، هوڪاري مُقابلو ڪرڻ.

"ويرين وٽ وَڄان ڳوڙهُون مِينهن ڳَڙا ڪري"

وَڄي وَڄڻ: سَتائجڻ، درد ۾ گھيرجي وڃڻ، ڏُک ملڻ، اهنج ملڻ.

"وَڄايون نہ ٿا پر وَڄِي ٿا وَڄُون"

وِڄُ ج وِڄُون: ث. کنوِڻ، ٻِجلِي

"وِڄَ کي جيتر ونگيو ناهي وِڄا"

وِڄِري وَڄڻ: سَڙڻ، پڄرڻ، جَلَڻ، پگھرڻ.

"وِڄِري وِيندُس مان، مَرِي ويندُس مان"

وِجهليا: سَڙيا،جَليا،ڳَريا.

"وِجهلِيا ڪليُون ڪاڪَڙا، ڪَڪَ ڪَڙا کائي"

وڏڙيو: چريو چريٽ، سودائي

وڏڙئي: ث. ناپاڪ،اَپوِيتر،ميري

"مانگهہ اڳيئي مينگهہ گھُرائي،

وڏڙئي وڻ وڻ کي وهنجاريو"

وَڏڪُ، ج وَڏڪ: ذ. گَهڻو،زياده، وڏيڪ

"نِڏَڪُ نَنگو نِينهن،وَڏڪ ووڙيندو وَتي"

وڏتڻ: وڏپڻو بالغ عُمر.

"ٻچپڻ جوڀن وڏتڻ ٻي ويئي تاهم تاساري"

ورتارو. ج ورتارا: ذ. ڍنگ، برتاءُ، سُلُوڪ.

"ڏرتي توڪي ويڙهي ويندا ويڙ ڀريا ورتارا"

وَرِسيو: ڀُليو ڀٽڪيو گمراهه ٿيو.

"وَرسيو ڪيچ وڃين ڪيچي ڪيچ هتي اٿئي"

وَرهين ۾ واسجڻ: سالن تائين سُرهاڻ ڦهلجڻ، وڏي عرصي تائين ياد رهڻ.

"ڪنهن جو هڪڙو ٻهر ويندو واسجي وَرهين ۾ آ"

وِروهڻ: وندرائڻ، دل لُبائڻ.

"وِروهي ٿي وير، آليندي آلڙ نه ٿي"

وِرهه. ج وِرهَ: ذ. وڇوڙو فراق.

"وِرهه ڪي وهواهه جنهن اُجاريو اُستاد ڪي"

وِڙهُ. ج وِڙوئُون: ث. ويلو ويلي جي پُورت.

"گهر ڏٺي ووڙي وڙهُ ويئي ٿن ڪُٺي"

وِڙول: تلاش، ڳولا، پُڇا ڳاڇا.

"تڙپڻ لُڇڻ تمنائُون، تنهنجي وِڙول ۾ جاني"

وَستو. ج وَستا: ذ. وَٿ، شئي، چيز.

"وسيل هر وَستو چُنڊرا چهرا چاهتُون"

وِسرامُ: ذ. آرام، قرار، ويساهين، دم.

"وِلولي تي ولولو وسرام ٿا"

وقت وڃاڻ: وقت جو ماڳ، وقت جو معرڪو انجام ڏيڻ.

"ماڻ وقت وَڃاڻ ڪي، جاڻ ڪٽي ڀُل"

وقت وڃائڻ: وقت خراب ڪرڻ، وقت هڙپ ڪرڻ.

"سِنڌين جو سچو وقت وڃائي نه وڃي"

وقار وڃڻ: عزت ڪيرائڻ، مانُ گهٽائڻ.

"خسيس خُواري وقار منهنجو وڃيو پئي"

وقت جو پنو: موجوده حالتون، حال جون معروضي حالتون، ٻيو مطلب (ويجهي تاريخ).

"سوچ سان ۽ شوق سان سِٽ سِٽ پڙهو
وقت جو تازو پنو ڇا ٿو لِکي"

وِڪَ: ذ. زهرَ، وِهُ.

"وِڪَ ڇا ڇڪندا ڪوڪا ڪلٺا، سچ ٻيج سڪٺا سارا"

وِلاڙَ. ج وِلاڙُون: ث. ڳولا. تلاش.

"ووڙ وِلاڙُون جنهن جي وس ۾،
ڏَسُ نه تنهن کان ڏُور"

وِنڊَ. ج وِنڊُون: ث. ونڊڻ جي حالت، گهڻي محنت، سخت محنت.

"وِنجهر ايڏي وِنڊَ، ڇپر هٿ پڇي پيئه"

وَنَ. ج وَنَ: ذ. وَڻ، رَنگ.

"سيڻي وَنَ وسنت جا، ويسن ۾ ويتر"

وَنگَ. ج وَنگَ: ذ. وَڪڙا ٽڪلون، رِٿُون، ٽَلون.

"ووڙيو وَنگ اُهي، ڏاٿن جيڪي ڏاڍ ڪي"

وَهَه. ج وَهَه: ذ. وهڪرو، رواني.

"واهڙ وَهَه ۾ ڪاڇي ڪَهَهَ ۾"

وَهَه. ج وَهُون: ث. چربي، سٽپ.

"وَهَه جو واس وِڪوڙي ويو ڇا.
مڪڇي پئي هِن جال"

وِهاڻُ. ج وِهاڻَ: ذ. زهر وارو، زهريلو.

"ڦوڪُون واءِ وِهاڻ جون، ڇيٺون ڇائي ڇاڻ"

وِهَرو. ج وِهَرا: ذ. زهريلو ڪوڙو.

"وِهَرا واءِ هُڳاءِ ڪي پيارن واها"

وهڪيلُ: ڪِير ڏيڻ ڪان پيهي ويل.

"گهر ٻَنَلِ وِهڪيل ٿِگي ڪمزور ڏاند"

وَهَوَلِ: ث. دهل جي وڄت جو نمونو شاديءَ جي ناچ خوشيءَ لاءِ دهل جي وڄت.

"پهنوارن پِنڪوپر مارن وَهَوَلَ وَڏي"

وَهُون: زالُون، گهر واريون.

"ڪُونڌر ڪنڌ ڪِڍِي وڏون، واهر ٿين وَهُون"

وَهي هارڻ: جوين گارڻ، حياتي وِڃائڻ، زندگي ضايع ڪرڻ.

"جو پڄرِي پاڻ پگهارِين ٿو

جو ڦوهه وهي هِيئن هارين ٿو"

وَيَرٿُ ج **وَيَرٿَ:** ذ. اجايو فُضول، بي سُود.

"چاهت ۾ اُستاد چئي، وَيَرٿ وقت پچار"

وِيجهجڻ: وَڌڻ، زياده ٿيڻ.

"داٽو داٽو وِيجهجي، ڏرتي ساماٽي"

ويجهي ڇڪ: اوسي پاسي، ويجهو نزديڪ.

"ڏاران شوق پري پوان هُوتان ويجهي ڇڪ"

ويچارو ڪرڻ: مجبُور يا لاچار بنائڻ.

"عشق ارڏو چو ٿو ويچارو ڪرين"

ويچڻ: ڪَپائڻ، وِڪرو ڪرڻ.

"يا شهر جي بنگلي تي،

انگ انگ اُمنگن جو

بي سوچ ڇڏئين ويچي"

وَيرُ [وَئير]. ج **وَيرَ:** ذ. وَٽ، ذائقو.

"رات ڪرايو وَير اُلفت جا اُستاد ڪي"

ويرُوتار: (ويرن وانگر تار) سدائين، هميشه، ساندهه.

"ويروتار وَڳي منهنجو ماڳ جَهانُ ۾"

"ويرو تار وَهان، آهڙو آڙ اچي ڪو"

وِيرِي پيچڻ: وِٿي ختم ڪرڻ، اختلاف ڇڏڻ، اِتحاد ڪرڻ، ويري (ديوار) ڊاهڻ.

"وِيرَ واريُون وِچ منجهان وِيرِي پيچُون"

ويرين وَٽ وَڃڻُ: دُشمنن آڏو بهادريءَ سان لڙڻ، دشمنن جو هاڪاري مُقابلو ڪرڻ، دشمن وٽ ڳالهيون هلڻ

"ويرين وٽ وَڃان، گوڙون مينهن ڳَڙا ڪري"

ويڳه ج **ويڳ:** ذ. درد، سُور، اهنج، مرض.

"ڏيهاٽا ڏاها، ويڳن ويڳاٽا ڪيا"

وِينجَهرُ [1]. ج **وِينجَهرَ:** ذ. موتي پوئيندڙ وينجهار ڳهن تي نگ/ٽڪون مڙهيندڙ پارکُو (تخليقڪار شاعر).

"وِينجَهر تنهنجو فَنُ، غَني ٿوءِ غريبڙو"

"وِينجَهر ايڏي وِنڌَ ڇِيڙ هٽ پِچي پيئه"

وِينجَهر[2]. ج **وِينجَهرَ:** ذ. جوهري، وينجهار جَواهرات جي پرک رکندڙ (نقاد، بوليءَ جو ماهر).

"اَکر اَکر پُڪراج، وِينجَهر پُر جهي جي ڏسو"

وِيڪ ج **وِيڪُون:** ث. عيب، نُقص.

"لوئيارن ڪي لاٽن ليڪ ويڙهيچن ۾ آهي وِيڪ"

وِيلڙو ج **وِيلڙا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم جيڪا خطرناڪ ٿيندي آهي، ان کي وڏي مڇي کائيندي آهي ته ان کي به پيٽ ۾ ٽنگ ڪري ماري وجهندي آهي. ڏُکوئيندڙ خطرناڪ.

"زندگي ڪِٿ وِيلڙو ڪِٿ جل۔ پري"

هه

هابو ج هابا: ذ. شور،هُل،هنگامو.
"هابا هُل هزار،شورهيہ غازي سِندّ جا"
هانِي ج هانِيُون: ث. قدبُت،جِسامت.
"هن جي هانِي ڪانگُڙ ڪانو
هن جو سينو سنگ بِتا"
هاڙهو ج هاڙها:ذ.جبل جو نالو ڏنگو ارڏو.
"هاڻوءِ هاڙهو هِنيون هِيسيو ٿو وجهي"
هاڙهيالُ ج هاڙهيالَ: ذ. ڏنگو ارڏو رولو جانور، پوک پيليندڙ.
"ه ار پارايا ويا هاڙهيال ڪي"
هاڙهِي ج هاڙهِيون: ث. پيچي، ڏنگِي، ضِدِي، خطرناڪ.
"ڪير ٿو ڪنهن کي سَجائي،
هوڙي هاجيڪار هاڙهِي رات ۾"
هانءُ اُديڙڻ: دِل اُکيڙڻ، دل صاف ڪرڻ. ذهن کولڻ، اندر منجهان ڪينو ڪيڻ.
"جن جي دل ۾ ڪِينو آهي،
جن جو سوڙهو سِينو آهي، ٽن جا هانءُ اُديڙ"
هاڻو ج هاڻا: ذ.ڌاڙيل، ڦورُو، ظالم، مال هڻڻ وارو.
"هر صدمو هاڻو لُوهيو،چين لُٽيو وِجي"
هاواڻو ج هاواڻا: ذ.افواهہ ڏس.
"هاواڻا هر پار عشق اجهو ٿو جوت جِياري"
هائُو هائُو: دِپ، خَوف، ڊاءُ.
"واءِ وِڏائِي هائُو هائُو"
هاپِهارِي ج هاپِهارِيُون: ث.[هاپِهارو:ذ]. چوپائي مال جي چوري پوک چَرڻ جي عادت، هيراڪ.
"چوري زوري چاهہ چَري پئي هاڙهِي هاپهارِي"
هَتارُ ج هَتارَ: ذ. بگهڙُ، ظالم.
"چِيتا،واگهہ هَتار،اُڏري ڪڙڪيا اندّ تي"
هَتڪ: بي عزتي،تذلِيل.
"اڳيرو استاد تي،هتڻ آهہ هَتڪ"
هَٽ جَس: شفا، شُپ يا سوڀ.
"هڪڙن وٽ هٽ جَس هڪڙن وٽ هٽ کَس"
هَٽ کَس: ڦُرلُٽ.
"هڪڙن وٽ هٽ جَس هڪڙن وٽ هٽ کَس"
هَٿيو: خزان،پن ڇڻ.
"ڪا بہ ڪامهہ نہ سامهون لَڳي،
هيءُ موسم هٿيو جو هجي"
هَٿِي ج هَٿِيُون: ث. رُعب،دٻاءُ،تسلط هِيس هتڻ.
"جڳ ۾ جت ڪٿ جاري جنگ،
هيڏي ساري هِيس هَٿِي"
هَپي: هَٿي، گهٽجي،دبجي.
"جوڏو هوش اُيار گِيڊِي هوش هَپي پِلي"
هَذّهن: هرگز ،ڪڏهن.
"ماڻهو مُهم مهان تي،هتڪيو ناهہ هذّهن"
هُرتڙِي: خودمُختيار، پنهنجي راءِ تي هلندڙ پاڻ زوري هوڏي
"موکي مُنهن مُومل، هڻہ تون اهڙي هرتڙِي"
هڙيڙ: تکڙ، اُتاولائي، ابهرائپ،

واٽڙپ،ناسمجهي.

"او هيڏي هڙبڙ، جيڏيءَ کي جيڏو چوين"

هَڙَهُ ج هَڙَهَ: ذ. مينهن جو پاڻي ڏاڍو مينهن.

"مي هَڙَهُ هاسا، چڙهه چوماسا،
مستي موج ملهايا"

هَسوار: سُوار، گهوڙي سوار چڙهڻ.

"جهنگل منگل سير اسانجا،هوش هوا،هسوار"

"اسين توڙي هسوار آهيون سو آهيون"

هَشامُ ج هَشامَ: ذ. انبوهه، خلق، عوام.

"هوش هن جو هَشام سان هُوندو"

هِڳدو ج هِڳدا: ذ. گوڙ فساد، بوهه، ڏنگي، دوکو.

"سازش تي سازش، هِڳدي تي هِڳدو"

هُڳساڻ ج هُڳساڻون: ث. سرهاڻ، خوشبو، سُڳنڌ

"واهوندا، هُڳساڻُون هيرُون، تيز تِکا طُوفان"

هَمُون: هميشه، گهڻو ڪري،اڪثر.

"مينهن حق جا هَمُون پيا وسن"

هِمت ميڙ وٺي وڃڻ: همت ڪان ڪم وٺڻ، حوصلي سان وڃڻ.

"پرچي پوندي ويندين جي تون همت ميڙ وٺي"

هِندورو ج هِندورا: ذ. پينگهو (شڪ چين).

"هُونئن نه ته هِندورو ههڙا بيت ڪِتي لِکي"

هُنڌ ج هُنڌُون: ث. چونگ، چوڪ، لُڳهڻون.

"سجڻ سُور هُنڌُون، هٽن منهنجي هانءَ ۾"

هَوَ: ث. ذري، اڻ لَکِي، رَتي

"هُو جي ڏِيئڻ هَوَ پرين پنهنجي پريت مان"

هوبو ج هوبا: ذ. گوڙشور،هنگامو.

"اُتي هُل هوبا،جت بتايُون بي ڏنگيُون"

هَوَرُ ج هَوَرَ: ذ. افواهه، ڪُوڙي خبر.

"محشر هُئو شُروع،هوائي هَوَرُ نه هو"

هورُ ج هورَ: ذ. هُرڪُر، ڪُتڪو.

هور پورڻ: هُرڪُر ختم ڪرڻ، ڳِڻتي مِٽائڻ.

"پور ته پوريون هور بخاري جموريون جمورا ٿا"

هُوڙهه ڪرڻ: جلد بازي ڪرڻ، تڪڙ ڪرڻ، هوڙهيائي ڪرڻ.

"مُون ڦهر چيو هُوڙهه ڪري قُرب نه ڪوريو"

هُوڙهيائِي: تڙتڪڙ، جلدي، اٻهرائي.

"هينئر هليو آءُ، هڪدم هُوڙهيائِي ڪري"

هوش روشن ٿيڻ: ذهن کُلڻ، سمجهه وڌڻ، عقل اُجاگر ٿيڻ.

"هوش روشن ٿيا، جوش جرڪِي پيا"

هُوشرو ج هُوشرا: ذ. افواهه، هُبڙ دٻڙ هوڪرو.

"چڱون پڇڻون ڳوٺن ۾ آ، هُوشرو شهرن ۾ آ"

هولُ ج هولَ: ذ. خوف،ڊپ، انديشو ڳڻتي

"اسين هول ڪري دل لائيون نه ٿا"

"هانءُ ڦاٽا ڪيترن جا هول ۾"

هُوندو: دولت يا ملڪيت.

"هُوندو ڏجي حال کي،آئيندو آئت"

هَونس[هُونس] ج هَونسُون: ث. شوق، خيال، ٻوءِ.

"هِير چيڙيم هَونس تي طُوفان چيڙيندو تان"

هَونڪ: ث. (جانورن جي سهڪ) بدبُوءِ، ڌَپ.

"هوائُن ۾ هَونڪ، ڪاڻان ڪوس گهرن ۾"

ھُونگ ج ھُونگُون: ٺ. ھونگارو، ھَڪل، آواز صدا.

"ھينان ھُونگ حيات جي، مٿان موت گجي"

ھُوءِ: ھُوڪَ، ھُل، غوغاء، ساراھہ.

"ھُئڻ تنھنجي ھُوءِ، ھميشہ ھوندي ھُئي"

ھَئو ھَئو ٿيڻ: ماڻھن جي موجودگي نہ ھئڻ، خاموشي ٿيڻ، ماڻھن جي سس پس بند ٿيڻ، اڪيلائي ٿيڻ.

"ماڻھن جي ھَئو ھَئو ٿري، ماڻھُون محبت ھَئو"

ھيج ھَڄڻ: شوق ماندو ٿيڻ، پيار پڄرڻ، خوشي ختم ٿيڻ.

"ڪيچ ٿيا ڪيرا، ھيج سيئي ھَڄ ۾"

ھِيرا: ھيروئني (ھِيروئنين ڪي طنز منجھان چيل)

"ھر جاءِ ھِيروئن، ھر جاڳھہ ھِيرا"

ھِير ٿيڻ: ٿڌي ھوا ٿيڻ.

"اوھين خوشبُوءِ پکيڙيندو،

تہ ٿڌڙي ھِير ٿينداسين"

ھِيرچيڙڻ: سُنائيءَ جو ذڪر چيڙڻ، ڦھلائڻ.

"ھِير چيڙيم ھَونس تي طوفان چيڙيندو وتان"

ھِيسُ ج ھِيسُون: دٻاءُ، دھمان، ڊپ، خوف

"ھِيس ڏاڍي وڌي، رِيس ناھي رَسِي"

ھِيس ھَڻي: خوف جي ھڪ ھَڻي، دٻدٻو دٻاءُ.

"جڳ ۾ جِٽ ڪِٽ جاري جنگ،

ھيڏي ساري ھِيس ھَڻي"

ي

يَخِي ڏيڻ: چِڙڻ، تِڙي پَئِڻ، بڪواس ڪرڻ، بڪ بڪ ڪرڻ.

يڙشِي ڏِيڻ: ٻيچارڻ، وڙھڻ لاءِ ھُڏِي ڏيڻ، ڪتن جو گرڻ، ڏند ڏيڻ، يشي ڏيڻ.

مُرليون ڪٽي نياريون،

جوڳي جوان ايندا،

"لوڏون جي ڏوڏ ڏاريون،

يڙشِيون يخيُون بہ ڏيندا،

سازي تہ پيا سڏيندا"

ISBN: 978-969-8194-94-9

Rs. 100 /=